


wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

Pdf make by Shahzado Narejo

مير عبدالرسول "مير" هن زماني جي نوجوانن شاعرن مان هڪ 'ڪافي گو شاعر' آهي. مون کي سندس ڪافيون 'زبان ءِ خيالن' جي ڪري بيحد پسند آهن. مير صاحب جون ڪافيون ريڊيو تان گهڻي وقت کان ٻُڌندو اچان.

حقيقت ۾ آئون جيڪا سنڌي زبان صحيح سمجهان ٿو، اُهائي مير صاحب جي زبان آهي.

مخدوم محمد زمان
"طالب المولىٰ"

wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"مير عبدالرسول مير جي روماني
پٽ حافظ راشد لطيفي کي
تحفي طور ارپيان ٿو.
پارت: مير اطهر رسول ٽالپر."

Pdf make by Shahzado Narejo

wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سُونهن وِرونهن

## (شاعري)

## مير عبدالرسول 'مير'

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2007ع

wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

Roshni Book No. 363

ڪتاب جو نالو: سُونهن وِرونهن
شاعر: مير عبدالرسول 'مير'
سهڪار: سنڌ ويژن، سنڌ
ٽائيٽل: منور ابڙو

ڇاپو پهريون: © روشني 2007ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد،
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ
قيمت: 200.00 روپيا

SOONH VIROONH

by: Mir Abdul Rasool 'Meer'
Co-operation by: Sindh Vision Sindh
Titile by: Munwar Abro

Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composer and Printer, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2007

## اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
ڀٽائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو - حيدرآباد
سڪندري بڪ ڊيپو - ڪپرو
ڪانياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
نيشنل بڪ ڊيپو، بندر روڊ - لاڙڪاڻو
نوراني بڪ ڊيپو، بندر روڊ - لاڙڪاڻو
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ - دادو
جنيد بوڪ ڊيپو - دادو
مرچو لال بوڪ ڊيپو - بدين
رحيم بڪ ڊيپو، بدين
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر
الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز - سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گلو چوڪ - خيرپور ميرس
قاسميه لائبريري - ڪنڊيارو
اشرف بڪ اسٽال، نوابشاهه
مڪتبه عزيزيه، کهڙا
محمد يوسف ميمڻ نيوز پيپر ايجنٽ، مورو

wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner


# سُونهن - سنڌاءُ


مهاڳ: ست - سئن - امداد حسيني 31-7
جوئي آهيان سوئي آهيان - مير عبدالرسول "مير" 42-32

□ بيت 64-43
□ وايون 88-65
□ ڪافيون 134-89
□ غزل 188-135
□ گيت 200-189
□ نظم 234-201
□ ٽه سٽا- چؤسٽا 250-235

مون کي تنهنجون سارون سهڻا! - محمود مغل 253-251
سونهري سٽون سرجيندڙ "مير" مختيار ملڪ 256-254


wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner




www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سچل

# سنڌ

# سُونهن

# جي

# نالي

wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## مهاڳ

# ست - سٽئن

توکي کھڙي
زندگي ڏيندا اُهي،
جن جي پنھنجي زندگي
پنھنجي نہ آ!

مير عبدالرسول ”مير“ جي هن مختصر نظم ۾ زندگيءَ جو حوالو آهي. زندگي، جيڪا هڪڙو پيروئي ملي ٿي ۽ اهو الميو گهٽ آهي تہ اُهائي زندگي پنھنجي هوندي بہ پنھنجي ناهي! ڇا ان نظم ۾ اسان جي پنھنجي زندگي ناهي؟ اهي چار سٽون، ٻارهن لفظ پوري زندگيءَ جو احاطو نہ ٿا ڪن؟ ان نظم ۾ گهري مايوسي آهي يا ڀرپور ڇتر؟! ان نظم ۾ اسان ”توکي“ آهيون، جنهن سان شاعر مخاطب آهي، يا اسين ”اُهي“ آهيون، جن بابت شاعر آگاهہ ڪري رهيو آهي تہ اُنهن جي تہ پنھنجي زندگي ئي سندن پنھنجي ناهي!

جن جي پنھنجي زندگي
پنھنجي نہ آ!

ڇا بہ هجي، پر زندگيءَ بابت اهڙي تلخ حقيقت بيان ڪندڙ شاعر جي زندگي وقف آهي پنھنجي ٻوليءَ لاءِ. هڪ شاعر جي زندگي پيتا آهي قوم ڪي. هو پنھنجي زندگي ارپي ٿو پوري انسان ذات کي، جيڪا ڄمي تہ آزاد ٿي، پر سنگهرن ۾ سلهاڙجي ٿي وڃي!

مير عبدالرسول ”مير“ هڪ شاعر آهي، جنهن کي لقب القاب جي ڪابہ لوڙهہ نہ آهي.

”مير“ هڪ منو ٿي پڙهڻ/ ٻُڌڻ جهڙو شاعر آهي، منهنجي يقيناً اها خوشنصيبي آهي تہ ڇپجڻ کان اڳي مون هن جي شاعري هن کان ئي ٻُڌي آهي

wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۽ اسڪرپٽ جي صورت ۾ پڙهي آهي. هن جي شاعري، هن جي واتان ٻڌڻ جو هڪ الڳ نشو آهي!

"مير" مدهوشي ۾ گذري زندگي،
هوش هاڻي ڏارجي ڇاجي ڪري!

"مير" مدهوشيءَ جي ڳالهه به پوري هوش ۾ تو ڪري. ايئن ئي هن جي شاعري نشو ٽوڙيندڙ به آهي. "مير" جون هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ذميواريون به وڏي وڃن ٿيون، جن مان هڪ بنيادي ذميواري پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن آهي:

تون ڪنڊ تون ڪتارو،
ٻيجل ۾ تون وسين ٿو.

شاعري فن آهي يا مقصد؟ ڇڙو ٽيڪنڪ آهي يا ٻولي؟ يا رڳو جذبا ۽ احساس آهي؟ ڇا فن ۽ مقصد الڳ شيون آهن؟ تند، ڪتاري، ڪنڊ وانگر هڪ ناهن!

تند ڪتارو ڪنڊ، ٽيئي پرتا پاڻ ۾.

(شاهه)

جيستائين خيال، گهاڙيتو ۽ معنيٰ هڪ نه ٿا ٿين، تيستائين ڪابه تخليق جنم نه ٿي وٺي سگهي، جيستائين سُر ۽ سر جو سنگم نه ٿو ٿئي، تيستائين ڪا پيتا، ڪا قرباني اگهامي به نه ٿي! شاعريءَ لاءِ بنيادي معيار ته اهوئي آهي ته اُها يا ته شاعري آهي يا شاعري ناهي! ۽ جڏهن اسان پوري سچائيءَ سان اُن ڪي شاعري چئون ٿا ته اُن سچائيءَ جو ثبوت خود اها شاعري آهي، شاعري جيڪا آزاديءَ جو گيت ئي ته آهي:

اهڙو ڏينهن به اچڻو آهي
آزاديءَ جو!
تنهنجي منهنجي آزادي،
ڳائڻ وارين جي آزادي،
ساري ڌرتيءَ جي آزادي!

ٽُٻڪي ڪي پرتويءَ ۾ ڦهلائڻ، پرتويءَ ڪي ٽٻڪي ۾ سمائڻ، شاعريءَ


Scanned with CamScanner

جو ڪارنامو آهي، شاعر تنهنجي، منهنجي، ڳائڻ وارين، ساريءَ ڌرتيءَ جي آزاديءَ جا سپنا ڏسي ٿو ۽ ساري سپ چمار اُنهن سپنن جي ساڀيان لاءِ جيءَ جاکوڙ ڪري ٿو ۽ ائين شاعريءَ جو اعليٰ ترين مقصد به متعين ٿئي ٿو ته ان مقصد کي ماڻڻ لاءِ اَميو اُتساهه پڻ ملي ٿو.

هونئن شاعري هڪ ڏکيو فن به آهي، جيڪو ڏات کان سواءِ ٺلهو ڍانڊو آهي، بوتو آهي ساهه کان سواءِ! ۽ ڏات جيڪا وديعت ٿئي ٿي ۽ ڪن ڀاڳن وارن کي ملي ٿي.

"عشق نه پڇي ذات" وانگر، پر جيئن:

نينهن نياپي نه ٿئي، سڏين سيڻ نه هون.

تيئن شاعريءَ ۾ مسلسل محنت/ رياضت لازمي آهي، شاهه سائين ان ڏس ۾ "وهڻ" ۽ "لهڻ" جي ڳالهه ڪري ٿو:

"ڏات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي."

شاعري هڪ اهڙو تخليقي عمل آهي، جيڪو پوري ڌيان- گيان سان ئي سرانجام ڏيڻي سگهجي ٿو. ان لاءِ ڏات ۽ ڏانءُ جو سنگم لازمي آهي.

مير عبدالرسول "مير" جي شاعريءَ ۾ اسان کي مختلف صنفون ملن ٿيون. جيئن گيت، بيت، وائي، ڪافي، غزل، نظم، آزاد نظم ۽ ٽيڙو...! هڪڙي ڀير ۽ "مير" مون کان پڇيو، "امداد! توکي ڪهڙي صنف پسند آهي؟" مون ٺڙ ٺپ وراڻيو، "صنف نازڪ" ۽ ان تي اسان جو گڏيل ٺهڪ پُريو هو ڪمري ۾. ڪيس چيم "منهنجي لاءِ شاعريءَ جي هر صنف نازڪ آهي" چاڪاڻ ته هر صنف جا پنهنجا لوازمات آهن، پنهنجون تقاضائون آهن، رڳو غزل لاءِ ئي مخصوص ناهي ته اهائي هڪ "شرم ٻوٽي" آهي ۽ ٻيون سڀ صنفون "بي شرم ٻوٽيون" آهن! حميد شهيد هالائيءَ جي شعري مجموعي "پيار جا پوپٽ ۽ چاهت جا گلاب" جي مهاڳ ۽ ذوالفقار راشديءَ جي شعري مجموعي "اڌ لکيون سٽون" جي مهاڳ ۾ غزل تي گهڻو ڪجهه لکيو اٿم، جيڪو هتي ورجائڻ نه ٿو چاهيان، مون لاءِ، اوهان لاءِ، "مير" لاءِ ۽ خود غزل لاءِ سٺو ايئن ٿيندو ته "مير" جي غزل جي حوالي سان ڳالهه ڪجي. مختصر بحر ۾ غزل جو هي تجربو ڏسو:


Scanned with CamScanner

ڪينهي ته اهو سماج/ زندگيءَ کان ڪٽيل ۽ پولار ۾ ٽنگيل آهي! فرق رڳو اهو آهي ته آرٽ/ فن- زندگيءَ/ سماج کي اڇاترو نه، بلڪ گهرائيءَ سان ڏسي/ ڪٺي ٿو:

کُهه ٿو ڪاڳر ڪوريين، ويٺو وڃائين مس،
ڏور تٺائين ڏس، اکر جنائين جُڙيا.

(شاهه)

شاعري خيال ۽ جذبا به آهن ته ٽيڪنڪ به ۽ ٻوليءَ وسيلي ئي اُهي ظهور پذير ٿين ٿا. يا ٻولي انهن وسيلي! نه رڳو خيال پاروٿو نه هجي، ٽيڪنڪ جڙتو نه هجي ۽ ٻولي "ٻي" نه هجي، بلڪ سيڪجهه پنهنجو هجي، مڱيل نه هجي. اصلي هجي، تخليقي هجي. شاعريءَ جو جواز به هجي، ڪارڻ به هجي، بلڪ ائين جيئن پاڻ کي ياد نه رکڻ جو ڪارڻ تو کان وسري وڃڻ آهي:

ياد ناهيان پاڻ کي،
تو کان جو وسري ويس!

(پر نصير مرزا "مير" کي نه ٿو وساري ۽ "امرتا غزل رنگ" جي آمهاڳ ۾ "مير" جي غزل جو (ڪنهن حوالي سان) ذڪر ڪري ٿو پر "امرتا غزل رنگ" جي سهيڙيندڙ فقير محمد ڊول کان "مير" جو غزل ڏيڻ وسري وڃي ٿو!)

خود شاعر وٽ به شعر چوڻ جو جواز موجود هئڻ گهرجي، توڙي جو هُو ان جواز کان ڪٿي واقف نه به هجي، ڇاڪاڻ ته هُو وجداني ڪيفيت ۾ شعر چوي ٿو. لاشعوري شعوريت/ شعوري لاشعوريت واري ان لمحاتي ڪيفياتي سرچشمي جو منڍ ڪٿي آهي؟ ان جي خبر ڪنهن کي به ناهي! خود شاعر کي به نه:

سونهن کي سينگارجي ڇاجي ڪري،
عطر گل تي هارجي ڇاجي ڪري!

سادگي بي ساختگي شاعريءَ جو مکيه گڻ- سگڻ آهي، جيڪو جڙتو يا هٿرادو طور نه ٿو اچي سگهي.

تنهنجي هڪڙيءَ ناز نظر ۾،
جڻ ڪونين سمايا آهن.

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"مير" سان منهنجي پهرين ملاقات، وسيم سومري جي غزل- مجموعي جي مهورت پيري، نوابشاهه ۾ ٿي هئي ۽ مون کي پنهنجو شعر هانوتي هُريو هو:

پهريون پيرو ملڻ، پهريون پيرو نه لڳو،
ڇو الائي ته ايئن ڀاسيو توکي مون کي.

ان رات فنڪشن کان پوءِ ڪچهري ڪندي، ڳالهه قري "ڪافيءَ" تي ٿي دري. ڪافيءَ جو ڪوتا اتهاس ۾ پد، ان جو ماضي، حال ۽ مستقبل. "مير" جي پرپٽ واقفيت به ڪافيار شاعر طور ئي ٿي هئي، پر مهاڳ لکڻ لاءِ پهرين "مير" غزلن وارو پاڳو مون کي ڏنو. KTN واري مشاعري ۾، جنهن ۾ اسين پهريون پيرو گڏ هئاسين. "مير" غزل ئي پڙهيو هو. (منهنجو سؤٽ شبير "هاتف" جيڪو پاڻ به غزل جو شاعر آهي، چوندو آهي ته "مشاعرو معنيٰ غزل!" اها راءِ روايتي ٽائيپ مشاعري لاءِ ته صحيح ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ "آهه- واهه" جو شور هوندو آهي، پر اسان جي دور ان روايت کي به ٽوڙيو ۽ نيون روايتون قائم ڪيون ۽ مشاعرن ۾ گيت، بيت، وايون، نظم، آزاد نظم... به پيش ٿيڻ لڳا.) ڪيس هن شعر تي ڏاڍو داد مليو ۽ اهو شعر مون کي ياد رهجي ويو:

پيڏيءَ کان هيٺ پاڻي آ،
درياهه شاهه ۾ آهيان!

سنڌوءَ تي، مهراڻ تي، اباسين تي، شينهن درياهه تي، انهيءَ ڏونئري ڏينهن ڏاڙي تي-اهو شعر، اهي به سٽون، اهي ڪل نَو لفظ. گهٽو ڪجهه چئي وڃن ٿا ۽ اهڙو شعر اهوئي شاعر لکي سگهي ٿو، جنهن جي اکين جو پاڻي مري نه چڪو هوندو آهي ۽ اهو اصول پوري شاعريءَ سان لاڳو سمجهڻ کپي. اهو اک جو پاڻ ئي شاعر جي روح کي سيراب ڪندو آهي ۽ هو پنهنجي شاعريءَ وسيلي ٻڌندڙن/ پڙهندڙن جي روح کي سيراب ڪندو آهي. اها بنيادي ڳالهه شاعريءَ جي پرک ۾ اسان جي واهر ڪري سگهي ٿي ته جيڪڏهن شاعر جي اکين ۾ پاڻي نه آهي ته پوءِ انهن ۾ ڪو به عڪس نه جهلڪندو. انهيءَ غزل جو هڪ ٻيو دل کي ڇهندڙ شعر:

توڏي اڃان پيو ٿو مان،
تنهنجي ئي راهه ۾ آهيان.

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاعري ”توڏي اچڻ“ ۽ ”تنهنجي راهه ۾ هجڻ“ وارو عمل آهي. اهائي وات- سوات شاعر اسان کي ڏسي ٿو. اسين اها وات- سوات نٿا ڏسون/ وٺون ته ڏوهه ڪنهن جو؟ ميار ڪنهن تي؟ لاڪيٽي لطيف اسان اواٽن لاءِ چيو آهي:

اڄا تون اَوات، واٽان پاسي ويسري،
سُونهي ٿي سُوات، ته منجهان دل دگ لهين.

مٿي جيڪي ”درياهه شاهه“ ۽ ”تنهنجي راهه“ وارا شعر ڏنا اٿم، اُهي غزل جا شعر آهن. ان غزل جو فارميٽ/ گهاڙيٽو مختلف ۽ منفرد آهي. ان ڪري نه ته ان گهاڙيٽي/ وزن ۾ يا غزل جي زبان ۾. انهيءَ زمين ۾ ڪنهن شعر نه چيو آهي. بلڪ ان ڪري ته اهڙو ڪو بحر وزن ئي ڪونهي ۽ اهو ”مير“ جو ايجاديل/ تخليقيل آهي. ”مير“ ٽيڪنڪ جي تجربي جو جوکم ڪنيو آهي. رائج بحر وزن ۾ ته اهڙا ڪوڙ تجربا ڪيا ويا آهن. مثلاً مڪمل وزن بدران اڌ وزن ڪتب آڻڻ، يا ڪو/ ڪي رڪن گهٽائي/ وڌائي ڇڏڻ. اهڙا تجربا ڪرڻ ڪين. ان ڏس ۾ ماترڪ ڇند تي آڌارڪ غزل جو خاص طور تي ذڪر ڪرڻ ٿو گهران. پر ان ڏس ۾ انتهائي خبرداريءَ ۽ ذميواريءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي. انهن شعرن کي ماترڪ ڇند تي آڌارڪ ان ڪري نه چيم جو ان غزل ۾ اڪر حذف ڪرڻ جي عروضي رعايت ورتايل آهي. نه ته:

توڏي اچان پيو ٿو مان

۽

درياهه شاهه ۾ آهيان

چوڏهن ماترائن جون ستون آهن. جڏهن ته

تنهنجي ئي راهه ۾ آهيان.

۽

پيڏيءَ کان هيٺ پاٽي آ.

وارين سٽن ۾ ”ئي“ بدران ”ئ“ ۽ ”کان“ بدران ”ک“ ڪرڻو پوندو. ظاهر آهي ته اهڙي تجربي لاءِ بحر وزن جي ڄاڻ ضروري آهي ۽ شاعر توڙي شاعريءَ لاءِ اها ڄاڻ Plus point آهي.

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاعر کي اوريجنل هئڻ گهرجي ۽ تجربي جو جوکم کڻڻ جو ساهس رکندو هجي، پنهنجا گهاڙيٽا (Forms) تخليق ڪري سگهي، جيئن "مير" جي هڪ غزل جا چند بند:

هر سائبانُ آستانُ تي نہ سگهي ٿو،
هر آستانُ گلستانُ تي نہ سگهي ٿو.

هت رات تي مگر، ڪٿي تہ ڏينهن بہ هوندو،
سورج ڪڏهن بہ لامڪانُ تي نہ سگهي ٿو.

تون بيوفا ڪٿي هجين بہ، "مير" کيَ ليڪن،
اهڙو ڪڏهن بہ ڪو گمانُ تي نہ سگهي ٿو.

مٿئين غزل جو گهاڙيٽو/ بحر/ وزن سنڌي شاعريءَ ۾ آهي ئي ڪونہ! يقيناً اهو سيڪجهہ "مير" جو ايجاديل آهي، جيڪو سٺو سنوڻ آهي. مون کي "مير" جي شعرن ۾ لفظن جي بيهڪ مان اندازو ٿئي ٿو تہ "مير" کي عروض جي چڱي ڄاڻ آهي، حقيقت ۾ شاعر جي سرشت ۾ بحر، وزن، ماترڪ ڇند، ردم، سر، لئي... موجود هوندي آهي. سوال ان جي ورتاءَ جو آهي. شاعر جي سهج سڀاءَ جو آهي. مهارت جو آهي. ڏانوَ جو آهي، پر اهو سيڪجهہ ڏات کان پوءِ آهي. ڏات ۽ ڏانءُ سنڌيءَ جا بہ اهڙا لفظ/ اصطلاح آهن، جيڪي ڪنهن بہ شاعر جي شاعريءَ جي پرک/ وياکياڻ جو بنيادي ماڻ آهن. "مير" پنهنجي ڪنهن غزل ۾ ڏات کي ماکي ۽ فن کي مصري چيو آهي. مون کي خبر ناهي تہ ايئن هن قافئي نڀائڻ لاءِ ڪيو آهي يا واقعي هو ڏات کي ماکي ۽ فن کي مصري سمجهي بہ ٿو! هڪ ڏاتار کي پنهنجي ڏات آڌار وهہ کي امرت ڪرڻ جي سگهہ هوندي آهي. ڏات رڳو ماکي ناهي ۽ فن رڳو مٺاڻ جو ڇاٽو ناهي، بلڪ وهہ- وٽو بہ آهي، هڪ شاعر، هڪ ڏاتار اهو وهہ- وٽو هارڻ بدران پيئي ٿو:

"عاشق زهر پياڪ، وهہ ڏسي وهسن گهڻو"

۽ ايئن هو سقراط جي پر پاري ٿو ۽ جڳ کي امرت آڇي ٿو، سقراط

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي جڏهن فرار ٿيڻ لاءِ چيو ويو، تڏهن هن نابري واري ”ايٿنز ۾ ڪو ته سچ جو ساٿ ڏئي!“ سنڌ به هڪ ايٿنز ئي ته آهي، جتي زندگيءَ کي زهر ڪيو ويو آهي! ڇا هڪ شاعر ان وهه کي امرت ڪرڻ واري فرض کان آگاهه آهي؟ پوري قوم جي نگهوسار ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو آهي! شاعر نه رڳو ان خطري کان آگاهه هئڻ کپي، بلڪ پنهنجي ذات ۽ ڏانوَ سان ان خطري مان قوم کي پار اُڪارڻ لاءِ مسلسل سرگرم عمل به رهڻ کپي ۽ ان لاءِ اکين ۾ پاڻي هجڻ واري ڳالهه مان مٿي ڪري آيو آهيان. درد جي ڳالهه هتي ٿو ڪريان. اکين ۾ پاڻي، دل ۾ درد ۽ اهو به ڌرتيءَ جو درد، جيستائين ناهي، تيستائين ذات- ڏانءُ مڪمل ناهي:

درد نه جنهن ۾ ڌرتيءَ جو آ،
ڏانءُ اڌورو، ذات اڌوري!

ڇاڪاڻ ته هر شاعر جي سڃاڻپ ان جو ساٿيهه آهي:

سڃي لوڪ مون کي سڃاتو تڏهن،
جڏهن سنڌ جي ڳالهه تي او پرين!

هڪ شاعر مختلف وقتن، حالتن، ماحول، موڊ ۽ ڪيفيتن ۾ شعر تخليق ڪري ٿو. هو ذهن ۾ سرجيل تخليق کي پني تي لکي نه لکي، ان کي منظر عام تي آڻي نه آڻي، ڇپائي نه ڇپائي، اهو سڀ هن جي مرضيءَ تي منحصر آهي، پر هن جي شاعريءَ تي لکڻ واري لاءِ ڀي ڪابه واهه ناهي، سواءِ ان تي لکڻ جي! مون ”مير“ جو ڪلام مختلف حالتن، ماحول، موڊ ۽ ڪيفيت ۾ پڙهيو آهي. مختلف شهرن ۽ پهرن ۾ اهو ڏٺو آهي. ان تي مارڪنگ ڪئي آهي. مختلف پنن تي نوٽس ورتا اٿم، پوءِ انهن کي هڪ هنڌ سهيڙڻ به منهنجي لاءِ ڏکيو ٿي پيو. ڪي گم به ٿيا ويا. شميشير جي اها ڳالهه صحيح آهي ته هڪ شاعر لاءِ ڇپجڻ، بلڪ ڇپجندو رهڻ لازمي آهي. ڇو ته ان کي پڙهي هڪ راءِ جڙي ٿي ۽ شاعر تائين پهچي ٿي ۽ هُو پنهنجي پڙهندڙن/ ساٿارين/ نقادن جي راءِ کان آگاهه ٿئي ٿو. لکت ۾ توڙي زباني طور تي ائين هن جي شاعريءَ جي ملهه- ڪٿ ٿيندي آهي، جيڪا شاعر لاءِ اهم ٿي سگهي ٿي ۽ هو پنهنجي پڙهندڙن جو هڪ سڃاڻ حلقو پيدا ڪري سگهي ٿو.

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'روح رهاڻ'، 'سهڻي' ۽ 'مهراڻ' ان ڏس ۾ هڪ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. انهن رسالن ۾ خطن وارو پاڱو به اوڏي دلچسپيءَ سان پڙهيو ويندو هو، جيڏا ٻيا پاڱا. ايئن هڪ تنقيدي لهجو اُسريو ۽ اختلاف راءِ رکڻ ۽ برداشت ڪرڻ جو ماحول جُڙيو ۽ مجموعي طور تي ادب جمود جي شڪار ٿيڻ کان نه رڳو بچي ويو، پر ان دور جي شاعرن پنهنجي لوڪ- ڪلاسيڪل اتهاس سان رشتو جوڙي نيون روايتون پڻ قائم ڪيون، پر هاڻي حالتون ٻيون آهن. اڄ نه ''روح رهاڻ'' آهي نه ئي ''سهڻي''- ان سڄي صورتحال کي جيڪڏهن خواجه سليم احمد جي لفظن ۾ بيان ڪجي ته سٺو ٿيندو. اهي لفظ هن پنهنجي هڪ اخباري ادبي صفحي لاءِ ورتل انٽرويو ۾ چيا هئا، جڏهن مون هن کان نه لکڻ جو ڪارڻ پڇيو هو، تڏهن جواب ۾ هن نه لکڻ جو ڪارڻ ڪنهن Collective Purpose جو نه هجڻ ڄاڻايو هو! شاعريءَ، ادب ۾ اجتماعي مقصد جو نه هجڻ، ان جي تباهيءَ جو وڏو ڪارڻ آهي، نتيجو؟ جن شاعرن وڏا وڏا بت ڊاٺا، خود انهن جا بت ڪڙا ڪيا ويا!

سنڌي ادب جا ٻيا سڀ مسئلا حل ٿيل فرض ڪيا ويا ۽ واحد مسئلو صرف اهو وڃي رهيو ته لطيف کان پوءِ وڏي ۾ وڏو شاعر ڪير آهي؟ سياسي سازش کي پرکڻ ۽ وائکي ڪرڻ بدران، ادبي سياسي سازش جو چار وڇايو ويو! ادارن کي تباهه ڪيو ويو، سنڌ جي مفادن تي ذاتي ۽ گروهي مفادن کي ترجيح ڏني وئي، ادب کي سياست جي تابع ڪرڻ جي فتويٰ صادر فرمائي وئي! ايئن ادب جي مزاحمتي ۽ مدافعتي قوت کي ڪمزور ڪرڻ واري ڌارين جي ايجنڊا، ڄاتي اڄاتي، تڪميلي مرحلي ۾ اچي وئي. اهو دور ون يونٽ کان پوءِ وارو آهي. انهيءَ ئي دور ۾ مير عبدالرسول ''مير'' لکڻ جو آغاز ڪيو ۽ هن مجموعي کي سهيڙڻ تائين ۽ ان کان پوءِ به لکندو رهيو آهي. جڏهن ته انهيءَ دور ۾ ڪيترن شاعرن يا ته لکڻ ڇڏي ڏنو يا وري پنهنجي نظرين ۽ آدرشن تي نظر ثاني ڪيائون. ڪي وري شهنشاهه غزل، بادشاهه غزل، شهزاده غزل ٻڻجي/ ٻڻائجي ويا. جڏهن ته شهنشاهتون ۽ بادشاهتون، تاج ۽ تخت شاعرن جي ٺوڪر ۾ هوندا آهن.

مير عبدالرسول ''ملير'' پيشور شاعر نه آهي، بلڪ ڪرت جي لحاظ کان هُو سائنس جو ماڻهو آهي. فزڪس جو پروفيسر آهي ۽ هن وقت گورنمينٽ

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچل سرمست سائنس ڪامرس، آرٽس ڊگري ڪاليج نوابشاهه جو پرنسپال آهي. فزڪس ۽ شاعريءَ جو توڙي ٻين علمن ۽ شاعريءَ جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟ اهو هڪ الڳ موضوع آهي.

”مير“ آڏو سنڌ ۽ سنڌوءَ ڪان سواءِ شاعريءَ جو ڪوبه ڪارج ناهي:

نہ ڪا سنڌ جنهن ۾ نہ سنڌو هجي،
اهو شعر يا شاعري ڇا ڪبي!

اڄڪلهه غزل سنڌي شاعريءَ جي مقبول ترين صنف آهي. غزل جا ڍار مجموعا اچي رهيا آهن. ڪتابي سلسلن جا غزل نمبر اچي رهيا آهن. هڪ ايڊيٽر ڪي شاعري ڏنم، هن نہ ڇپي، ڪارڻ؟ ان ڪتابي سلسلي ۾ پهرين غزل ڇپيا آهن ۽ منهنجي ڏنل شاعريءَ ۾ غزل نہ هو. اڄرڄ ٿيندو ائم تہ هن ڌرتيءَ تي سڀ ڪان وڌيڪ ڏکڻي جنس غزل گو شاعر آهن. پوءِ ڇاهي ”گُلَ“ سان ”دِل“ يا ”بادَلَ“ سان ”منزِل“ جو قافيو ئي ڇو نہ آڻيندا هجن! حرڪات ۽ سڪنات، تذڪير ۽ تانيث جي فرق ڪان اڻڄاڻ ئي ڇو نہ هجن!

عروض ڪي سنڌ ۾ آئي، اڍائي سؤ سالن ڪان مٿي عرصو ٿي چڪو آهي، عروض سان ئي غزل جي صنف سنڌ ۾ وارد ٿي. منهنجي راءِ ۾ غزل هڪ صنف بہ آهي تہ رويو بہ. پر شاعرن جو ”غزل“ سان ڪهڙو رويو رهيو؟ سهل پسنديءَ وارو؟ فيشن پرستيءَ وارو؟ يا تقليد وارو؟ احساس برتريءَ وارو يا احساس ڪمتريءَ وارو؟ فارسيت يا اڙدوئيت وارو؟ انهيءَ تي الڳ بحث ڪجي تہ بهتر!

سچل ڪان ”مير“ تائين پهچندي پهچندي غزل جي گهاڙيٽي ۾ تجربا ٿيا آهن تہ ان ۾ نوان نوان موضوع بہ آيا آهن، ”مير“ غزل ڪي زندگيءَ جي ويجهو آندو آهي:

ڪُتن جي غريبن تي ساڳي اُها ٻچ،
وڏيرن جا وانا مٿيا ڪين آهن!

هاڻي جيڪڏهن ڪير ائين چئي تہ اهو غزل جو موضوع ئي ناهي، نثر جو آهي، تقرير جو آهي، نعريبازي آهي يا ڪو موضوع ئي نہ آهي تہ اسين ڇا ٿا ڪري سگهون! ممڪن آهي تہ تغزل جو روح پٽڪو بہ ڇالو ٿي وڃي. جڏهن تہ


Scanned with CamScanner

حميد شهيد هالائيءَ منهنجي نظمن ۾ لاڪيٽي لطيف جي بيتن ۾ به تغزل جو ڏس ڏنو آهي. ايئن هن تغزل کي محدود مان ڪڍي لامحدود ڪري ڇڏيو آهي. اشاري ڪنائي ۾ خوبصورت تخليق ڪرڻ ئي فن/ آرٽ جي منتها آهي، اهو ڳڻ مجموعي شاعريءَ لاءِ آهي، نه ڪي ڪنهن مخصوص صنف لاءِ!

مٿئين شعر لاءِ ڪير ائين چئي ته اهو ته سڌو سنئون چيل آهي. بنان ڪنهن اشاري ڪنائي جي! ته اها به ان شعر جي هڪ خوبي ٿي سگهي ٿي. مان ايئن نه ٿو چوان ته اهو ان شعر جو پهريون تاثر آهي، پر مان اهو ٿو چوان ته ان ظاهري سطح کان هيٺ لهڻ جي، گهري وڃڻ جي ذميواري به پوري ڪرڻ جڳائي. مثلاً ان شعر ۾ جيڪا حقيقت بياني آهي، منظر آهي، ٻولي آهي، ان تي به ڌيان ڏيڻ کپي، ان ۾ هڪ لفظ آهي "واڻا"- ٿي سگهي ٿو ته اهو لفظ اڳ ۾ به ڪنهن ڪتب آندو هجي. اهو شڪار جو اصطلاح آهي، سو به سوئر جي شڪار جو. سوئر کي هٿن سان وٺڻ وارا، پر ان شعر ۾ شڪار "ماڻهو" آهي. غريب، هٿين خالي ۽ ڪتن جي ٻچ! ماڻهوءَ تي ڪتن جي ٻچ قديم ترين ۽ خوفناڪ سزا! هڪ انتهائي انساني تذليل، جيڪا هر دور ۾ روا رکي وئي آهي. تڏهن ڪان جڏهن ڪان ڪتو انسان جو دوست بڻيو آهي. آمريڪا (وڏيرو) عراق (غريب) سان به اهوئي ته ڪجهه ڪري رهيو آهي. ان جا واڻا آهن ۽ شڪار آهي ماڻهو.

"مير" اهڙي سمنه مليم، جڏهن مان سنڌي شاعريءَ مان مايوس ٿي رهيو هئس. ساڻس ملي ۽ سندس شاعري پڙهي، مون کي نئون اتساهه مليو، جڏهن ته "مير" به شايد ان ساڳي پيڙا مان گذري رهيو هو:

اي پيتائي! سنڌ جي،
شاعري ڪاڏي وئي!

ظاهر آهي ته اهو سوال مجموعي شاعريءَ جي حوالي سان ڪيل آهي ۽ پيتائيءَ ڪان ڪيل آهي، پر ان جو جواب اسان کي ڏيڻو آهي. اهڙو سوال اسان مان گهڻن جي ذهن ۾ آهي؟ آهي به ته ڪنهن پڇڻ جو ست ساريو آهي؟ اهڙا سوال جيڪي نقاد کي پڇڻ ۽ ان جا جواب لهڻ کپن، اهي شاعر ٿو اُٿاري. ڪارڻ؟ نقاد ناهي، نقاد جو ڪم به شاعر جي ذمي آهي. مون هڪ مشاعري جي حوالي سان چيو هو ته سنڌي شاعري مَقام بدان مُقام ۾ پهچي وئي آهي! ان تي

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ بحث ڇڙي پيو، ڪنهن مون کي صحيح چيو، ڪنهن غلط! تاج بلوچ چيو ”سنڌي شاعري نه پر، امداد جي شاعري مُقام ۾ پهچي وئي آهي!“ جڏهن ته هو ”سوجهرو“ ۾ منهنجي شاعري ڇپيندو رهيو ۽ پوءِ به هن مون کان شاعري گهري هئي. تاج پاڻ به پوري سنڌي ادب لاءِ ان کان به اُگري ڳالهه ڪئي آهي ته ”سنڌي ادب زوال پذير قدرن جي ور چڙهي ويو آهي. ”مير“ ته اجا به چيندڙ لهجي ۾ ڳالهه ڪئي آهي:

شاعري ڪاڏي وئي!

اتو پتو ئي ڪونهي ته شاعري وئي ڪاڏي؟! جڏهن ته شاعري اتي ئي هئي اسان سان گڏ انهيءَ ڪمري ۾:

ڪڪرن هنيا دس،
ڪاري رات اُماس وئي!
جاڳايو تو جُوءِ کي، جيئڙا هجني جس،
ڪاري رات اُماس وئي!

هڪ شاعر جو اوجاڳو جُوءِ کي جاڳائڻ لاءِ آهي. شاعر ان لاءِ جيئڙي کي جس ٿو ڏئي، پر مان هر ان شاعر کي جس ٿو ڏيان، جيڪو پنهنجي ذميواريءَ کي سمجهي ۽ نڀائي ٿو. شاعر راتيون جاڳي ڪرٽا ڪرٽا شاعري ٿو تخليقي، جيڪا ڏيهه/ ڏيهن تي ڏينهن بڻجي اُجاگر ٿئي ٿي ۽ اهو سڀ ”عشق“ کان سواءِ ممڪن ناهي:

سوا عشق جي زندگي ڇا ڪبي،
اڪين کان سوا، روشني ڇا ڪبي.

اسين پنهنجي شاعرن مان ٻولي، موضوع، تخيل، صنف، گهاڙيٽي... جي ڏس ۾ ذميواريءَ جي توقع رکون ٿا. ”مير“ کي پنهنجي شاعريءَ بابت مون ڏاڍو ڪانشس ڏٺو آهي. هڪ شاعر جو پنهنجي شاعريءَ بابت ڪانشس هئڻ سياڻپ آهي. ان ڪري به ”مير“ جو شاعريءَ سان ناتو ڪيتي به ڇڳو ناهي!

ڀلا تو ڪان ڪٿن مان جدا ٿي سگهان ٿو،
ڏٺو ٿئي ته پاڻيءَ کان پاڻي ڇڳو آ!

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مير“ جي لهجي ۾ ٻوليءَ تي الڳ سان لکڻ گهرجي، خاص طور تي هن وقت جيڪو خيرپوري لهجو ۾ خيرپوري ٻولي آهي، جنهن ۾ سچل سرمست جي لهجي ۾ ٻوليءَ جو سواد ۽ سڳنڌ آهي:

حالت منهنجي هانءَ جي،
جيئن ڪا اڌ ڪٽي-
جا ڪئون هوءَ رُٺي!
سانوڻ گذري ويو الا،
هڪ نه ٻوند وُٺي،
جا ڪئون هوءَ رُٺي!

جڏهن اسين شاعريءَ ۾ لهجي (Diction) جي ڳالهه ڪريون ٿا، تڏهن ٻولي، سياءُ، اسلوب، ايڪسپريشن، لفظن جي چونڊ، اصطلاح... ايستائين جو بيهڪ جون نشانيون به ان ۾ اچي وڃن ٿيون، ٻولي، جنهن ۾ ماءُ لولي ٿي ڏئي، سا ته آهي ئي، پر ان جو جيڪو Diction آهي، جيڪو رس- چس آهي، جيڪا جهيلار آهي، جيڪي ساهيون، اپساهيون آهن. سُر جو چڙهڻ/ ڪٽڻ آهي، پيار پاٻوهه آهي، انهيءَ گهر جي توڙي تر جي ٻولي، لهجي يا Diction جو شاعريءَ ۾ اچڻ سياويڪ آهي. هونئن ته سنڌي ٻوليءَ جي هر لهجي کي ورتائڻ ۾ ڪوبه اهم ڪونهي، پر ان جا به وڏا لهجا، لاڙي، اترادي، شاعريءَ ۾ هجن ته اَسياويڪ ناهي.

هوند نه بچي هيڪڙو، ڌرتيءَ تي ڏاريو،
مرو يا ماريو،
راند رچايو رت جي!

ان ڏس ۾ يعني Diction بابت به لاڪيٽو لطيف اسان جو سونهون آهي. شعوريت، لاشعوريت به ان ڏس ۾ بحث هيٺ اچي سگهي ٿي، پر Diction جو مدار شاعر جي سهج سياءَ تي آهي. اهو فطري هوندو آهي. پنهنجي متقدمين جو. ان ڏس ۾ ايپاس جلا وارو ڪم ڪري ٿو. مون کي انهن شاعرن جي ناداريءَ تي افسوس ٿيندو آهي، جن جو پنهنجو Diction نه هوندو آهي، ڪن شاعرن وٽ ڊڪشن جو مطلب صرف هن (آهن)، هان (آهيان)، آن (آهين) ئي آهي، سنڌي ٻوليءَ کي مخففات جو هڪ سرشتو آهي، اهو انهن ٽن لفظن

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تائين محدود ناهي، جن جو بي دريغ استعمال هڪ ”بدعت“ جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. ”مير“، جيستائين مون ڪيس پڙهيو آهي، ان بدعت کان بچيل آهي.

بيت منهنجي پسند جي صنف آهي، پر سيني وصفين سهڻو بيت چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ”مير“ بيت به لکيا آهن:

ساجهه رکي سچ جي، وڪون وير وڏاءِ
وڏندي ئي ورناءِ، سڏڙا سهڻي سنڌ جا.

ساجهه رکي سچ جي، ٻولي ٻي وسار،
توکي ساري سنڌڙي، سنڌڙيءَ کي تون سار،
ٻيهر ٻولي وار، دولهه دريا خان جي.

”ساجهه رکي سچ جي“ سنگهر وارا بيت آهن. اها به ڪلاسيڪل روايت آهي. ”ڏٺم ساري ڏيهه ۾“، ”اڪڙيون مير عجيب جون“، ”سونهن به ساڳي سومرا“ به سنگهر وارا بيت آهن. ”مير“ کي بيت چوڻ جو ڏانءُ آهي ۽ ڪيس بيت ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. مون به سندس بيتن تي وڌيڪ لکڻ ٿي گهريو، پر هي بيت مون کي سڀ کان آخر ۾ ڏنا آهن. پيو ته مان ”مير“ جي غزل جي زلف گرهه گير ۾ ڦاسي پيس، ان ڪري ئي هن جي ڪافين، وائين، نظمن ۽ بيتن تي ايترو نه لکي سگهيو آهيان، جيترو اُهي لهڻن ٿا:

توکئن سمجهيو سچ کي، قابو ڪندي تون،
سنگهرون تتنديون سومرا، ڏاڍ ڏهاڙا ڏون،
اُپ ڪر تون اوت کي، پلي متي پون،
”مير“ اچي ٿي مون، پوءِ به مهڪ ”ملير“ جي.

سونهن به ساڳي سومرا، ميرو ناهي منهن،
سانگيئڙن جو سنهن، جهڙي آيس، آهيان.

توڙي ٿهري ڪانَ، ڪارونجهر جي ڪُڪ ۾،
سوچن جا سامانَ، پو به ڏئي ٿو ڏيهه کي.

ساروئي سبحان، اکڙيون ”مير“ عجيب جون،
متان ماپين مانُ، متان پوين مامري!

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون کي خبر ناهي تہ ”مير“ کي ماترڪ ڇند جي ڪيتري ڄاڻ آهي! منهنجي راءِ ۾ ماترڪ ڇند اسان جي مزاج وٽان ان ڪري بہ آهي جو اهو سرشتو جي دل - ڌرتيءَ مان ڦٽي نڪتو آهي ۽ شاعريءَ جو هڪ اڃوءِ سڌريل سرشتو بہ آهي.

جڏهن مان ائين ٿو چوان تہ ”مير“ کي بيت چوڻ جو ڏانءُ آهي تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ هن جي بيت ۾ تخليقت، ٻولي، فارميٽ، موضوع ڏاڍي سَرلتا سان آيو آهي. جيئن غزل سهٽو اُهو آهي، جنهن جا سيئي شعر سهٽا هجن، تيئن بيت ۾ بہ هر پد ٻئي پد سان جڙيل هجي ۽ ايندڙ پد کي هٿي پڻ ڏئي، بلڪ پهرين کان آخر تائين اها سَرلتا ۽ سهجتا قائم رهي. انهيءَ سبب لاءِ ماترڪ ڇند سرشتي جي ڄاڻ ظاهر آهي تہ Plus point آهي:

ڏنم ساري ڏيهہ ۾، ماڻهن جا ميلا،
ٻاريائون ٻيلا، امن سنڌي آڙ ۾.

عروض رڪنن جو بحر آهي ۽ ماترڪ ڇند سُرتي آڌارڪ آهي. اکر/ حرف/ شبد بہ آواز/ سُر/ صوت آهي، ٻنهي عروض/ ڇند ۾ حذف جو پنهنجو طريقو آهي. پهرئين ۾ حرف علت حذف ڪرڻ/ ڪيرائڻ جي رعايت آهي، جڏهن تہ ٻئي ۾ آواز حذف ٿئي ٿو. خود سنڌي ٻولي بہ سُر تي آڌارڪ ٻولي آهي ۽ ان ڪري ماترڪ ڇند سنڌي شاعريءَ لاءِ هڪ فطري بحر/ سرشتو آهي.
مٿي جيڪو بيت ڏنو اٿم، ان جو موضوع/ مضمون پڌرو آهي. ان ۾ جنهن صورتحال جو ذڪر آهي، ڇا اهو مکي ڍنڍ وارو ساڳيو منظر نہ آهي؟ سنڌ جي ٻيلن کي ٻارڻ ۽ ان ٻاهہ تي هٿ سيڪڻ! پهرين ڏاڙيل پيدا ڪرڻ، انهن کي تاتڻ، سنڌين کي سنڌين هٿان ڪٽائڻ/ مارائڻ- پوءِ ٻيلن کي ٻاري صاف ڪري ٿاڪ ۽ ٽاڪا قائم ڪرڻ ڪيڏي نہ سولائيءَ سان ويرين جي پنجوڙ ۾ اڃي ڦاسندا رهيا آهيون! ٽڙيءَ وارا ۽ واٽا اسان جا پنهنجا هوندا آهن ۽ ڏڦيرن جي مهاڳي اڃي اسان کي ڪڍندا آهن! بيت ۾ تڪ/ قافئي جو هنڌ مقرر آهي، آخري سٽ ۾ تڪ لازمي طور تي پهرئين پد جي پڇاڙيءَ ۾ اچي ٿي، پر تڪ تز هئڻ گهرجي. ان ڏس ۾ اهو ڌيان رکڻ ضروري آهي تہ سنڌيءَ ۾ حرف جي پڇاڙي متحرڪ هوندي آهي، نہ ڪي ساڪن، ان ڪري قافئيءِ جي چونڊ سچيتائيءَ سان ڪرڻ گهرجي. بيت بابت بنيادي ڳالهہ جيڪا بہ پوري شاعريءَ سان لاڳو سمجهڻ گهرجي، سا اها آهي تہ بيت وحدانيت کان سواءِ نہ ٿو چئي سگهجي، نہ ئي چوڻ گهرجي، چيو/ لکيو پيو وڃي تہ اها ٻي ڳالهہ آهي، مون

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهرين ٻه چيو آهي ته بيت اسان جي مزاج وٽان آهي، ان ڪري بيت چوڻ ٻه ڏاڍو سولو آهي، جيئن سگهڙن جا بيت آهن ۽ ان لاءِ هڪ باقاعدي روايت ٻه آهي! جيئن عروض محض ”فاعلاتن فاعلات“ ناهي تيئن بيت ٻه چڙو 13-11 ماترائون نه آهي! نه ئي محض تڪ بندي، بلڪل ائين جيئن غزل رڳو قافئي بازي ناهي! ان لاءِ اپياس لازمي آهي، جيڪڏهن مان ائين چوان ته ”بيت جو اپياس پنهنجي اتهاس جو اپياس آهي“ ته غلط نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ان ڏس ۾ جيڪڏهن مان وجدان جي ڳالهه ڪريان ٿو، تڏهن لازمي طور ڪلاسيڪل بيت ۽ خاص طور تي لطيف سائينءَ جي بيت تي ڌيان ڏيڻ جي ڳالهه ڪريان ٿو، ساڳئي وقت لطيف سائينءَ ڪان متاثر ٿيڻ ۽ ان کي ڪاپي ڪرڻ ٻه مختلف ڳالهيون آهن، ظاهر آهي ته اها سچي ذميواري شاعر تي آهي ته هو لفاظيءَ ڪان بچي. ساڳئي وقت هڪ شاعر پنهنجي شاعريءَ تي پاڻ نظرثاني ڪري ته وڌيڪ سٺو آهي. شاعريءَ ۾ آڳ لهرائڻ، سهل پسندي ۽ فيشن پرستي ڪار نه آهي. شمشير جي ان ڳالهه ته هڪ شاعر لاءِ ڇيڇڻ لازمي آهي، جي يقيناً اهميت آهي ته جيئن شاعر جي شاعري پڙهندڙن تائين پهچي، جن لاءِ هو لکي ٿو ۽ اُتان جيڪا موٽ ملي ٿي، اها خود شاعر لاءِ اُتساهه جو ڪارڻ بڻجي ٿي. نقاد ٻه هن جي ڪلام جي ملهه- ڪٿ تڏهن ئي ڪري سگهي ٿو، جڏهن اهو ڇپيل صورت ۾ ان جي آڏو هوندو. اها ملهه- ڪٿ/ تنقيد/ پرک ڇپيل صورت ۾ وري ٻه پڙهندڙن تائين پهچي ٿي ۽ انهن وٽ ٻه پنهنجي هڪ راءِ جڙي ٿي. مير عبدالرسول ”مير“ جو ڪلام هاڻي اُنهيءَ ڇيڇڻ واري ھئي مرحلي مان اُڪري پڙهندڙن ۽ نقادن تائين پهتو آهي ۽ مون کي اُميد آهي ته اُهي ان جي آجيان ڪندا.

شاعري فن ٻه آهي ته مقصد ٻه، ٻولي ٻه آهي ته معنيٰ ٻه. ”مير“ وٽ فن، مقصد، ٻولي ۽ معنيٰ آهي، ان ڪري هن وٽ شاعري ٻه آهي. ڪڏهن ڪڏهن ”مير“ ۽ ان جي شاعريءَ سان ايترو دير سان ملڻ تي افسوس ٿيندو اٿم، پر شايد ائين ئي ٿيڻو هو، ڪيترائي امڪان اسان جي وهم گمان ۾ ٻه نه هوندا آهن، پر اهي ئي تي رهندا آهن شاعريءَ وانگي. انهن کي ڪير ٻه نه ٿو روڪي سگهي، خود شاعر ٻه نه! بلڪ اُهي امڪان خود سندس هٿان ظهور پذير ٿيندا آهن.

مير عبدالرسول ”مير“ وائي ٻه لکي آهي، هن جي وائيءَ ۾ جيڪا دين آهي سنڌي شاعريءَ کي، انهيءَ تي گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو. مثلاً

wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وائيءَ ۾ هن جيڪي تجربا ڪيا آهن، هن عروض تي به وايون چيون/ لکيون آهن، انهن ۾ هن جيڪو انگ رنگ رکيو آهي، جيڪي موضوع ڪنيا آهن يا جيڪا ٻولي ڪتب آندي آهي، انهن سڀني تي لکي سگهجي ٿو ۽ لکڻ به گهرجي، پر ان لاءِ ظاهر آهي ته وقت درڪار آهي ۽ اهو ضروري به ناهي ته سيڪجهه هتي ئي لکيو وڃي، پر مون کي پڪ آهي ته نه رڳو ”مير“ جي وائيءَ تي، بلڪ هن جي سڀني صنفن تي به لکيو ويندو. هتي مان ”مير“ جي هڪ وائي ڏيڻ چاهيان ٿو:

ماروُ سڀ مهانُ،
ڪوبه نه ميرو من جو!
ايندو ايندو او ميان، اُتر ڪو انسانُ!
ايندو ايندو اوچتو، تڪڙو ڪو طوفانُ!
ڪيرائيندو ڪوٽ ڪي، آزاديءَ اعلانُ!
اوچو آهي اُپ ڪان، متيءَ سندو مانُ!
آهي اسان جو عمر، آزادي عنوانُ!
ماروُ سڀ مهانُ،
ڪوبه نه ميرو من جو!

جڏهن مان پنهنجي لوڪ- ڪلاسيڪل سان رشتي جوڙڻ جي ڳالهه ڪريان ٿو ته ان جي معنيٰ اها ناهي ته فيشن طور لوڪ- ڪلاسيڪل تمثيلن، استعارن، ڪردارن جو ذڪر ڪيو وڃي يا صنفن/ ٻوليءَ کي ورتايو وڃي، قطعي نه، بلڪ ان مان منهنجي مراد اها آهي ته:

چنڊ تان نه پيو، هي سڳ نه چنڊ جهڙو.

ان لاءِ پنهنجي لوڪ- ڪلاسيڪل اتهاس جو ڳوڙهو اڀياس لازمي آهي ۽ ان کي پنهنجي وجود ۾ جذب ڪري، پنهنجي روح جو حصو بنائڻ لازمي آهي، بلڪل ايئن جيئن سون کي پگهاري ڪو نئون ڳهه جوڙڻ:

ڪَهي رَسبو ڪيچ ڪي،
ڏونگر هڪ ڏاڪو!
پيڙو پنيراڪو،
اونداهي اڌ رات وئي!


Scanned with CamScanner

پنهنجي شاندار ۽ لازوال اتهاس تي فخر ڪرڻ جو مطلب نه رڳو ڪنهن احساس برتريءَ ۾ مبتلا ٿيڻ ناهي، بلڪ ڪنهن احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿيڻ به ناهي! ٿورن لفظن ۾ ته مان ”جڙ“ سان جُڙڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان.

”چتَ پراوا ڪين وٺن، پنهنجي لوئي لاڪ - رتي!“

(تنوير)

اڄ جڏهن اسين ڏِس وڃائي ويٺا آهيون هر شعبي ۾، پوءِ اهو شعر/ ادب هجي، سماج هجي، سياست هجي، تعليم يا زراعت هجي، قدر هجن يا آدرش، اسان جي ذهن ۾ ڪنهن ماڳ جو تصور ئي ناهي، ان ڪري اهڙي ڪنهن مارڳ تي پير به پنڌ ۾ ناهن، جنهن لاءِ لاڪيڻي لطيف چيو آهي ته:

وڏا طالع تن جا، جي مارڳ منجهه مرن!

جڏهن اجتماعيت جي سڏ جو پڙاڏو به نه هجي، تڏهن انفرادي رنگ- رتي لهر، اڳتي هلي ٻين لهرن سان ٻڪجي سنڌوءَ جي سير جو روپ ڌاري سگهي ٿي. ”مير“ جي شاعري به اهڙي رنگ- رتي لهر آهي، مون پهرين به چيو آهي ته هڪ شاعر ۾ غير معمولي سٽن سرجڻ جي سگهه هوندي آهي:

ڏِس هوءَ ڪني سج جي، اُبري ٿو اوير،
تون چو ماندي مارئي!

”مير“ مارئي جي مارن لاءِ اُڪير ڪي ڪيڏي نه خوبصورت ۽ تزتشبيهه ٿو ڏئي:

مارن ڏاران مارئي، مڃي ڏاران جرَ
ٿيج پياري تر
سنگهارن کي سورجي!

”مير“ جي واين جي وراڻي سٽن/ مصراعن سان نهڪندڙ آهي. هو ”مارئي“ کي ”ماروي“ ڪونه ٿو سڏي:

سنڌوءَ سڪل پيٽ ڪان،
ماندي من مهراڻ ڪان،
پيڇڙو پوي ٿو،
ڪڏهن رسبو ڪيچ کي!

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"مير" ڪنهن به واد وواد کان، تڪرار کان، ڪنترو ورسيءَ کان پري، پنهنجي تخليقي ڪم ۾ رڌل رهيو آهي. مشاعرن ۾ به هُو ويجهڙ ۾ شريڪ ٿيڻ لڳو آهي. شاعر ڪان شاعري گهرڻ جو به رواج نه رهيو آهي. "مير" پاڻ ڪيڏانهن شاعري موڪلي ڪونه! هليءَ چليءَ پٽاندر پاڻ توپلا پائڻ جي فطرتاً خلاف آهي. هر شاعر هليءَ چليءَ جي خلاف هوندو آهي، هو بحر/ وزن/ ماترڪ ڇند جي خانن ۾ لفظ فٽ نه ڪندو آهي، بلڪ بي معنيٰ لفظن کي معنيٰ عطا ڪندو آهي. هن جو من مهراڻ، سياري، اونهاري ماندو رهندو آهي. هن کي وير به ويساند نه هوندي آهي:

پوريءَ پي نه تات، جيڪا سا جتن جي.

هڪ شاعر "اوپر ٿو اُپري" وانگر هوندو آهي نت نت نوان گيت ئي هن جا ميت هوندا آهن:

سي ئي منهنجا سپرين، سي ئي منهنجا ميت،
گونجي منهنجا گيت،
ماڻهن ڏيندا ماڻهپو!

هڪ شاعر جي سُر سان واقفيت لازمي آهي، خود لفظ جو سُر سان ناتو سدا جو آهي، ڇاڪاڻ ته سُر ٻين آهي ۽ ڪافي، وائي، گيت ۽ بيت سريليون صنفون آهن، غزل به هن دائري، سُر جي سهائي دائري ۾ اچي ٿو/ سگهي ٿو.

"مير" وٽ اهي چارئي صنفون ملن ٿيون. پابند نظم به ان دائري ۾ سمجهڻ کپي. بيدل مسرور پابند نظم به ڳايا آهن. جديد دور ۾ گيت، وائي غزل يا پابند نظم سُر ۾ نه ڇيا ويا. سُر انهن کي پوءِ مليا آهن ۽ اڪثر کي ته مليا به ڪونه آهن نه اڳي نه وري پوءِ.

"مير" جيئن ته ڪافي به سٺي چئي/ لکي آهي ۽ اسين ڄاڻون ٿا ته سنڌي شاعريءَ ۾ ڪافي هڪ منفرد ۽ مختلف صنف آهي، هونئن ته سموري شاعريءَ لاءِ، پر ڪافيءَ لاءِ خاص طور تي سُر سان واقفيت لازمي آهي، ڇاڪاڻ ته ڪافي لکي نه پر جهونگاري ڇئبي ۽ ٻڌبي آهي، ان ڪري ان ڳالهه ڪرڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته "مير" سُر سواد جي به ڄاڻ رکي ٿو. سنڌس ڪافيون به معنيٰ، مقصديت ۽ گهاڙيٽي جي حوالي سان وڏو مقام رکن ٿيون:

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر هر منهنجي پر ۾ ويهي،
جانب ڪئي آ مون سان جيهي،
چڻ تہ پکيئڙو هو پرڏيهي،
ڏيهہ پرائي اُڏري ويو!

ڪافي "مير" جي پسند جي صنف آهي تہ غزل بہ. هن جون ڪافيون ڳايون بہ ويون آهن، سنڌ جي تقريباً سريلن فنڪارن سندس ڪافيون وڏي چاهہ ۽ اتساهہ سان ڳايون آهن، جن ۾ محمد يوسف، انور حسين وسطڙو، قوتو زرداري، ممتاز لاشاري، برڪت علي پٽ، وحيد علي، اياز علي، منظور سخيراڻي، مصري فقير، عابده پروين، حميرا چنا ۽ ٻيا فنڪار/ فنڪارائون شامل آهن ۽ ٽي وي، ريڊيو تان نشر بہ ٿيون آهن. ڪئسٽن ۾ بہ آهن، ڪنهن بہ صنف جو ڪو روپ گهاڙيٽو/ سٽاءُ/ سُر/ ردم... وزن/ ڇند... ڪنهن شاعر وٽ وڏيڪ هوندو آهي، ائين ڪٿي ڇئجي تہ اهو شاعر جي آنت تي چڙهيل هوندو آهي. هوئنن هي گهاڙيٽو ڪافيءَ جو عام گهاڙيٽو پڻ آهي:

هن حال تي ڪنهن جو وس نہ هليو،
ڪنهن ڏاهي جو ڪو ڏس نہ هليو،
ڪو منزل پاسي گس نہ هليو،
رَس هيٺيءَ جا همراهہ سڄڻ،

ڪتي آهين بيپرواهہ سڄڻ،
اڪيون روز ڏسن تنهنجي راهہ سڄڻ!

ائين هر مصرع جون ٽي سٽون هم قافيا ۽ چوٿين سٽ ٿلهہ سان هم قافيا هوندي آهي. هي ٿل ڪيڏو نہ سادو بي ساختہ ۽ سرل آهي:

لکي روز ليا چو پائين ٿو،
اڄ سامهون، ڇو شرمائين ٿو!

ٿل جي ٻنهي سٽن ۾ "ڇو" جو لفظ آهي، جيڪو "ٿو" (رديف) سان هم قافيا بہ آهي يا "مير" جي هڪ غزل جي سٽ آهي:

سرتي مس مس پرتي آ.

تہ سنڌي شاعريءَ ۾ اهو اندروني قافئي وارو ڳڻ - سڳڻ تہ سَنڌي ٻوليءَ

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو ڳڻ- سڳڻ آهي ۽ شاعريءَ ۾ ان جو اوتجڻ فطري آهي، تاج جوئي ته ان جو ڪريڊٽ به شيخ اياز کي ڏنو آهي، ته اهو ستاءُ اندروني قافين وارو، اياز کان شروع ٿئي ٿو. جڏهن ته اياز پاڻ لاڪيٽي لطيف کان ڪٽڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان جو اياز پاڻ اعتراف به ڪيو آهي:

مُنيس جهل مهار، ڪُنيس ڪاهه مَ ڪرهو. (شاهه)

گوريءَ گجري پير ۾، چوريءَ ڪيئن اچي. (اياز)

انهيءَ ڳڻ- سڳڻ جو ڏس ته لوڪ - ڪلاسيڪل شاعريءَ کان به آڳاٽو ملي ٿو، چوٽين ۽ پهاڪن واري دؤر کان مثلاً:

جهڙا ڪانگ، تهڙا ٻچا

ڪافيءَ جي صنف ۾ ته اهو رنگ، تڪ بنديءَ وارو، الڳ روايت آهي، هتي مان صرف هڪ مثال ڏيندس:

تو نين، دن رين، مان چين [چايا
اُنهيءَ چوٽ، اٿموٽ، ڪئين گهوٽ [گهايا

مير عبدالرسول ”مير“ سان جڏهن به ملاقات ٿيندي آهي، تڏهن پڪ ٿيندي اٿم ته مير، واقعي بادشاهه هوندا آهن! هن جا حڪم، آر ۽ پور سڀ شاهاڻا هوندا آهن. 23 آگسٽ 2003ع تي سحر جي شعري مجموعي ”چوڏهين چنڊ آڪاس“ جي مهورتي تقريب اٽينڊ ڪرڻ آيو ته 29 آگسٽ 2003ع تي سنڌي ادبي سنگت شاخ قائد عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي نوابشاهه پاران سائٽس ملهائجندڙ شام ۾، منهنجي لاءِ هن پاڻ ئي طئي ڪري ڇڏيو هو ته (1) مان مشاعري جي صدارت پيو ڪريان (2) مان هن تي ڳالهايان پيو، ۽ (3) مهاڳ مان ان ۾ هڪ لفظ به نه هوندو. اهو هن Final Verdict طور چيو هو ۽ انتهائي سنجيدگيءَ سان چيو. مون ڪيس پل لاءِ ڏٺو ۽ چيو ”هڪڙو هو سيد سڳورو...!“ هن تڙتپ چيو ”ابا اجهو...!“ ائين مان ڪيس ڪونه ڪو ٿوڪو ٻڌائي، انهيءَ سنجيدگيءَ مان، جيڪا هو پاڻ تي طاري ڪري وٺندو آهي، ٻاهر آڻڻ جو جتن ڪندو آهيان. ”مير“ جو گهٽ ڇپجڻ يا ادبي تقريبن مان پري رهڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ يا هن پاڻ اها گوشه نشيني اختيار ڪئي؟ سو ته

wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هو پاڻ ڇاڻي، پر ڪوبه تخليقڪار ڪنهن ميتا لاءِ، ڪنهن به پذيرائيءَ لاءِ تخليق نه ڪندو آهي، پر هو جيڪي ڪجهه به تخليقيندو آهي ۽ جن لاءِ تخليقيندو آهي، اهو انهن تائين نه پهچي ته پوءِ ڏوهه ڪنهن جو؟

مون ڏنو تنهنجي هٿن ۾ هيءَ ڪتابُ
شاعريءَ جو،
رهبريءَ جو،
زندگيءَ جو،
روشنيءَ جو!
پو به جي توکي ملي ٿي ڪانه ڪائي
راهه روشن،
يا نه ٿو رستو ملي اڳتي وڌڻ جو،
۽ اڃا پيي ماڳ ۽ مارڳ نه ٿا توکي ملن!
پو ڀلا مان ڇا ڪريان!
مون ڏنو تنهنجي هٿن ۾ هي ڪتابُ
رهبريءَ جو،
زندگيءَ جو،
روشنيءَ جو
شاعريءَ جو!
جيڪڏهن تو ۾ نه آهي ڪو شعور!
ڏوهه ڪنهن جو؟

”مير“ آڏو شاعري زندگيءَ، رهبريءَ ۽ روشنيءَ جو نالو آهي ۽ اها رهبري، اها زندگي، اها روشني اسان تائين نه ٿي پهچي ته پوءِ ڏوهه ڪنهن جو؟ ۽ جيڪو شاعر:

آزاديءَ ڪي ڳائي ڏس تون...

جهڙي ست- سٺن هٽي ٿو. اها ست - سٺن ئي اسان تائين نه ٿي پهچي ته پوءِ آزادي ڪيئن پهچندي؟! آزادي جيڪا غلاميءَ جي تضاد ۾ ۽ ان سان مسلسل متصادم پڻ آهي، بلڪ ائين جيئن زندگي موت سان، روشني سياهيءَ سان! مهاڳ لکندي به مون کي احساسُ رهيو ته ڪٿي مان ”مير“ جي غزل جي زلف گرهه گير ۾ گهيرجي نه رهجي وڃان! ۽ جيئن ڦٽڪان تيئن

ڦاسندو وڃان. اڪثر غزل گو شاعر غزل بابت ڪم فهميءَ، ڪج فهميءَ، غلط فهميءَ ۽ خوش فهميءَ ۾ مبتلا هوندا آهن.

"مير" جي غزل ۾ ڪجهه وڌيڪ ئي رُڃي ٿي ڏسجي "مير" غزل کي يقيناً اوچ ڏني آهي، پر غزل ۾ هو گهٽ ۾ پاڳي رومانوي آهي، جڏهن ته نظم ۾ هُو وڌيڪ ڳنڀير آهي، توڙي جو نظم کي ڳنڀيرتا سان نه ڪنيو اٿس، جڏهن ته نظم ۾ وڌيڪ پاور فل به آهي، خاص ڪري آزاد نظم ۾ جڏهن هو قافئي جي ڪاٺ کي ڍاهي پٽ ڪري ٿو ۽ ٺهيل ٺڪيل قالبن کي تياڳي ٿو:

موت جو احساس رک!
پر انهيءَ جي خوف ۾،
ڏس متان گهبرائجي
گُم ٿي وڃين، جو
زندگي وسري وڃئي!

انهيءَ مختصر نظم ۾ ٻن حقيقتن جي ڳالهه ٿيل آهي، موت ۽ زندگي! شاعر وٽ ٻنهي جي پنهنجي پنهنجي الڳ ڪيتري اهميت آهي؟ ان جي چند لفظن ۾ گهٽ ۾ وضاحت ڪيل آهي ۽ اهائي شاعري آهي ته شاعريءَ جي خوبصورتي به آهي!

24 آگسٽ واري ملاقات ۾، جنهن جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، "مير" پنهنجي شاعريءَ جي پنن کي، جيڪي هن مهاڳ لکڻ لاءِ مون کي ڏنا هئا ۽ مون هيٺ مٿي ڪري ڇڏيا هئا، اصل ستاءَ سان رکي رهيو هو ته هڪ غزل کي ڏسي چيائين ته "هن تي ڪجهه ڪونه لکيو اٿئي!" ۽ مان رڳو مُرڪيو هئس ۽ "مير" الاءِ غزليه، الاءِ تغزليه ترنگ ۾ پنهنجي ان غزل جو هڪ شعر ٻڌايو ۽ داد لاءِ ترسڻ کان سواءِ چيائين ته "غزل به ظالم شيءِ آهي!" اها ست "مير" چوڏهن ماترائن ۾ چئي هئي ۽ مان ان سان گرهه ملائڻ لاءِ سوچي رهيو هوس ته "مير" اُتاولائيءَ مان پڇيو "ڪيئن؟" تڏهن ڪيس چيم ته تو چوڏهن ماترائن ۾ ست چئي آهي ۽ ان سان مون گرهه ملائي:

طيءِ آهي، بس طيءِ آهي،
غزل به ظالم شيءِ آهي.

پوءِ ڪيس چيم ته غزل مظلوم شيءِ به آهي! اصل ۾ نه رڳو غزل کي، پر

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجموعي سنڌي شاعريءَ کي ڪنهن به تڪلف ۽ تصنع کان پاڪ هئڻ گهرجي ۽ ان کي تخليقي سطح تي ورتائڻ گهرجي.

"مير" جي هڪ آزاد نظم جو عنوان آهي "ڪارو تهه" ان نظم ۾ ڪهاڻيءَ جي عنصر بابت ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو ته. نظم ۾ ٽي ڪردار آهن، مال، گراهڪ ۽ ڪتاڪار (ڪوي). مان اها ڪتا نثر ۾ ٻڌائي، نظم جو سسپنس/ مزو ختمُ ڪرڻ نه ٿو گهران ته اهو منظر ڪتي اسان جو اڳ به ڏٺل وائنل ته نه آهي؟ جنهن ڪي اسين ڏٺو/ اڻ ڏٺو ڪري ڇڏيندا آهيون يا اها ڪتا ٻڌي/ اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندا آهيون! اهڙا منظر ڏسي به نظرون ڦيرائي ڇڏيندا آهيون! ان نظم "ڪارو تهه" ۾ شاعران ڪردار (مال) جي مجبوري ڏيکاري آهي، جڏهن ته هاڻي اها مجبوري نه پر ڏنڊو آهي!

نه ڇپجڻ ۽ ادبي تقريبن ۾ عدم شرڪت جا فائدا به آهن ته نقصان به. "مير" کي ان جو فائدو ته اهو ٿيو آهي ته هو ڪنهن به ڪنٽروورسيءَ ۽ ادبي گدلاڻ کان بچي ويو آهي ۽ نقصان اهو ته شاعريءَ جي حوالي سان هن جو نالو ايترو نه ٿو ورتو وڃي، جيترو هو لهڻي! اهو صحيح آهي ته هڪ شاعر ڪنهن نفعي نقصان لاءِ نه لکندو آهي ۽ اسان جو نقصان اهو ٿيو آهي ته اسين "مير" جي شاعري پڙهڻ کان وانجهيل رهياسين!

شاعري، اها به سنڌي شاعري، ڪتل ڪاون تي پيرين اگهاڙي پنڌ آهي ۽ "مير" شاعريءَ سان اها پريت واري پت پاريندو رهيو آهي.

پيار ڪرڻ کان پهرين پيارا،
پيرن هيٺان ڪانو ڪر!

پر "مير" تائين، هڪ شاعر ۽ ان جي شاعريءَ، زنده شاعريءَ تائين پهچڻ لاءِ اسان جي پيرن هيٺيان ڪوبه ڪانو ڪونهي!

**امداد حسيني**
21 سيپٽمبر 2004ع
ڄامر شورو

wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# جوئي آهيان، سو ئي آهيان

مون کي افلاطون جو اهو قول عجيب لڳندو آهي تہ "عشق جو ڇهاءُ هر ماڻهوءَ کي شاعر بڻائي ڇڏيندو آهي." منهنجي خيال ۾ ڪوبہ ماڻهو حادثاتي/ اتفاقي طور شاعر ٿي نٿو سگهي. هر شاعر تہ عاشق هوندو آهي، ليڪن هر عاشق شاعر ناهي هوندو. منهنجو ان ڳالهہ تي ويساهہ آهي تہ شاعر "ڄائي ڄم" کان فطري طور شاعر ئي هوندو آهي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو لکڻ جو عمل ڪڏهن ٿو شروع ڪري، ان جو دارومدار حالتن تي بہ ٿي سگهي ٿو.

مان شاعريءَ کي "گفٽ آف گاڊ" سمجهان ٿو. شاعري، موسيقي ۽ مصوري انسان جون اعليٰ خوبيون ليکجن ٿيون، جن کي "لطيف فن" سڏجي ٿو. موسيقي ۽ مصوريءَ جي حاصلات لاءِ علم/ ڄاڻ جو هجڻ ضروري آهي. ليڪن شاعري، جيڪا منهنجي خيال ۾ لطيف فن جي حوالي سان انسان جي اعليٰ ترين خوبي آهي، ان لاءِ ڄاڻ يا علم جو هجڻ ضروري ناهي، دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا شاعر ٿي گذريا آهن، جن رسمي تعليم ڪڏهن بہ ڪٿان بہ حاصل ناهي ڪئي، پوءِ بہ شاعريءَ ۾ سندن منفرد مقام رهيو آهي، اهو سڀ ڪجهہ پيدائشي شاعر هجڻ جو سبب آهي، سڪڻ، سوچڻ ۽ سمجهڻ جو عمل جمڻ کان پوءِ ئي وجود ۾ اچي ٿو. ان ڪري اهو بہ چيو ويندو آهي تہ، شاعر الله تعاليٰ جا شاگرد هوندا آهن. شاعريءَ مان حِظ حاصل ڪرڻ لاءِ بہ تعليم يافتہ هجڻ جو شرط ضروري ناهي، شاعريءَ جي سحر مان پڙهيل اڻ پڙهيل، ڪوبہ انسان آجو ٿي نٿو سگهي.

ٻهراڙيءَ جي ٻار هجڻ سبب وستين واهڻن ۾ ڪيڏجندڙ ٻين راندين سوڌو ريڊيو جا سنڌي پروگرام ٻڌڻ، منهنجي لاءِ وندر، وروندهن هوندا هئا. اٺويهہ سؤ سٺ جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ سنڌي ڪلام ٻڌي، انهن جي ڏنن تي ڏنگيون، ڦڏيون سٽون، جهونگارڻ کان پوءِ، لکي وٺندو هئس. پر اها ڄاڻ ڪانہ هوندي هيم تہ ڇا لکيو اٿم! پرائمري تعليم کان پوءِ مون کي جڏهن پنهنجو پاڻ تي شاعر هجڻ جو گمان ٿيو تہ اُهي ڏنگيون ڦڏيون سٽون بہ لکڻ ڇڏي ڏنم،

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇاڪاڻ تہ مون کي الائي ڇو اهو احساس ٿيو تہ شاعر پنهنجو ”ايم. آف لائيف“ پورو ڪري ناهن سگهندا!

تنهن ڪري پنهنجو پاڻ کي پابند (Self Commitment) ڪيم تہ جيستائين مان پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي لائق نٿو ٿيان، تيستائين شاعري نہ ڪندم، يا ائين ڪري چئجي تہ مون ڇاٽي واٽي شاعريءَ سان بيوفائيءَ ڪرڻ شروع ڪئي. شاعري جڏهن سورنهن سينگار ڪري جهڙ ڦڙ جي منڊ ۾ منهنجي وجود سان ڇهتي ڇنبڙي، مون ۾ سمائڻ جي ڪندي هئي تہ، بجاءِ ڪيس ڪلي ڪيڪارڻ جي، مان اهو چئي سندس آس نراس ڪري ڇڏيندو هئس تہ منهنجو ڪجھ وقت انتظار ڪر، مان پنهنجي ۽ پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ ڪجھ ڪرڻ چاهيان ٿو! پرائمري تعليم دوران، ذهين شاگرد هجڻ سبب، ڪلاس جي استاد مانواري امير بخش تنيي، ڊبل پروموشن ڏنو ۽ اهڙي ريت هڪ ئي سال ۾ بہ ڪلاس پاس ڪري، پنهنجي پاٽيجي غلام سرور ۽ ماروت امداد عليءَ سان ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ شروع ڪيم. جيڪي عمر ۾ مون کان بہ بہ سال وڏا هئا. ان کان پوءِ ساڳي ئي ڳوٺ اڳڙا جي مڊل اسڪول ۾ پڙهڻ شروع ڪيم، جتي ٻين استادن سميت هڪ استاد تاج محمد سمون (تاجل بيوس) بہ پڙهائيندو هو. اٺون ڪلاس پاس ڪري اُتي هاءِ اسڪول نہ هجڻ ڪري، پنهنجي پاٽيجي ۽ ماروت سان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽري ميرواه ۾ سائنس گروپ ۾ داخلا ورتم، جتي منهنجو سؤٽ مير دين محمد ٽالپر فرسٽ اسسٽنٽ طور ڪم ڪندو هو. 1966ع ۾ ڏهون ڪلاس پاس ڪري حيدرآباد جو رُخ ڪيم، ”جيڏو تنهنجو نانءُ، مون کي اوڏو آسرو“. حيدرآباد شهر منهنجو ڏٺل بہ ڪونہ هو، بس توڪل جو تُرهو ٻڌي نڪري پيس، نيٺ هٽي وڃي هنڌ ڪيم. سچل سرمست سائنس ڪاليج ۾ فرسٽ ايئر پري انجنيئرنگ ۾ داخلا ملي وئي، جتي ناميارا استاد محترم ڪاڪا محمد حيات (سابق چيئرمين بورڊ آف ايجوڪيشن حيدرآباد) ۽ محترم شفيق پراچا بہ پڙهائيندا هئا. انٽر سائنس جو امتحان پاس ڪري، بي. ايس. سي گورنمينٽ ممتاز ڪاليج خيرپور مان ڪيم ۽ آخر ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي فزڪس ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا ورتم، جتان 1972ع ۾ ايم ايس سي پاس ڪيم. رزلٽ 1973ع ۾ نڪتي، جنهن کان پوءِ سٽ ئي خوشقسمتيءَ سان ميرٽ جي بنياد تي مئي 1973ع تي مون کي گورنمينٽ سچل سرمست سائنس، ڪامرس، آرٽس ڊگري ڪاليج نوابشاهہ ۾ ليڪچرشپ ملي وئي. مون سک جو ساهہ کنيو، ڇاڪاڻ تہ منهنجي زندگيءَ جو مقصد (Aim of Life) بہ اهوئي هو.

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1970ع جي ڍاڪي ۾ روس ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ لاءِ منهنجي سليڪشن ٿي ۽ ڪئپٽن عثمان علي عيسانيءَ ڪراچيءَ ۾ ملاقات دوران مون کي ترت تياري ڪرڻ جو چيئي، ٻڌايو ته هڪ هفتي اندر اتي پهچڻو آهي. سنڌ مان صرف ٻن اميدوارن جي سليڪشن ٿي هئي. مون سگهوئي تياري ڪري روس پهچڻ جا خواب ڏسڻ شروع ڪيا. تانجو مهينو گذري ويو، نيٺ تذهوڪي واسطيدار سيڪشن آفيسر اي. ايڇ قريشيءَ کي اسلام آباد صحيح صورتحال معلوم ڪرڻ لاءِ فون ڪيم، جواب ۾ مسٽر قريشيءَ پنهنجي روايتي لهجي ۾ وڏو ٺهڪ ڏيندي چيو ته "بهائی صاحب! جن کو جانا تها، وه تو چلے گئے" اها ڳالهه ٻڌي، منهنجا ته ٽپ ئي ٽري ويا!

تنهن کان پوءِ مون اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ رياستي ادارن کان فارين اسڪالر شپ وٺڻ وارو ڪشتو ئي هميشه لاءِ پيچي پورا ڪري ڇڏيو. "يلي بک برم جي شال نه وجي شانُ". ليڪن خدا تعاليٰ پنهنجو ڪرم ڪري منهنجو پرم رکيو ۽ اڄ مان مٿي ذڪر ڪيل اداري ۾ پرنسپال جي حيثيت ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهيان ته ساندهه ٽيٽيهن سالن کان سچل سائينءَ جي خدمت ڪرڻ جو شرف به حاصل ڪري چڪو آهيان، مان پنهنجو پاڻ کي سچل سائينءَ جي پُڪي ۾ هجڻ جو اعزاز پائيندو آهيان، ڇاڪاڻ ته منهنجي ڪاليجي تعليم ۽ ڪيريئر جي ابتدا به سائنس منسوب ٿيل ادارن سان ٿي ته جنم پومي به سندس نگري ڳوٺ رئيس مهر علي خان ٽالپر (محترم والد صاحب جي نالي سان منسوب ٿيل) آهي.

منهنجو جڏهن فزڪس ۾ ليڪچرار ٿيڻ جو خواب پورو ٿيو ته مون پنهنجي ذات ڏانهن واجهايو، جيڪا هڪ عاشق جان ڪنهن عرصي کان منهنجي منتظر هئي، "جتي اوهان ڇڏيون، اُتي ئي آهين." مون شاعريءَ کي پاڪر ۾ پري ورتو ۽ هوءَ به اوهيرا ڪري مون تي وسڻ لڳي ۽ ان طرح مون شاعريءَ جي باضابطه شروعات ڪئي. ٿوري ئي عرصي ۾ مون ايترو لکيو، جو نه لکڻ واري وقت جي ڪسر نڪري وئي. مون کي سائين شمشير الحيدريءَ جي اها دعويٰ، جيڪا هن پي ٽي ويءَ جي هڪ انٽرويو ۾ محترمه مهتاب اڪبر راشديءَ پاران پُڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ ڪئي هئي، پڌري پٽ نظر آئي، ته "ڪنهن به تخليقڪار جي نه لکڻ وارو وقت به سندس تخليقي عمل ۾ شامل هجي ٿو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ عرصي دوران سندس تخليق لاشعور ۾ جمع ٿيندي وڃي ٿي، ۽ هن جڏهن لکڻ شروع ڪيو ته سڀ ڪسر ڪڍي ويندو."

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان ڪنهن به تخليقڪار جي ان دعويٰ کي درست نٿو سمجهان ته سندس سموري تخليق بي عيب ۽ بيداغ آهي. اهڙي هام هڻڻ مان مراد سواءِ پنهنجي پذيرائي ۽ پڌائڻ جي، ٻيو ڪجهه به ناهي. افلاطون جو قول آهي ته ”پاڻ پڌائڻ واري کي ذلت ڏسڻي پوندي آهي.“ جالينوس جي راءِ به مختلف ناهي، هو چوي ٿو ته، ”ماڻهوءَ جو اهو خيال ئي سندس بيوقوفيءَ جي نشاني آهي ته هو پاڻ کي سيني کان ڏاهو سمجهندو آهي.“

مون تخليق/ شاعريءَ جي حوالي سان پنهنجو پاڻ کي سدائين هڪ ننڍڙي شاگرد جيان سمجهيو آهي ۽ سکڻ/ سمجهڻ جي عمل کي آخري دم تائين قائم رکڻ گهريو آهي. ڪڪ پن کي پروڙڻ ۽ ان مان پرائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم:

”محبوب ڳولي ڏس من ۾ الا، من ۾ الا، ڪڪ پن ۾ الا“

هونئن به ڏات کان پوءِ ڏانءَ ئي تخليق جو بنيادي ۽ اهم جزو هوندو آهي، ڏات قدرت جي ڏين هوندي آهي، البت ڏانءَ ته ڏورڻ سان ئي حاصل ٿيندو آهي، اڳتي وڌبو ته آگهي ٿيندي، ڪاهي ڏسبو ته ڪيچ به اوراهون ٿيندو ”ڪاهه ته رسين ڪيچ کي“، هٿ تي هٿ رکي ويهبو ته ڪيچ مڪران ماڳهين پراهون ٿي ويندو. زندگي مسلسل جدوجهد جو نانءُ آهي ۽ پنائيءَ جي هن بيت جيان ڳذاري ڇڏڻ کپي:

”جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويٺي،
وڃي پونءِ پيٺي، سارينديءَ کي سڄڻين.“

اهڙي جدوجهد، جيڪا حقن جي حاصلات لاءِ هجي، ظالم ۽ جابر جي خلاف هجي، مظلومن ۽ مجبورن جي ڌر بڻجي ڪجي. هيڪل چاپن جو هڪ قول آهي ته ”اڻ ڌريا انسان شيطان جا اتحادي هوندا آهن“. ڪوبه تخليقڪار اڻ ڌريو ٿي ئي نٿو سگهي. خود لکڻ، پڙهڻ، سوچڻ، سمجهڻ ۽ سکڻ وارو عمل به جهالت جي خلاف ڌر جيان هجي ٿو.

تخليقڪار راتين جون راتيون اوجاڳا ڪري، پنهنجي خاموش آواز يعني تخليق کي قلم سان زبان ڏئي تحرير جي صورت ۾ ماڻهن تائين پهچائي ٿو، ماڻهو ان کي ڪيتري قدر قبول ڪن ٿا، ان جو دارومدار لکندڙ تي ئي آهي ته هُو پنهنجي من جي وارتائن کي ڪيترو نج/ خالص ڪري، سچائيءَ ۽

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايمانداريءَ سان پيش ڪري ٿو. پوپ جو چوڻ آهي ته، "ايماندار شخص خدا جي بهترين مخلوق آهي." تخليقڪار جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي تخليق ۾ خوبصورتي پيدا ڪرڻ لاءِ، افسانوي رنگ به ڀريندو آهي، ليڪن ان لاءِ خبردار رهڻ گهرجي ۽ وڏ ۾ وڏ احتياط جي ضرورت هوندي آهي، جيئن اصليت قائم رهي ۽ مک مفهوم ۽ مقصد بگڙجي نه وڃي. هتي ڏانءُ ئي ذات ڏٺيءَ جي واهر ڪري سگهي ٿو، ان قسم جي رنگ ڀرڻ لاءِ سنڌي شاعريءَ جي سيني صنفن ۾ گنجائش موجود رهي ٿي سواءِ "ڪافيءَ" جي، ڇاڪاڻ ته "ڪافي" پنهنجي مٺيءَ جي مهڪ ۽ مرڪ رکندڙ اها نازڪ، نفيس ۽ سهڻي صنف آهي، جنهن کي اجائي "تاهه توهه" جي لوڙ ئي ڪانهي، بلڪل ايئن، جيئن:

سونهن کي سينگارجي ڇاجي ڪري،
عطر گل تي هارجي ڇاجي ڪري!

هونئن ته شاعريءَ جون سيئي صنفون سون سريکيون آهن، پر "ڪافي" سون تي سهاڳي مثل آهي.

ڪافي شفاف پاڻيءَ وانگر آهي، جنهن ۾ جيڪڏهن ذري برابر به خارجيت داخل ٿيندي ته ان جو حسن متاثر ٿيندو، سندس رنگ - روپ/ سروپ نکرڻ جي بجاءِ وکري ويندو ۽ ميناج ۽ مزاج بگڙي ويندو. پنهنجي ذات ۾ سواءِ سونهن ورونهن جي، هيو ڪجهه به نه رکندڙ هيءَ رات جي راڻي ڦڪي ڦڪي ۽ اوپري لڳندي، نه ته ماڻهن جي من کي معطر ڪري سگهندي ۽ نه ئي روح ريهي سگهندي.

ڪافيءَ جو رشتو شاعر جي داخلي ۽ ذاتي پيڙا سان هوندو آهي، ڪافي وجداني يا بيخوديءَ جي عالم ۾ ڳائي، لکي ويندي آهي ته ڪڏهن ڪڏهن روئندي به لکجي ويندي آهي. هن نماڻيءَ جو ناتو نينهن، دل ۽ درد سان آهي. عقل، سوچ، سمجهه، ويچار، دماغ ۽ ماديت ڪان لاتعلق، هن صنف جو بڻ بڻياد روحانيت ۽ عينيت سان آهي. جيئن ته ڪافي سرجڻ سمي شاعر کي پنهنجي ئي وجود جو احساس نه رهندو آهي، ته پوءِ اهڙي ڪيفيت ۾ وڏاءُ، مصنوعيت ۽ افسانوي رنگ جي باري ۾ ڪيئن ٿو سوچي سگهجي!؟

سنڌي ماڻهن جو مزاج به ڪجهه اهڙو ئي آهي جو "ڪافي" ئي سندن جذبن جي ڀرپور عڪاسي ۽ ترجماني ڪري سگهي ٿي.

جيڪڏهن اعليٰ معيار واري ڪافيءَ کي موزون موسيقي ملي ۽ سوز ۾

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمايل سُر، ساز ۽ آواز ملي ته اهلِ دل، اهلِ درد، اهلِ ذوق، ٻڌندڙ به سانوڻ جي وسڪاري وانگر وسي پوندو. مان هميشه اهو چوندو آهيان ته جنهن ماڻهوءَ تي سُر جو اثر نٿو ٿئي، اهو ڪنهن اهڙي اونهي ۽ اونداهي کوهه ۾ هجڻ جي برابر هوندو آهي، جتي روشنيءَ جي هڪ به ڪرڻي جو وجود ناهي هوندو. جيئن ڪنهن به شيءِ کي ڏسڻ لاءِ رڳو اکيون ئي ڪافي ناهن هونديون، پر روشني به گهربل هوندي آهي، بلڪل ايئن "ڪافي" جي جادوءَ ۾ جڪڙجڻ ۽ انهيءَ جي روح تائين رسائي ڪرڻ لاءِ رڳو دل نه پر درد به کپي. درد/ سور، جنهن جو ساءُ ۽ سواد ئي ساهه ۾ سمائڻ سان هجي ٿو:

پنهنجي دل مان درد ڪڍي،
سُور نه ڪو بي سائو ڪر!

لاجواب ڪافي لکڻ لاءِ شاعر جو نه رڳو باڪمال، هجڻ ڪافي آهي، پر سندس باڪردار هجڻ به تمام ضروري آهي، ۽تس اوکو ۽ پراهون پنڌ به هجي ته راهِ ڏياچ وارو ڪنڌ به هجي، نه رڳو سُر جي ڄاڻ، سڃاڻ هجي، پر سُر تان سِر کي صدقي ڪرڻ جي سگهه به هجي! اهو سُرچا جو، جنهن ۾ سِر جي صدا نه هجي ۽ اهو سِر ڪهڙو، جيڪو سُر کان لنوائي "ڪافيءَ" ۾ ترنم، موسيقي، ردم ۽ لئي ته هوندي ئي آهي، پر جيڪڏهن حقيقين جي نج اظهار جي رنگيني، رواني، جذبن جي پاڪيزگي، لفظن جي سادگي، خيالن جي نواڻ، وسعت، گهرائي ۽ فني پختگي به شامل هجي ته پوءِ ڪير ۾ ڪنڊ يا مڪڻ ۾ ماکيءَ ۽ سون تي سهاڳي جو تاثير ڏيندي.

ادب، احترام ۽ حجاب جي حدن ۾ لکجندڙ هن صنف کي مان سنڌي شاعريءَ جي ابتدا به سمجهان ٿو ته انتها به، زمين به سمجهان ٿو ته آسمان به، جانِ به سمجهان ٿو ته مانُ به، سونهن به سمجهان ٿو ته ورونهن به، "جز" به سمجهان ٿو ته "ڪل" به، نه رڳو ماضي ۽ حال، پر مستقبل به سمجهان ٿو. مقصد ته "سيڪجهه" سمجهان ٿو.

بدقسمتيءَ سان اسان جي جديد شاعرن جي اڪثريت، ڪافيءَ جي حوالي سان پنهنجي ماضي، حال ۽ مستقبل کان وانجهيل نظر اچي ٿي، جنهن جي ڪري ڳڻتيءَ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. مان جيئن ته بنيادي طور ڪافيءَ جو شاعر آهيان، تنهن ڪري "ڪافيءَ" سان ٿيندڙ "به اکيائي" واري

روش جي ڪري، منهنجي جيءَ - جهوري فطري عمل آهي. پر جڏهن هڪ ئي ڳالهه ذهن ۾ اچي ٿي ته هانءَ تي چندو پوي ٿو، پلو ٿئي انهن يڪتاري پورتن جو، جن گيڙو ويس اوڍي، ڇتا ڪولي صوفين، درويشن جي اوتارن، آستانن ۽ مڪانن تي جمهريون هڻي، ڦيريون پائي، نچي ڪڏي، ڪافيءَ کي ڳائي وڃائي زندهه رکيو آهي. هونءَ به ڪافيءَ جو جيڀو لکڻ سان ته آهي ئي، پر اُن کان پوءِ ڳائڻ سان ئي آهي، ڪافيءَ کي سر ۾ سمائڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ واري ڪرت ئي ڪيس جهنگ جهر، ٿر بر، ڪچي پڪي، واهڻ وستين ۾ مقبول عام ڪرڻ ۾ اهم هجي ٿي. ڪافيءَ جي نه لکڻ/ گهٽ لکڻ جا ڪهڙا سبب آهن؟ ان حوالي سان مون مرحوم دريا خان رند جي شعري مجموعي ''ساهه پرينءَ جي هٿ ۾'' جي مهاڳ ۽ ماهوار ''اديب'' کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ ڪافي وضاحت ڪئي آهي، جنهن جو ورجاءُ ڪرڻ نٿو گهران.

منهنجي سدائين اها ڪوشش رهي آهي ته تخليق/ شاعري، خاص ڪري ڪافيءَ کي ''جيئن جو تيئن،'' خلوص، نيڪ نيتيءَ، ايمانداري ۽ سچائيءَ سان پنهنجي تهذيب، تمدن، ثقافت، ماحول، شرافت ۽ فضيلت جي دائري ۾ رهي ڪري پيش ڪريان، تنهن هوندي به بظاهر ڪي ڪوتاهيون نظر اينديون، ليڪن انهن ڪوتاهين ۽ ڪمزورين کي به حقيقتن جي نج ۽ خالص هجڻ جي آڌار تي، مون ''جيئن جو تيئن'' رهڻ ڏنو آهي. جنهن کي به شاعريءَ جي خوبين جي دائري ۾ سمجهڻ گهرجي، مان شاعريءَ کي فطرت جو مطالعو سمجهان ٿو، جنهن مان پنهنجو پاڻ سميت پوري ڪائنات جي ڳجهن رازن جي پروڙ پئجي سگهي ٿي. شاعري فطرت جو اولڙو به آهي ته پڙاڏو به، پڙاڏو، جيڪو سدائين سڏ جي سُڌ پڌ به ڏيندو آهي ته سڏ سان گڏ به هوندو آهي، رڳو ''ور'' کي ووڙڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ جي ضرورت هوندي آهي:

''پڙاڏو، سوئي سڏ، وَرُ ورائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، پڌڻ ۾ پ ٿيا.''

جيئن فطرت ارتقائي طور بيجان مادي کي جاندار ڪري ٿي، بلڪل ائين شاعري به خاموشيءَ مان گونج، مانار ۾ هلچل ''چرپر'' ۽ اونداهيءَ انڌوڪار ۾ روشني ۽ زندگي پيدا ڪري ٿي، فطرت جو فيض عام توڙي خاص لاءِ هڪجهڙو هجي ٿو. روشنيءَ جا ڪرڻا غريب جي جهوپڙيءَ ۾ به ائين جهاتي

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پائين ٿا. جيئن امير جي محل ۾ تخليق جي تونگري/ شاعريءَ جي سخا به سيني لاءِ ساڳي هجي ٿي. خوشبوءَ جيان پارسائي رکندڙ شاعريءَ کي بظاهر ته ڪوبه رنگ ڪونه هوندو آهي. ليڪن ان جا جڳمڳ، جهلمل، ڪهڪشان، مخفي رنگ ايترا ته خوبصورت ۽ وسيع هجن ٿا. جو جيڪڏهن زندگيءَ ڪان ان کي الڳ تلڳ رکيو وڃي ته سموري زندگي بي رنگ، ڦڪي ڦڪي، ٻُسي ۽ ٿي ويندي. مٿي بيان ڪيل حقيقتن لاءِ "شاعريءَ" جو هجڻ شرط آهي. رڳو قافئي ۽ رديف جي هيراڦيري نه هجي، لفظن جي بازيگري ۽ اکرن جي ڪاريگري نه هجي، اجايو ڪاڳر ڪارا ٿيل نه هجن، بوگس مجموعا نه هجن. اڄڪلهه انسانُ ايترو ته مصروف ٿي ويو آهي، جو ڪيس ڪنهن به ڪتاب جي سمورين سٽن کي پڙهڻ جيترو وقت ئي ڪونهي، جيڪڏهن هن کي حظ حاصل ٿيندو ته اوڇاڳو به ڪندو، ورنه ڪتاب کي سيرانديءَ کان رکي سمهي پوندو ۽ صبح جو ڪتاب ڪمري جي ڪنهن ڪنڊ جي حوالي ڪري ڇڏيندو، حالانڪ شاعريءَ جي ڪنهن به مجموعي ۾ سموري تخليق هڪجهڙي ٿي نٿي سگهي. جيئن جر جو پاڻي ڪٿي ڪٿي ته هڪ ڍڪ پيئڻ جي به قابل ناهي هوندو، پر جي پياس آهي ته مٺي جر جي جستجو ڪرڻي پوندي ۽ ايئن ڪرڻ سان نيٺ ڪاميابي ماڻي سگهبي. ايئن پڙهندڙ کي اُڃ اُجهائڻ لاءِ ڪتاب جو پنو پنو پڙهڻ گهرجي.

منهنجي شاعريءَ جو هي پهريون ڪتاب "سَونهن وِرونهن". اوهان جي هٿن ۾ آهي، جنهن جي جملي مواد کي سمونڊ جي پاڻيءَ وانگر نه، پر جر جيان سمجهڻ گهرجي. مجموعي جي دير سان ڇپجڻ يا نيٺ ڇپجڻ جي باري ۾ ڪجهه حقيقتون بيان ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان!

1970ع جي ڍاڪي جي پوئين اڌ ۾ اسان ڪجهه دوستن سڳا شاخ نوابشاهه جو بنياد وڌو، ميمبر سازيءَ کان پوءِ اليڪشن/ سليڪشن ٿي، ڊاڪٽر محمد اعظم يوسفاڻيءَ کي صدر، مون کي نائب صدر، امداد علي ميمڻ کي جنرل سيڪريٽري، سيد صفدر علي شاهه کي پريس سيڪريٽري ۽ ڪجهه دوستن کي ٻيا عهدا سونپيا ويا، حلف برداريءَ جي تقريب پريس ڪلب نوابشاهه ۾ ٿي، جتي مانواري گل محمد عمراڻيءَ اسان سيني عهديدارن کان عهدِ وفا جو قسم کڻايو. ان کان پوءِ ڪيترين ئي گڏجاڻين به ٿيون ته پاڪستان نئشنل سينٽر ۾ فنڪشن به ٿيا. هڪڙي گڏجاڻيءَ ۾ سيد صفدر


Scanned with CamScanner

علي شاهه سگا جي هن شاخ پاران منهنجي شاعريءَ جي مجموعي ڇپائڻ جي رٿ پيش ڪئي، جنهن جي موت ۾ گڏيل راءِ سان ڪتاب جي ڇپائيءَ جو طئي ڪيو ويو. ليڪن ان کان پوءِ دوستن جي بدلي ٿيڻ سبب مان اڪيلو رهجي ويس، جنهن ڪري ڪتاب ڇپجي نه سگهيو!

1980ع جي ڏهاڪي ۾ مان جڏهن سنڌي ادبي سنگت شاخ نوابشاهه جو سيڪريٽري هئس، تڏهن وسيم سومرو جوائنٽ سيڪريٽري هو. اسان گڏجي هن شاخ کي ايترو سرگرم (Activate) ڪيو جو، منهنجي غريب آباد جي غريب خاني تي هفتيوار گڏجاڻين ۾ پنجاهه جي لڳ ڀڳ شاعر، اديب ۽ نقاد حصو وٺندا رهيا، جن ۾ مرحوم بردو سنڌي، مرحوم رحيم بخش ''قمر''، مرحوم پير ضيا خياروي، مرحوم پروفيسر عبدالله خان مگسي، مرحوم چنا گل محمد، قريشي حامد علي خانائي، منظور قريشي، مير محمد پيرزادو، عبدالحڪيم ''ارشد''، راشد مورائي، تاج جويو، خاڪي جويو، جاويد قاضي، سڄڻ سنڌي، منظور ميراڻي، ادريس جتوئي، علي نواز ڦل، بشير ٻگهيو، صالح بلو، سارنگ سهتو، پروفيسر علي اصغر ''اصغر''، انجنيئر شبير ممنائي، انجنيئر قاضي خضر حيات، قاضي منظر حيات، ڊاڪٽر ڪرم علي رستماڻي، يوسف رستماڻي، نور احمد چنڙ، زاهد سومرو، ثناءُ الله قريشي، وڪيل رضوان احمد ميمڻ ۽ ٻيا شامل هوندا هئا. ماهوار ادبي/ تعليمي ليڪچر پروگرام ٿيندو هو، جنهن ۾ سَوَن جي تعداد ۾ لاڳاپيل ماڻهو ڪنا ٿيندا هئا. ساڳي ئي پيرڊ ۾ پريس ڪلب نوابشاهه جي سهڪار سان اسان جي شاخ مرحوم نور عباسيءَ جي ورسي ملهائي، جنهن ۾ مقامي اديبن، صحافين، شاعرن جي وڏي انگ کان علاوه مرحوم علي احمد بروهي، شمشير الحيدري، عنايت بلوچ، هدايت بلوچ، پروانو ڀٽي ۽ ٻين ڏاهن شرڪت ڪئي، جڏهن ته مرحوم تنوير عباسي، امداد حسيني ۽ ماهتاب اڪبر راشديءَ به هاڪاري موت ڏني، پر ڪن مجبورين سبب ان پروگرام ۾ شريڪ ٿي نه سگهيا. ساڳي ئي ڏهاڪي ۾ منهنجي شاعريءَ جو مجموعو، سائين طالب المولىٰ (تڏهوڪو چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو) سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپرائڻ چاهيو ته مون مختلف ناليوارن شاعرن کي اها گذارش ڪئي ته هُو منهنجي ڪتاب ۾ شامل صنفن جي بُڻ بڻياد، گهاڙيٽي، مضمون، مزاج وغيره جي باري ۾ پنهنجا ويچار ونڊين ته ساڳي وقت به چار اکر لاڳاپيل منهنجي لکيل صنف تي به لکن. اهو صرف ان ڪري ڪرڻ چاهيم ته جيئن اسان جي ايندڙ ٽهيءَ جي ليکڪن، پڙهندڙن کي نه رڳو

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجي تخليق جي پروڙ پوي، پر ساڳي وقت کين اهو ڪتاب "هٿنڊ بوڪ" طور شاعريءَ جي مختلف صنفن جي ڄاڻ به فراهم ڪري! پر ايئن ڪندي، گهڻي دير ٿي وئي ۽ وقت تيزيءَ سان گذري ويو!! چونڊا آهن ته "بندي جي من ۾ هڪ ۽ صاحب جي من ۾ ٻي"، جيئن سائين مخدوم صاحب، ٻي سنگت ۽ مون چاهيو، ايئن ٿي نه سگهيو، تانجو تقريباً ويهه ورهيه پيا به گذري ويا.

ڪلاسيڪل فزڪس جي نوبل ايوارڊ ماڻيندڙ سائنسدان نيوٽن جو چوڻ آهي ته "وقت وٽ سيڪارڻ جو هٿ هوندو آهي"، مون ڪي ان وقت دوران ڪجهه نه ڪجهه هٿ ته آيو، پر گهڻو ڪجهه هٿ مان نڪري به ويو. مون سان هڪ وڏي ٽريجڊي اها هوندي آهي ته مان جنهن به شيءِ جي گهڻي حفاظت ڪندو آهيان يا جنهن شيءِ کي تمام گهڻو چاهيندو آهيان، اُها مون کان سدائين گُم ٿي ويندي آهي ۽ وري هٿ نه ايندي آهي! منهنجي محبوب شاعريءَ جي محبوب ترين صنف "ڪافي" آهي، ڪافين جو هڪ پورو رجسٽر، جنهن کي مون سدائين ساهه سان سانڍي رکيو، اُهو گُم ٿي ويو! ۽ اڄ تائين هٿ نه اچي سگهيو!

"جِئين ڪو ستارو ڪڙي ٿي وڃي گُم،
ائين يار تنهنجي به رخصت ڏني مون!"

رجسٽر جي گُم ٿيڻ کان پوءِ مان صفا وڪري ويس، سوچن جي سمونڊ ۾ ٻُڏي ويس، وائڙن وانگي وقت وهائڻ لڳم، ڪجهه سمجهه ۾ نه پيي آيو ته ڇا ٿي ويو اٿم...! بس پنهنجو پاڻ کان به وسري ويم:

ڏار تو کان ٿي ويس،
واءُ ٿي وکري ويس.
ياد ناهيان پاڻ کي،
تو کان جو وسري ويس!!

مون پنهنجي ان ڪيفيت کي هڪ پابند نظم ۾ به بيان ڪيو آهي ته ان وقت سائين طالب المولىٰ سان به ذڪر ڪيو هو، جواب ۾ سائينءَ جن چيو ته "سنڌي شاعريءَ جو اهڙو زيان ڪنهن الميي کان گهٽ ناهي، ليڪن ڪافين جو هيترو ذخيرو گُم ٿيڻ اڃا به وڏو الميو آهي! جنهن جو ازالو ڪنهن به طرح

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي نٿو سگهي!" بهرحال هاڻي بچيل سچيل شاعري ۽ نئين تخليق جو ٽيون حصو اوهان جي هٿن ۾ آهي، ان آس ۽ اُميد سان ته مون ڪتڻ ۽ ڪنبڻ واري ڪار ڪيِ ساڻ رکيو آهي ۽ بجاءِ من ۾ مندي پائي سنهو ڪتڻ جي، محبت پائي مَنِ ۾ رنڊائي روڙيا آهن، تنهن ڪري اُميد ته: صرافن وٽ منهنجو هي پورهيو ملهه - ڪٽ ڪرڻ کان سواءِ ئي اگهائبو!

بقول شاهه سائين جي:

"محبت پائي من ۾، رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو."

آخر ۾ مان شڪر گذار آهيان پنهنجي سڄڻ ۽ سنڌ جي قومي ڪارڪن "سڄڻ سنڌيءَ" جو، جنهن جو منهنجي تخليقي سفر ۾ سدائين ساٿ ۽ سهڪار رهيو. ٿورائتو آهيان استاد منظور حسين قريشيءَ، پروفيسر انور "منصور" مگرئي، روشن جروار، معشوق ڏاريجي، منظور جوکيي ۽ عمران جيلانيءَ جو جن هن ڪتاب کي سهيڙڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي ۽ وڏا وڙ سائين راشد مورائيءَ ۽ پنهنجي سؤٽ مرحوم مير رسول بخش "عاجز" ٽالپر جا، جن منهنجي شاعريءَ جي شروعاتي مرحلي ۾ منهنجي رهنمائي به ڪئي ته همت افزائي به. شمشير الحيدري ۽ امداد حسينيءَ جا به احسان، جن پنهنجي گوناگون مصروفيت جي باوجود به انتهائي غور و خوض سان منهنجي ڪچي پڪي شاعريءَ جي سٽ سٽ پڙهي، پنهنجي زرين خيالن جو اظهار ڪيو ته ساڳي وقت لک لائق انهن ليکڪن جا، جن منهنجي تخليق جي نج صنفن ۽ گڏيل صنفن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي، منهنجي شاعريءَ جي مجموعي جي پڌري ٿيڻ لاءِ "مامي" هدايت بلوچ جي هر ڪر، اُڻ تڻ ۽ هدايت لاءِ بس ايترو چوندس ته "ٿورا نه ٿورا مون تي ماروئڙن جا". آخر جي آخر ۾ علي نواز گهانگهري جون به مهربانيون، جنهن توڙ نيائڻ/ رسائڻ ۾ وٿي وير نه وڌي ۽ وسان ڪو نه گهٽايو.

**مير عبدالرسول "مير"**

نوابشاهه

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳائي ڳائي ڳائِيو پٽ ڏٽيءَ جا بيت،
ڪلي پوندا ڪيت، سوچن سندا سنڌ ۾.




wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مير عبدالرسول 'مير' سنڌي زبان جي انهن سڄاڻ ۽ خوبصورت شاعرن مان هڪ آهي، جنهن پنهنجي من وارتائن جي اظهار لاءِ شاعريءَ جي ٻين صنفن سان گڏ "بيت" تي نه رڳو طبع آزمائي ڪئي آهي، پر اياز ۽ امداد کان پوءِ اسان واري ٿهيءَ ۾ جن به شاعرن بهترين بيت لکيا آهن تن ۾ "مير" کي مٿاهون مقام حاصل آهي. مير صاحب ڪي بيت چوڻ جو نه رڳو ڏانءُ آهي، پر ماترڪ ڇندن جي ڄاڻ به آهي. هن کي موسيقيءَ سان پڻ گهرو لڳاءُ رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو اڪثر عوامي فنڪار هن جا بيت ۽ ڪلام چاهه سان ڳائيندا آهن. "مير" جي بيتن ۾ تجنيس حرفيءَ جو حسين جڙاءُ آهي. هن جي بيتن ۾ نه رڳو لفظي سونهن موجود آهي، پر معنوي حسن جون جهلڪيون پڻ موجود آهن. هن جي بيتن ۾ ڪلاسيڪي رنگ ۽ ردم ته موجود آهي ئي، پر اهو سڀ ڪجهه به موجود آهي، جنهن کي نئين ڪلاسيڪيت Neo classicism جي دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو. هن جا اُهي بيت، جن ۾ هو ڌرتي ماتا جي سونهن ۽ ان جي رهواسين جي ڏک ٻُک، پيڙائن، مشڪلاتن، جذبن، اُمنگن، احساسن ۽ سپنن جو نقشو چٽي ٿو، رڳو بيت جي حسن جو خوبصورت نمونو آهن، پر انهن جي پڙهڻ سان هڪ وطن دوست انسان جي من تي اهائي ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي، جيڪا ڪيفيت شاعر تي بيتن رچڻ سمي طاري ٿي هئي ۽ جنهن ڪيفيت سندس من جو چين ۽ سُک گنوائي ڇڏيو هو.

مير صاحب جا بيت ثقافتي سونهن جا اعليٰ مثال آهن ۽ انهن ۾ خيال جي جامعيت به ثقافتي سونهن جيتري موجود آهي. بلاشڪ "مير" هن دور جي بيت لکندڙ شاعرن ۾ وڏو شاعر ليکجي سگهي ٿو.

مير صاحب جا بيت سچ پچ ته جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ اهڙي نئين موڙ جو اهڃاڻ آهن، جن کي هن کان پوءِ ايندڙ شاعر پنهنجي لاءِ سوجهري جيان سمجهندا ۽ اڳتي وڌندا آهن.

تاج جويو

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساروئي سبحانُ، اکڙيون ”مير“ عجيب جون،
مَتان ماپين مانُ، متان پوين ماملي!

الفت جو اعلانُ، اکڙيون ”مير“ عجيب جون،
کوبہ نہ شَڪَّ گمانُ، چِٽِڪي⁽¹⁾ کڏهن چِتَّ ۾.

چوڏهينءَ جي چانڊاڻِ، اکڙيون ”مير“ عجيب جون،
سَرهائي سُرهاڻِ، دلبر سنديءَ ديدَ ۾.

اندر جو احساسُ، اکڙيون ”مير“ عجيب جون،
وِڪريو ڏين واسُ، ماندو مَنُ مهڪي پوي.

اکين جو پاڻي، اکڙيون ”مير“ عجيب جون،
سيرت ساماڻي، نرملَ - نيڪ نگاهَہ سين.

سانوڻ جو سرچاءُ، اکڙيون ”مير“ عجيب جون،
سندو هير هڳاءُ، گُهلي هڪڙيءَ گُهور سان.

آندر جو احوالُ، اکڙيون ”مير“ عجيب جون،
ڪن تيون قربُ ڪمالُ، گُهوري هڪڙيءَ گهورَ سان.

❀

---

(1) چِٽِڪَڻُ: هُرڻ - ياد پوڻ



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساروئي سنسارُ، اکڙيون "مير" عجيب جون،
جوڙيو جن جنسارُ، جِهرمِر جِهرمِر جڳ ۾.

نسورو ئي نورُ، اکڙيون "مير" عجيب جون،
هردم هوت حضورُ، پيهي پَسن پاڻ ۾.

نسورو ئي نينهُن، اکڙيون "مير" عجيب جون،
رات هجي يا ڏينهن، برسي برسن بانوِريون.

نسورو ئي ننگُ، اکڙيون "مير" عجيب جون،
راتو ڏينهان رنگُ، ماندا پسن مهر جو.

نِسورو ئي نازُ، اکڙيون "مير" عجيب جون،
ساز نہ ئي آوازُ، ڳُجهَہ ۾ ساريون ڳالِهيون.

اکڙين جو آرامُ، اکڙيون "مير" عجيب جون،
جنهن سان ڪَنِ ڪلامُ، سوئي جَرڪي جيئڙو.

ماضيءَ، مستقبل، اکڙيون "مير" عجيب جون،
مارڳ ۽ منزل، سڀ ڪجهہ پنهنجو پاڻ ۾.

باک ڦٽيءَ جي هيرَ، اکڙيون "مير" عجيب جون،
ملي سَگهہ سريرَ، وڻ ٽڻ وڃن واسجي.

❀



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيڙيان وينو ڪيتَ، سوچن سَندَا سنڌ ۾،
هي جي منهنجا بيت، آئيندي جو آجپو!

سَندَم سَرهي سوچَ، جي تو هينئڙي ۾ هُجي،
مُورُ نہ ڪڏهين موچَ، پوي توکي پانڌيا!

هي جي منهنجا گيتَ، اُڀري آيا اُڀَ تي،
ڏيندا ساري ڏيهَہ کي، سوچن جا سنگيتَ،
جَرڪي پوندي جِيتَ، جاڏي ڪاڏي جَڳَ ۾.

هڪڙي ڏينهن حِسابَ، مادر مُڪا "ميرَ" ڏي،
کهڙا ٿي ڪارائتا، خيري ڏنا خُواب؟
جوڙيا جِيءَ جَوابَ، لويون، لوءِ، کُهاڙِيون.

ڪنڌيءَ ڪنڌيءَ ڪورَ[1]، سرتيون هن ساٿيهہ کي،
پوءِ بہ سيني سنڌ جي، پَوَٽا ناهن پورَ[2]،
پُونءِ نہ تيندي پورَ، پُرندا ويري پونءِ جا.

سندي جيون سوچ، "مير" نہ پانيان مامرو[3]،
لُنءَ لُنءَ اندر لوچ، سورج ڪِرڻا سامهان!

❀

(1) ڪور: ڪاٺ
(2) پورَ: سوراخ ـ خال.
(3) مامرو: جنجال – مصيبت



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توڙي ڦهري ڪانَ، ڪارونجهر جي ڪُڪِ ۾،
سوچن جا سامانَ، پو بہ ڏٺي تو ڏيهہ ڪي.

ڀُونءِ مٿان ڀونچالُ[1]، ڪري آيو ڪيترو،
مِٽي مالا مالُ، اڳ ڪان اڳري آئڙي.

ڀُليو آهين ڀُوڪَ، وردي پائي ويڙهہ جي،
هلائين تو هوڏ مان، بندن[2] تان بندوق،
مارينديـن مخلوق، ڪيسين تائين ڪانئرا!

مَٿان هارين هانءُ، ڌرتي منهنجي ديس جي،
رهيو آتم رُوح ۾، نِلو[3] تنهنجو نانءُ،
توڙي باندي آنءُ، پوءِ بہ اڳ ڪان اڳرو!

سانگو جن ساٿيهہ جو، سِرَ سي سَهسائينِ،
آزادي ـــ آلاپِيو، ڳوٺن ۾ ڳائينِ،
اِهي ئي آهينِ، ڏٿي منهنجي ديسَ جا.

مون ۾ جو ماحول، جاڳي تنهنجي جيئَڙي،
هُوندَ نہ هڙو هول[4]، سِرجي تنهنجي ساهَہ ۾.

❀

(1) ڀونچال: زلزلو..
(2) بند: پاڻيءَ کي روڪڻ وارا مِٽيءَ جا بند.
(3) نلو: رڳو، فقط.
(4) هَولُ: ڊپُ، گهٻراهٽ.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏِنمِ ساري ڏيهَہ ۾، آجنبي اِنسانَ،
ڪَڙڪايائون ڪَانَ، سيني اندر سندَ جي.

ڏِنمِ ساري ڏيهَہ ۾، هُوجي ڏاڍا ڏکھہ،
سَائيـن! ڏي ڪا سکھہ، ڏاريان ويري ڏيهَہ جا.

ڏِنمِ ساري ڏيهہ ۾، ظالم جا زَنجيرَ،
پوءِ بہ مارو "مِير"، ساٿ نہ ڇڏن سَچَ جو.

ڏِنمِ ساري ڏيهہ ۾، سوريءَ مٿي سَچُ،
ڳَچَ تيـن تا ڳچُ، جيڪي ساٿي سَچَ جا.

ڏِنمِ ساري ڏيهَہ ۾، سُوريءَ جا سينگارَ،
ڏَڙ ڪان سِسِي ڏارَ، پينر! مانجهي پونءِ جا.

ڏِنمِ ساري ڏيهہ ۾، آيا آدم خورَ،
چَنبـن ۾ تا چيرجن، ماڻهو مِنڙا مورَ،
پيٽي ناهي پورَ، "مير" ڪيائون ڪيترا!

❀



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏِنم ساري ڏيهَہ ۾، ڏارين سندا ڏَڻَ،
وڌن پيا وَڻَ، آمن سنديءَ آڙ ۾!

ڏِنم ساري ڏيهَہ ۾، ماڻهن جا ميلا،
ٻَاريائون ٻيلا، آمن سنديءَ آڙ ۾!

ڏِنم ساري ڏيهَہ ۾، آيا آهن ”اُو“،
”مير“ ڪيائون ڪيترا، ناحق لال لَهُو،
ڏنارن تي ”ڏو“، آمن سنديءَ آڙ ۾!

ڏِنم ساري ڏيهَہ ۾، ويرن سندا وارَ،
جاڏي ڪاڏي جُوءِ ۾، گولين جي گُونجارَ،
ٻيوس ماڻهو پونءِ جا، ڏَڙ سِسين ڪان ڏارَ،
مَرن پيا ميهارَ، آمن سَنديءَ آڙ ۾!

ڏِنم ساري ڏيهَہ ۾، ماڻهن سندا ميڙ،
گَهوريائون گهٽَ گهيڙ، امن سنديءَ آڙ ۾!

❀



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساجهہ رکي سَچَ جي، اُٿي اکڙيون کولِ،
بولَ اُهي ئي بولِ، هوشوءَ وارا هيجَ مان.

ساجهہ رکي سَچَ جي، اُٿي کر اَعلانُ،
تہ متان کو مَروانُ، سيتو ساهي سندَ سان.

ساجهہ رکي سَچَ جي، اُٿي اِي اِنسانَ،
کَر عليٰ الاعلانَ، تہ سوپيا آهي سَچَ جي.

ساجهہ رکي سَچَ جي، بولي ٻي وسارِ،
توکي ساري سنڌڙي، سنڌڙيءَ کي تون سارِ،
ٻيهر وائي وارِ، دولهہ دريا خان جي.

ساجهہ رکي سَچَ جي، ڏوري ڏس ڏونگرُ،
کونڌرا کٿي کَرُ، کاهِ، تہ رَسين کيچَ کي.

ساجهہ رکي سَچَ جي، وجهہ تون اهڙي وِکَ،
”مير“ ڏهوٽي ڏاڍِ کي، ڏوران ڏسجي ڏِکَ،
تابَ سندءِ جي تِکَ، ڏکٽي ڏاڍن ۾ وجهي!

ساجَهہ رکي سَچَ جي، سُورهيہ! ٿيءُ سُڌير[(١)] ،
تون ئي مانجهي ”مِيرُ“ ، تون ئي دولهہ ديس جو.

❀

---

(١) سُڌيرُ: هوشيار



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساڃَهہ رکي سَچَ جي، سُورهيہ! تيءُ سجاڳُ،
نيٺ تہ ملندو ماڳُ، سوپيا تيندي سَچَ جي.

ساڃَهہ رکي سَچَ جي، پاءِ پروڙي پيرُ،
تون ئي مرد مُتيرُ، تون ئي سوپيا سنڌ جي.

ساڃَهہ رکي سَچَ جي، اوري هَلي اَچُ،
بيو سڀ ڪورو ڪَچُ، سَچَ سوا سنسار ۾.

ساڃَهہ رکي سَچَ جي، وڪون وِير! وڌاءِ،
وڌندي ئي ورناءِ، سڌڙا سهڻي سنڌ جا.

ساڃَهہ رکي سَچَ جي، اُٿي اوري آءُ،
مَرڪي توکي ماءُ، جايون ڏيندي جيءَ ۾.

ساڃَهہ رکي سَچَ جي، ڇڏ تون بي ٻولي،
جيجل جي جهولي، جايون جوڙئي جيءَ ۾.

ساڃَهہ رکي سَچَ جي، سوپون ماڻي آءُ،
مَرڪي، مُرڪي ماءُ، اُٿي ڪري آجيان.

ساڃَهہ رکي سَچَ جي، اوري آچي تيءُ،
جيجل چوي "جِيءُ"، ٻولي توکي ٻاجهہ مان.

❀



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُونهن بہ ساڳي سومرا، ميرو ناهي مُنهن،
سانگيئڙن جو سُنهن، جهڙي آيس، آهِيان.

سُونهن بہ ساڳي سومرا، اُجري جِئَن ڪا باڪَ،
سانگيئڙن جي ساڪَ، جهڙي آيس، آهِيان.

سُونهن بہ ساڳي سومرا، جيئن ڪا برڪا رُتِ،
جهڙي هُيس هُتِ، هِتِ بہ اهڙي آهِيان.

سُونهن بہ ساڳي سومرا، پوتَر پاڻي جيئَن،
آنءُ پڻ آهيان اِيئَن، پلُ پلُ منهنجو پارسا.

سُونهن بہ ساڳي سومرا، ووءِ! مٿيان چو ويسَ،
دوري، سنديءَ ديس، اڳ ڪان ڪيو اُجرو.

سُونهن بہ ساڳي سومرا، ناهي مَٿيو نانءُ،
جهڙي آيس آنءُ، اهڙي اُجري آهِيان.

سُونهن بہ ساڳي سومرا، مشڪ ڪٿوري ڪوءِ[1]،
جهڙي منهنجي لوءِ[2]، آنءُ پڻ اهڙي آهِيان.

سُونهن بہ ساڳي سومرا، مون مَنِ ساڳيو ديس،
ويڙهيچن جو ويسُ، لِڱئون مور نہ لاهِيان.

❀

(1) ڪوءِ: ٻَنِ، ڪڏ ۾ (2) لوءِ: ڳوٺ، واهڻ



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُونهن بہ ساڳي سومرا، مون مِن ساڳيو ڏيهہ،
سهڻو جِنَن ساٿيهہ، مون اِئَن جرڪي جندڙي.

سُونهن بہ ساڳي سومرا، ساڳي آهيان آنءُ،
نڪا مَٿي مارئي، نڪو مَٿيو نانءُ،
توڙي هيٺو هانءُ، توڙي جهوري جِيءَ ۾.

سُونهن بہ ساڳي سومرا، مَرڪي ڪنديس موٽَ،
پلي مٿان پونءِ جي، اوچا ڪر تون ڪوٽَ،
آنءُ اچا اِن اوٹ، سرس لڳان پئي سونهن ۾.

سُونهن بہ ساڳي سومرا، توڙي جُسو جهور،
سونهان سرس سماج ۾، ڪيم ڪونہ قصور،
ويـنديس "مير" ضرور، لَڄَ بچائي لوءِ جي.

سُونهن بہ ساڳي سومرا، پُونم جهڙا پارَ،
پانيان ڳت ڳچيءَ جا، هي جي تنهنجا هارَ،
سونهان ٿي سنسار ۾، سوا ڪنهن سينگارَ،
مون ۾ مهڪ ملير جي، مون ۾ ميگهہ ملهارَ،
منهنجي "مير" سرير ۾، برسي بوند بهارَ،
پَلُ پَلُ منهنجو پارسا، جهڙا لال ليارَ،
جهانگيئڙن لئہ جِيءَ ۾، جوڙيم جي جنسارَ،
اهي ئي اسرارَ، آهن منهنجي سُونهن جا.

❀

مارُنِ ڏاران مارُئي، ٿَرُ بنا برسات،
يا ڪا "مير" حياتِ، پورِي[1] ڪنهن جي پيارَ ڪان.

مارُنِ ڏاران مارُئي، مَجي جَرَ بن جيئَن،
يا هُوءَ آهي اِيئَن، ڪُونج وِڳر بِن ڪوهه ۾.

مارُنِ ڏاران مارُئي، آهي عُمَر! اِيءَ،
جيئَن ڪا ڇاول ڏيءَ، ڇنيءَ مَهَندان ڇورڙي.

ٻُڃان مان پيادي، ڇانگون ڇيلن جون ڄتي،
آلاَ! آزادي، نِڌرِ شالَ نصيب ٿئي.

سانوڻ ساري جِيئَن، برسي ساري ٻونءِ تي،
آديون! مون ٻڻ اِيئَن، سانگيئڙن ڪي سارِيو.

مُور نہ سڌبي مارُئي، جنهن جي مَنَ ۾ ميرُ،
يانءِ مَ ٻولو ٻيرُ، آنءُ اهائي مارئي!

پورِي "مير" پَرِمَ، جُسو جي جَرِڪائِيان،
هُتي منجهہ مَرَمَ، مارو سڀ مَري وڃن!

❀

(1) پوري: ڪوڪلي.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُتيءَ ۾ ئي سومرا، ڏوٿـنِ ڏنو ڏانءُ،
توڙي هينئڙو هول ۾، توڙي هيڪل هانءُ،
پوءِ بہ آهيان آنءُ، اَج بہ اُهائي مارئي.

مُڪو ماروئڙنِ، سنيهو ساٽيھہ مان،
ڏنو نياپو نينهن جو، هلي هوائـنِ،
وِلهيءَ تيندا واهِرو، توڙي ڪونڌُ ڪُسنِ،
جُسو جَنجيرنِ، ڪڏهن رهندو ڪينڪي!

تو ڪيئن سمجهو سَچُ ڪي، قابو ڪندين تون،
سنگهرون ٽُٽندون سُومِرا، ڏاڍُ ڏهاڙا ڏُون،
اُيو ڪَرِ تُون اوٽ ڪي، پلي مٿان پون،
”مير“ اَچي تي مُون، پوءِ بہ مَهڪ ملير جي.

سانيڪي[1] تي سُومِرا، وُنو سانوڻ - مِينهُن،
نِڌرِ هِتي نِينهُن، قابو اندر ڪوٽ جي.

نہ ڪي نندون ڪَنِ، نڪي سنيرن قوت ڪي،
مارو ”مير“ ملير ۾، ڏکيا ڏينهن ڏسنِ،
آنئي پَهر اُداس ۾، جيئڙو جهانگيئڙنِ،
بادل جان بَرسنِ، سانگيِ منهنجي سارَ ۾.

❀

(۱) سانيڪو: ترُ ۾ سٽ پُرهہ اونهون کوهہ.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وَسن سانوڻ مِينهَن، ڏوتيئڙن جي ڏيهَ ۾،
ڏکيا هِتي ڏِينهَن، راتيون گذرن روچ ۾.

اُجَ ۾ سارو ٿَرُ، بوند نہ ڪا برسات جي،
آنءُ ڪِئَن هھڙي حالَ ۾، ڪُڏي ڪٽان ڪَرُ،
بِنُو سارو بَرُ، سُڪا سَرَ ساٿيھہ جا.

هجر منجھہ حيات، مون جِئَن گھاري جيڏيون،
هوند نہ هڪڙي راتِ، سنيري ڪائي ڪامڻي[1].

سانوڻ سانوڻ ڪنِ، ڏوٿي منهنجي ڏيهَ جا،
آلاٌ اچي اوچتو، بادل جي برسنِ،
تہ جُھوپا جهانگيئڙنِ، سَرها ٿين سيگھہ ۾.

اُيري ايندي آهَہ، جڏهن سانوڻ سِجُ ۾،
تہ سڙي ويندا سومرا، تنهنجا ساهَہ پساهَہ،
"مير" چڏيندءِ مامري، اباڻن آڙاهہ،
وسري ويندءِ واهَہ، سنگھرون سوگھيون ساهہ ۾.

چاتيءَ اندر چيھُہ، سِڪ سنگھارن جي ڪيو،
صبح سانجھيءَ سومرا، ڏسيو ڏسان ڏيھُہ،
سارو ئي ساٿيھُہ، سانديم "مير" سرير ۾!

❀

---

(1) ڪامڻي: سھڻي عورت



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پينر! جنهن کي پونءِ جو، دل ۾ آهي ڌيانُ،
”مير“ اُهو انسانُ، مري، مرندو ڪينڪي.

پينر! جنهن کي پونءِ جو، دل ۾ ناهي ڌيانُ،
”مير“ اُهو انسانُ، جيئري جڻ تہ مري ويو!

پينر! جنهن کي پونءِ جو، خاصو آهي خيالُ،
اندر جو اَحوالُ، اُن سان اوريو، اورِجي.

پينر! جنهن کي پونءِ جو، خاصو ناهي خيالُ،
اندر جو احوالُ، اُن سان ڪِئَن مان اورِيان.

پينر! جنهن کي پونءِ جو، پلپل پوي پُورُ،
سوئي نيڻنِ نورُ، سوئي رهبر راهہ جو.

پينر! جنهن کي پونءِ جو، پَوي نہ تو پُورُ،
”مير“ نہ تنهن کي مُورُ، ساٿي سڏبو ساٿ جو.

پينر! جنهن کي پونءِ جو، دل ۾ آهي دردُ
سوئي مانجهي مرد، سوئي دولهہ ديس جو.

پينر! جنهن کي پونءِ جو، دل ۾ ناهي دردُ،
”مير“ انهيءَ کي مرد، ڪڏهين سڏبو ڪينڪي!

❀



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وتم چاڻَ وجود مان، اُپريو هي اهڃاڻُ،
پَسجي پنهنجو پاڻ، جهاتي پائي جيءَ ۾.

وتم چاڻَ وجود مان، دِل جو ڪولي دَرُ،
ساروئي جوهر، آهي پنهنجو پاڻ ۾.

وتم چاڻَ وجود مان، سڀ ڪُجھ آئم ساڻُ،
سينو ڪَري سوجهرو، پَسيم پنهنجو پاڻُ،
پتو پيو پاڻ مان، اُپريو هي اهڃاڻُ،
ڪونهي مَديءَ ماڻُ، ڪهڙو ماڻُ مَديءَ جو؟

وتم چاڻَ وجود مان، ٻُڌم لائي ڪَنُ،
اندر منجھ اَمنُ، جنگ ٻہ ساري جيءَ ۾!

وتم چاڻَ وجود مان، ڪولي "مير" ڪِتابُ،
جيڪو پڙهان بابُ، اکر پَسان هيڪڙو.

وتم چاڻَ وجود مان، آهين تون ئي تون،
ماريم جڏهن "مون"، جَرڪي پَيو جيئَڙو.

وتم چاڻَ وجود مان، مهڪي پَيو مَنُ،
مليو "مير" وَطن، آئيندي جو آجپو.

❀



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون کي ياد ڪجو، مُئي پڇاڻان ماڻهئو!
سُرهي سندم سارَ کي، ڪفن مان ڪڍجو،
منهنجي اُجري عڪس کي، پنن ۾ پَسجو،
مڙئي ڳڻ ڳڻجو، اکر پَسي اُجرا.

واڪا منهنجي وَسِ، پڌڻ ڪم ڪوهيارَ جو،
ڪڏهن ڪئي ڪينڪي، مون من ماندي بَسِ،
ملندي "مير" اَوَسِ، موٽ ڪٿان ڪنهن اوٽ مان!

پنهنجو اهو پارُ، جيڪو پارُ پناهَہ جو،
سمجهان "مير" سلامتي، ڏاڍِنِ ۾ ڏهڪارُ،
منهنجا گيت گُڙي ڪندا، ڌارين ۾ ڌڌڪارُ،
باندي وجهندا بند کي، ڏسندي ڏسندي ڏارُ،
آزاديءَ ڪان عارُ، مورُ نہ ڪبو مورڪئو!

جهڙو يا تهڙو، پوءِ بہ سانديم ساهَہ ۾،
ماڻهو منهنجي مُلڪ جو، ڪوهہ پڇين ڪهڙو؟
پُرجهي ڏنم پارَ سڀ، "مير" نہ ڪو اهڙو،
جيجل! تو جهڙو، ديس نہ دنيا ۾ ڪٿي!

❀



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيٺ تہ ڪاري راتِ کي، ملي ويندي مات،
ايندي آخر اوچتو، پڌري ٿي پرڀات،
ملندي "مير" نجاتِ، اوندهہ اندوڪار کان.

اڃا اوري آءِ، سائين! منهنجي سوچ ۾،
متان وڃهي مُونجهہ ۾، ڏاڍن جو ڌڪاءُ،
ويرين جي ورتاءُ سان، آهي مون آتڪاءُ،
سيني منجهہ سياءُ، تنهنجا ڳُڻ ۽ ڳالهيون.

متان موٽو ميرَ! متان هاريو هينئَڙو،
متان لوءِ لڄائيو، متان ٿيو دلگيرَ،
ٿيندي سوڀَ سريرَ، وڏندا رهو واٽ تان.

ڪهڙو تنهن جو ڳڻُ؟ جيڪو ويري ڪُڙمَ(1) جو،
پائو، جنهن جو ٻُڻُ، ڄڻ ڪي سيلهہ(2) سرير ۾.

توڙي سمنڊُ اَجهاڳُ، آهي اسان جي اڳيان،
پوءِ بہ سنڌءِ ساٿ سين، ملي ويندو ماڳُ،
پيڙو ٿيندو پاڳُ، پٽ ڏٺي! هن پونءِ کي.

❀

(1) ڪُڙمُ: ڪٽنب، قبيلو
(1) سيلهہ: تير ـ ڪنڊا.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آڄ پي اڳرايون، ساڳيون آهن سنڌ سان،
آڄ بہ آهن اوتريون، اڳ جئن اوکايون،
ڪيڏيون "مير" مصيبتون، اسان تي آيون،
اجا، پَرَ اوڳايون[1]، ڏنم ساري ڏيهہ ۾.

ڪيڏو آهہ ڪلُورُ، ڏارين ڌرتيءَ سان ڪيو،
سانديو هن ساٽيهہَ آ، "مير" نئون ناسورُ،
ماتيلي ڪنهن ماءُ جو، ديسين سان دَستورُ،
آنءُ نہ مڃان مورُ، اهڙي ڏمر ڏاڍ ڪي.

متان ڏِين ميارَ، جيجل! منهنجي جُوڻِ[2] تي،
آڏو دشمن ديس جي، "مير" نہ مڃي هارَ،
ويئي سڀ ڄمارَ، وڙهندي، وڙهندي واسجي!

مورُ مَ ڀانئج "مير"، آرڻ[3] ڪي اتفاق تون،
هي جو ڏاريا ديس ۾، تاڻن وينا تيرَ،
ڏين پيا ڏيهہَ جي، ساري جُسي جهيرَ،
ڪُسجَن پيا ڪيترا، ويچارا هي ويرَ،
آهن سڀ آسيرَ، آزاديءَ جي آسري.

❀

(1) اوڳاني: چرياڻي، بي هوشي
(2) جوڻ: جنم.
(2) آرڻ: لڙائي ـ جنگ جو ميدان.



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سُکَ بہ توسان سنڌُڙي، ڏکَ بہ توسان ديس!
ڪڏهن ڪارا ڪپڙا، ڪڏهن لال لَبيس،
سي ئي ويڙهيم ويس، جيڪي تنهنجي جُوءِ جا.

ڪُچندو ڪارونجهرُ، اَڄ سُپاٽي اوچتو،
آرڻ جي آڙاهہ ۾، ڪُڏي ڪٽندو ڪَرُ،
ڪمائي ڪونڌرُ، ويڙهي ايندو ويڙهہ ۾.

اَچي تو آوازُ، اڪثر اَسُرَ ويل جو،
آهي اِنهيءَ اوٽ ۾، راوت[1]! ڪو جو راز،
سمجهان پيو سازُ، وَڄڻو آهي ويڙهہ جو.

جُڙي پئي جُوءِ، ماڻهنِ مليو ماڻهپو،
راوت! تنهنجي رُوءِ[2]، پَسِي، جيون جَرڪيا.

نسورو نادانُ، درد نہ جنهن کي ديسَ جو،
”مِير“ اِهو انسانُ، آهي مون لئہ اوپرو.

اَچوڪو انسانُ، آلي ڪاتي آڳ ۾،
ڪندو مَڇَّ مَهانُ، ڏُکي ڏکي دير سان.

اَچوڪو اِنسانُ، جڻ ڪا سانت سمونڊَ جي،
تيزيءَ سان طوفانُ، ايندو اَن ۾ اوچتو.

❀

(1) راوت: سورهيہ ــ بهادر.
(2) رُوءِ: صورت، شڪل.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سَڄڻ منهنجا ساهَہ، پَلي آئين پونءِ تي،
تون ئي اوکيءَ آسرو، تون ئي وِلهيءَ – واهَہ،
ويهُہ اَچي تون ويجهڙو، هيٺيءَ جا همراهَہ،
آنديءِ ”مير“ الله، سڀ سَٽايون پانئِيان.

مڙئي مهڪارون، ساجن تنهنجي سُونهن ۾،
عطر اوتي ڇا ڪندين، سهڻا سائين تون،
موهي پئي مون، سَڄڻ تنهنجي سادگي!

پاڻ وَهيٺا وَلَها، ويجهو اَچي ويهُہ،
ماندو تو لئہ ”مير“ جان، ڏنم سارو ڏيهُہ،
سارو ئي ساٺيهُہ، توکي ساريِ سپرين!

اچا ڪنهن جي ڪاڻِ، ڦٿڪين روز فراق ۾،
مُني ڪر تون ”مير“ سان، روئي روح رهاڻِ،
دلڙي، ڪنهن جي درد ۾، ڇُلين تي ڇاڪاڻِ،
ڪوبہ نہ ايندو هاڻِ، درد وندن جي ديس ۾!

سؤلي ڪا سَمجهَڻُ، ٻولي ناهي نينهن جي،
سمجهي ”مير“ سَڄڻُ، ڏُکي ساري ڏيهَ لئہ.

❀



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيڏيون سَرهايون،

سرتي! پنهنجي سات ۾.




wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

میر عبدالرسول "میر" جي شاعري نہ رڳو مقصد سان سلهاڙيل آهي، پر فني، فڪري ۽ ثقافتي سُونهن سان بہ سينگاريل ۽ سنواريل آهي. سندس شاعري جديد ۽ قديم جو سنگم آهي. انهيءَ سنگم جي ساگر مان پڙهندڙ پنهنجي پهچ آهر 'مقصد جا موتي' ميڙي وٺي ٿو. تنهن ڪري سندس شاعري مڪمل طور تي سماجي ڪارج بہ ادا ڪري ٿي!

میر عبدالرسول "میر" جي ٻي شاعريءَ جيان، سندس وائي ۾ بہ سنڌ جي موجوده 'سماجي شعور' جي ڀرپور جهلڪ ملي ٿي. سنڌي قوم کي اسان جي هن شاعر ۾ وڏيون اُميدون آهن ۽ پڪ سان سندس ذات، ڏاهپ جي ڏياتيءَ هيٺ، هِن اونداهي سماج کي روشني ڏيندي:

ڏِسُ هُوءَ ڪَني سجَ جي، اُڀري ٿو اوڀر!

**خاکي جويو**

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٺَڪو ناهي ٺَرُ،

تون ڇو ماندي مارئي!

وسندا مينهن ملير تي، برسي پوندو بَرُ،
تون ڇو ماندي مارئي!

ڪڙا لهندا قلب تان، ڪڇندو ڪارونجهر،
تون ڇو ماندي مارئي!

ڏهڪائيندو ڏاڍ ڪي، ڏوٿين سندو ڏَرُ،
تون ڇو ماندي مارئي!

ڇڙهي ويندا ڇوٽ تي، جهانگي ڇانگي جَهرُ،
تون ڇو ماندي مارئي!

ڏِس هُوءَ ڪَنِي سجّ جي، اُڀري ٿو اوڀَرُ،
تون ڇو ماندي مارئي!

❖



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دُنيا مون کي راس،
آئي ناهي!
نيٺ تہ ايندي!!

جنهن جو اوسيئَڙو اٿم، جنهن لئہ جيءُ اُداس،
آئي ناهي!
نيٺ تہ ايندي!!

ايندي بوءِ بَهار جي، ناهي نينهن نراسُ،
آئي ناهي!
نيٺ تہ ايندي!!

آزادي انسان جي، آهي مون احساسُ،
آئي ناهي!
نيٺ تہ ايندي!!

سوچ سندَم ساٿيهہ کي، واسي ڏيندي واسُ،
آئي ناهي!
نيٺ تہ ايندي!!

سُرت سموري سنڌ کي، وڏي ٿو وشواسُ،
آئي ناهي!
نيٺ تہ ايندي!!

❖



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پِرهه پنهنجا پَرَ پکيڙيا،
ڏينهن تي ويو، رات وئي!

جِيئَن ئي تو وار ويڙهيا،
ڏينهن تي ويو، رات وئي!

جند جو آلاپ ڇيڙيا،
ڏينهن تي ويو، رات وئي!

بيرَ بارن جهولَ ميڙيا،
ڏينهن تي ويو، رات وئي!

کيتَ کاهوڙين جو کيڙيا،
ڏينهن تي ويو، رات وئي!

سنگ ڪنهن سونا سهيڙيا،
ڏينهن تي ويو، رات وئي!

❖



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گُونجي منهنجا گِيتَ،
ماڻهن ڏينـدا ماڻهپو!

ڏينـدا ساري ڏيهہ کي، سوچن جا سنگيتَ.
گُونجي منهنجا گِيتَ،
ماڻهن ڏينـدا ماڻهپو!

سِرجي پيا سنڌ ۾، کندا ڪِيئَن ڪُريتَ.
گُونجي منهنجا گِيتَ،
ماڻهن ڏينـدا ماڻهپو!

جيئـرو رکـندا جڳَ ۾، مون کي هردم هي تہ.
گُونجي منهنجا گِيتَ،
ماڻهن ڏينـدا ماڻهپو!

سَچ سِوا سنسارَ ۾، ڳالهہ نہ ٻُڌن ٻي تہ.
گُونجي منهنجا گِيتَ،
ماڻهن ڏينـدا ماڻهپو!

سي ئي منهنجا سپرين، سي ئي منهنجا مِيتَ.
گُونجي منهنجا گِيتَ،
ماڻهن ڏينـدا ماڻهپو!

❖



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بُري جو بانورُ،
لَهي ويندو ناکئو!
لَهِڻو لَهوءَ جو وني، ڪُنڌي ڪٽو ڪَرُ.
ماٺهو ماٺهو مورڙو، ٻَچَو ٻَچَو ٻَرُ.
اَج پڻ آديءَ رات جو، سَنڌي تو ساگرُ.
اَچو ساتين جا تيون، اوليءَ ۾ آڌَرُ.
بچي سگهندو بَحر ۾، مُور نہ ڪو مانگرُ.
ويرُ جي وسري ويرَ لئہ، تون بہ نہ منهنجو وَرُ.
اَچو اَچو آرَ تي، مَچايون مَحوَرُ.
بُري جو بانورُ،
لَهي ويندو ناکئو!

❖



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيڙو پنيراڪو،
اونداهي اڌ رات وئي!

اڄي آزاديءَ جو،
وڻ وڻ مان واڪو!
پيڙو پنيراڪو،
اونداهي اڌ رات وئي!

سرهي پنهنجي ساٿ ڪي،
جهلي ڇا جهاڪو!؟
پيڙو پنيراڪو،
اونداهي اڌ رات وئي!

اڄُ بہ آهي اڳ جيان،
ڌاريـن تي ڌاڪو!
پيڙو پنيراڪو،
اونداهي اڌ رات وئي!

لڳي ويـندو واه جو،
ڏُـٺيءَ ڪـي ٿاڪو!
پيڙو پنيراڪو،
اونداهي اڌ رات وئي!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاتي ڪاتي مون ڏنو،
ماٺهنِ --- ميڙاڪو!
پيڙو پنيراڪو،
اونداهي اڌ رات وئي!

اتم آجاپي سندو،
اڏتڻ اولاڪو!
پيڙو پنيراڪو،
اونداهي اڌ رات وئي!

ڪَهي رَسِبو ڪيچ کي،
ڏونگر هڪ ڏاڪو!
پيڙو پنيراڪو،
اونداهي اڌ رات وئي!

مون سين اُسري ماڳ ڏي،
آهي ادا، ڪو!؟
پيڙو پنيراڪو،
اونداهي اڌ رات وئي!

❖



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهين تڏهين پاڻ ڪان،
پُڇڻو پوي ٿو:
ڪڏهن رَسبو ڪيچ ڪي؟

اُتي آسُرَ ويل جو،
ساوڪ ۾ سرهاڻ ڪان،
پُڇڻو پوي ٿو:
ڪڏهن رَسبو ڪيچ ڪي؟

سنڌوءَ سُڪل پيٽ ڪان،
ماندي مَن مهراڻ ڪان،
پُڇڻو پوي ٿو:
ڪڏهن رَسبو ڪيچ ڪي؟

وَڃي ساري ويڙهه ۾،
ڄاڻوءَ ۾ اڄاڻ ڪان،
پُڇڻو پوي ٿو:
ڪڏهن رَسبو ڪيچ ڪي؟

آڏو آڏي آرسي،
اکڙين جي آلاڻ ڪان،
پُڇڻو پوي ٿو:
ڪڏهن رَسبو ڪيچ ڪي؟.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاري ڪاري رات ۾،
چوڏهينءَ جي چانڊاڻ ڪان،
پُڇڻو پوي ٿو:
ڪڏهن رَسبو ڪيچ ڪي؟

پُوست، پيڙا، گُهٽَ ڪان،
من سندي مانڊاڻ ڪان،
پُڇڻو پوي ٿو:
ڪڏهن رَسبو ڪيچ ڪي؟

چوڏس تمڪن ڏيئَڙا،
آزاديءَ - اُهڃاڻ ڪان،
پُڇڻو پوي ٿو:
ڪڏهن رَسبو ڪيچ ڪي؟

❖



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان ذرا ٿي ٿو پوان،
تنهنجي پَر ۾،
اوپرا ماڻهو ڏسي!

مان مسلسل ٿو جهڄان،
هر شهر ۾،
اوپرا ماڻهو ڏسي!

هاڻ هاري ٿو وهان،
ٽَرَ برَ ۾،
اوپرا ماڻهو ڏسي!

روز پاڇي کان ڊڄان،
جهنگ جَهرَ ۾،
اوپرا ماڻهو ڏسي!

مان پَيو اڪثر رهان،
ڍُڏ ٽَر ۾،
اوپرا ماڻهو ڏسي!

صبح سانجهيءَ ٿو سڙان،
سَرَ سَرَ ۾،
اوپرا ماڻهو ڏسي!

❖



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪڙو ناهيان آنءُ،
سنڌ سموري سور آ!

سڙيل ڪامُهن جي مثان،
ڪان ڪان ڪري ڪانءُ:
سنڌ سموري سور آ!

ڪهڙي ڪَٿا ڪو ڪَري،
ناهي هڪڙو نانءُ،
سنڌ سموري سور آ!

هيءِ هيءِ ٻڌندو ٿو وڃي،
هوريان هوريان هانءُ،
سنڌ سموري سور آ!

سائين! منهنجي سوچ کي،
ڏي ڪا ڏات ۽ ڏانءُ،
سنڌ سموري سور آ!

نٿهڻ اُس ۽ لُڪَ ۾،
ڇپر ناهي ڇانءُ،
سنڌ سموري سور آ!

❖



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تَجُ پيارِي ٿَرَ،
سَنگهارن کي سُورَ جي!

ڏنگيو اَچي ڏيهَہ کي، ڪِتان ڪاريهَرَ!
سَڙي وَيا سوچ ۾، ٿَرِي ۽ ٿوهَرَ.
مارُن ڏاران مارئي، مَڇي ڏاران جَرَ.
جهانگيئڙن کي جُوءِ ۾، ڏهڪائي ويا ڏَرَ.
ڪڏهن ڏنا ڪِينڪي، اَچي ڪنهن آڌر.

تَجُ پيارِي ٿَرَ.
سَنگهارن کي سُورَ جي!

❖



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تو جڏَن ويڙهيا وارَ،
رات رڙهي وئي روح مان!

گورِي! تنهنجي گُهورَ تان،
گهوريان گهر ۽ بارَ،
رات رڙهي وئي روح مان!

مليا تنهنجي ماڻ ۾،
اُلفت جا آثارَ،
رات رڙهي وئي روح مان!

پَسي پنهنجو پاڻ کي،
پَسيَم تنهنجا پارَ،
رات رڙهي وئي روح مان!

ملي سَگهه سرير کي،
اوکيءَ جا آدارَ،
رات رڙهي وئي روح مان!

سمجهان سنڌِ ساڻَ سين،
”مير“ سيئي سنسارَ،
رات رڙهي وئي روح مان!

❖



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنهنجو مون سان ويرُ،
آهي جائي جَمَّ کان!

ڏيندو سَگهه سرير کي،
پاڻيءَ پاران ڪيرُ؟

آهي ازل کان وٺي،
تنهنجي مَن ۾ مير.

پَوَئي شل ڪو پنڌ ۾،
ڪارِيهَرَ تي پيرُ.

مَندي تنهنجي مَنَّ ۾،
اندر انڌ آنڌيرُ.

چڙهندي چڙهندي چوٽ تان،
تِرڪي پَوَئي پيرُ،
ڏِينگو تِيَئي ڏِيرُ!

تنهنجو مون سان ويرُ،
آهي جائي جَمَّ کان!

❖



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حالت منهنجي هاڻ جي،
جڏهن کا آڌ ڪُٺي-
جاڳئون هوءَ رُني!

سانوڻ گذري ويو آلا!
هِڪَ نہ بُوندَ وُٺي،
جاڳئون هوءَ رُني!

دلڙي درد فراق جي،
آهي مونجهہ مُٺِي،
جاڳئون هوءَ رُني!

جذبن سندي جوت جِي،
ٻٽي "ميرَ" ٻُٺِي،
جاڳئون هوءَ رُني!

❖



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪُڪڙن هنيا دَسَ،
ڪاري رات اُماس وئي!

ڏات ڏئي وئي ڏيهَه لئہ،
ڏاهپ سندا ڏَسَ،
ڪاري رات اُماس وئي!

جاڳايو تو جُوءِ کي،
جيئڙا هُجئي جَسَ،
ڪاري رات اُماس وئي!

دولهہ واري ديسَ کي،
سوچَ ملي مَسَ مَسَ،
ڪاري رات اُماس وئي!

رَسبو رَسبو ماڳ تي،
توڙي گوندر ـ گَسَ،
ڪاري رات اُماس وئي!

منزل پَسي مُرڪبو،
چوڪي جنهن جي چَس،
ڪاري رات اُماس وئي!

❖



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيڏا ڪاريهرَ، ڪنيو وتنِ ڪَرَ،
پيئنر! پنهنجي پونءَ تي!

ساماٽا سَتَ آڱريا، سَرَ سَرَ ۾ سوئَرَ،
پيئنر! پنهنجي پونءَ تي!

اسان چڻ ڪي اوپرا، ڏارين جي جڻ ڏَرَ،
پيئنر! پنهنجي پونءَ تي!

سَڱهہ مان سينا ساهيو، ڪِلَندا وتن ڪَرَ،
پيئنر! پنهنجي پونءَ تي!

شال ڏسان مان ڏينهڙا، سُڪيا ڪي ٻيهَرَ،
پيئنر! پنهنجي پونءَ تي!

هيٺاين ۾ هِينئَڙا، ڏهڪيا پَسي ڏَرَ،
پيئنر! پنهنجي پونءَ تي!

ماٺِ ڏِنم مِهراڻ ۾، سُڪا سارا سَرَ،
پيئنر! پنهنجي پونءَ تي.

❖



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مَرو يا ماريو،
راند رچايو رَتَ جي!

وَچَن سيئي ويڙهه جا، ويرَ مَ وساريو،
مَرو يا ماريو،
راند رچايو رَتَ جي!

هوند نه بچي هيڪڙو، ڌرتيءَ تي ڌاريو،
مَرو يا ماريو،
راند رچايو رَتَ جي!

وادِن وانگي ويڙهه ۾، ڌادِن کي ڌاريو،
مَرو يا ماريو،
راند رچايو رَتَ جي!

دشمن سيئي ديس جا، ٻارڻ جان ٻاريو،
مَرو يا ماريو،
راند رچايو رَتَ جي!

راماٽا[1] رڻ پَٽَ ۾، گهاوَن ۾ گهاريو،
مَرو يا ماريو،
راند رچايو رَتَ جي!

❖

(1) راماٽا: جنگيون.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مارو سپ مَهانُ؛
ڪوبہ نہ ميرو مَنّ جو!

ايندو ايندو او ميان! اُتم ڪو انسانُ.
ايندو ايندو اوچتو، تڪڙو ڪو طوفانُ.
ڪيرائيندو ڪوٽ کي، آزاديءَ - اعلانُ.
اوچو آهي اُڀّ کان، مِٽيءَ سندو مانُ.
آهي اسان جو عمر! آزادي عُنوانُ.

مارو سپ مَهانُ؛
ڪوبہ نہ ميرو مَنّ جو!

❖



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو رڳو مُرڪِي ڏٺو،
دل هٿن مان وئي هلي!

اوچتو ئي اوچتو،
دل هٿن مان وئي هلي!

داءُ ئي اهڙو لڳو،
دل هٿن مان وئي هلي!

ڪو اَتو ناهي پَتو،
دل هٿن مان وئي هلي!

مون ڪَيو وَسُ جيترو،
دل هٿن مان وئي هلي!

هَٿَ ملڻ مان فائدو!؟
دل هٿن مان وئي هلي!

جڻ تہ جهوٽو واءُ جو،
دل هٿن مان وئي هلي!

”ميرَ“ هاڻي ڇا ڪبو؟
دل هٿن مان وئي هلي!

❖



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجي تنهائيءَ،
توکي ساري سُپرين!

ڪاڄُ ڪري ڪنهن جو هجي،
پوءِ بہ شرنائي،
توکي ساري سُپرين!

اُپري وِيرَ وجود دمان،
اُڌمن جي آئي،
توکي ساري سُپرين!

سُڏڪي صبح سانجهہ تي،
ڪافي ۽ وائي،
توکي ساري سُپرين!

چارا پُڇي چنڊ ڪان،
گهورن جا گهائي،
توکي ساري سُپرين!

اونهائيءَ عميق جي،
اُپ جي اوچائي،
توکي ساري سُپرين!

ڦٿڪي "ميرَ" فراق ۾،
ساڳيو سودائي،
توکي ساري سُپرين!

❖



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏوري ڏوري ڏيهُہ،
پنهنجي پکڙي پيهُہ،
ڏُورِ کري ڏوراهِيون!

ٻيوس آهين، ٻاندي آهين،
موڳي آهين، ماندي آهين،
پُرجهي ڇڏ پرڏيهُہ،
لاڳاپا لُڙَ لاهِيون!

ڏيهُہ پرائو، ڏنجهہ ڏِهاڙي،
جنهن جي ڪائي اڳُ نہ پَچاڙي،
واڳ ورائي ويهُہ،
ڪوهُہ ڪجن ڪوتاهِيون؟!

ساهَہ پساهَہ کان پيارو آهي،
سيني جو ئي سهارو آهي،
سارو ئي ساٽيهُہ،
وِندُرَ ۽ ويساهِيون!

پرتِ پَکَنِ جي پاري ڏسجي،
گُهرجائُن سان گهاري ڏسجي،
ڇِڪَ جني وٽ ڇيهُہ،
"مير" انهن سين آهِيون!

❖



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي عشق سندا اسرار عجب،
انڪار عجب، اقرار عجب!




wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

میر عبدالرسول ”میر“ ۾ جيڪا بي پناھ لِڪل صلاحيت (Hidden Capability) آھي، تنھن ڪي مان بَيانُ نہ ٿو ڪري سگھان!

”میر“ جھڙي پَڪي پختي ’ڪافي‘ لکڻ ھر شاعر جي وَس ۾ آھي ئي ڪونہ! سندس ڪافين مان مون کي لاڙڪاڻي جي زيتونن، ميرپورخاص جي انبن، گھوگھاري جي سُگِداسي چانورن، خيرپور جي ڪارُڪن ۽ ڀٽ شاھ جي صوفي اوتارن جي گلن جي خوشبوءِ ايندي آھي!

**تاجل بيوس**

wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تنهنجو ناهي جوابُ،
تارن ۾ تون چنڊ لڳين ٿو.

ڪيڏو نه دنيا پاڻ سنواري،
پوءِ به ان کي ويندو ماري،
هڪڙو تنهنجو حجابُ.

سهڻن جو تون آهين والي،
خوشبو تنهنجي آهي نرالي،
گُلڙن ۾ جئن گلابُ.

تن من مان آواز اچي ٿو،
تنهنجي سڪ جو ساز وڄي ٿو،
رڳ رڳ منجهه ربابُ.

”ميرَ“ مِٺايون ماڪيون مصريون،
تنهنجي پيار ۾ مون ڪان وسريون،
ماڻين شال شبابُ.

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وڏو عشق جو يارَ عالم اٿئي،
رڳو روح راڙو ۽ ماتم اٿئي.

وڍيو وِرهہ جنهن کي، وڏيو کونہ آ،
ڦٽيو فرقتن جو، چڙهيو کونہ آ،
نہ ڦيٽو ڦڪي آ، نہ مرهم اٿئي!

جڏهن درد دل ۾ تو ديرو ڪري،
مِٽيءَ ۾ ملائي تو ميرو ڪري،
اِها ڪارِ آهي، اهو ڪم اٿئي!

وڇوڙي جي ڀي ڪابہ وائي نہ آ،
رُئڻ ڪانسواءِ ريت ڪائي نہ آ،
اکين ۾ چڙهي ايندا آگم اٿئي!

هِتي "ميرَ" ماٿهو گِدا ٿي ويا،
نَذرُ نينهن جو ٿي، فنا ٿي ويا،
پلي گهيڙ ۾ گِهڙُ، اگر دَمُ اٿئي!

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

توسان ساجن ساڻُ،
ڪوهُه پُڇائين پنڌ پراهون!
پنڌ پراهون، هنڌ پرانهون!!

مَن جو مَن ۾ ماڻُ پسي ڏِس،
پُرجهي پنهنجو پاڻُ پسي ڏس،
پاڻ پسي ڏِسُ پاڻُ!

هوڏي چاهي، ڪجهه بي ناهي،
جيڪي آهي، تو ۾ آهي،
چاڻَ اهائي چاڻُ!

تو ۾ آهي، تنهنجي اولي،
ٻاجهاري تو ٻولي ٻولي،
صورت جو سرواڻُ!

جي تو پنهنجو پار سڃاتو،
سمجهه، سچو سنسار سڃاتو،
ماڻِ مڙوئي ماڻُ!

پاڻُ سڃاڻج، پاڻ کي ڄاڻج،
پاڻ ۾ پيهي، پاڻ ۾ ماڻج،
”ميرَ“ مڙئي مانداڻُ!

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مُڪيون مارن رات ميارون اٿم،
ٻُڌيون اُبِ، ڏنيون اُڇنگارون اٿم!

منهنجي ساري عمر تي زهر وئي،
ڪا ڳالهه وٺي ٿي ڪانه پٺي،
رڳو سانگين سارون سنيارون اٿم.

هُتِ ڪکرن ڪارونيار ڪيا،
هِتِ لُڙڪن جا وسڪار ٿيا،
هئه، هينئڙو ڦارون ڦارون اٿم.

ڪو پورا پورا ڪوٺ ڪري،
ڪنهن اوٽ منجهان مَن موٽ ڪري،
هِن ساهه کي جنهن جون سارون اٿم.

مون پونءِ مٿان پونچال ڏٺو،
ڏکيو ڏوٿيئڙن جو حال ڏٺو،
ساري ٿر ۾ ٻُڌيون ٻاڪارون اٿم.

جو "ميرَ" مَٿايان لوئيءَ کي،
۽ ڪيئن لَڄايان لوئيءَ کي،
هِن لوئيءَ ۾ للڪارون اٿم.

※



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حُسن جي حقيقت، پرين تنهنجون اکڙيون،
بنهه خوبصورت، پرين تنهنجون اکڙيون.

نگاهن کان تنهنجي، جُدا ٿي نہ سگهبو،
حياتي تہ ڇا، پر گهڙي جي نہ سگهبو،
جياپي جي صورت، پرين تنهنجون اکڙيون.

اکين ۾ ڏسڻ سان ملي زندگي ٿي،
اکين جي ملڻ سان ٿئي بندگي ٿي،
اسان جي عبادت، پرين تنهنجون اکڙيون.

اتن شرم شيوو، حيا ئي رکن ٿيون،
۽ خوشبوءَ جيان پارسائي رکن ٿيون،
فقيري، فضيلت، پرين تنهنجون اکڙيون.

اکين کي اکين ساڻ وينا چُمون ٿا،
مقدّس ڪتابن جيان ئي پڙهون ٿا،
اسان جي تلاوت، پرين تنهنجون اکڙيون.

اکين جو اکين سان رکيو "ميرَ" رايو،
اکين جو اکين ۾ تري عڪس آيو،
شريعت، طريقت، پرين تنهنجون اکڙيون.

*



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

خبر ناهي تہ ڇا آهي الئہ بنيادُ اکڙين جو،
اُتي بيدادُ اکڙين جو، اُتي فريادُ اکڙين جو.

تڏهن توکي پَيو ڇاهيان، تڏهن مجبور ٿيو آهيان،
جڏهن عاشق ٿيڻ جو مون کي ٿيو، ارشادُ اکڙين جو.

حڪيمن جي نہ حاجت آ، نڪا طاقت طبيبن کي،
اُهو بيمارُ ئي رهندو، ڪيو بربادُ اکڙين جو.

هزارين ڪَنِ پلي حيلا، نہ ايندي مات مون کي ڪا،
منهنجو هي عشق خود آهي ٿيل ايجادُ اکڙين جو.

ترارن کان تکيون آهن، الئہ ڪنهن کان سکيون آهن،
نہ سمجهي "ميرَ" سَگهيس مان، اِجا استادُ اکڙين جو.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ اڱڻ منهنجي تي آيو يارُ، عيدون ٿي ويون،
دل ڪيو دلدار جو ديدار، عيدون ٿي ويون.

جُهڙ ٿيا، جنسار ٿيا، سرهاڻ ٿي سنسار ۾،
ديس منهنجي ۾ ٿيو گلزارُ، عيدون ٿي ويون.

جنهن جي آئي چنڊ تارن کي ملي ٿي روشني،
سوئي آيو سونهن جو سردار، عيدون ٿي ويون.

روح کي راحت ملي، جذبا وري جاڳي اُٿيا،
منهنجي اکڙين جو اچي ويو ٺارُ، عيدون ٿي ويون.

ديد ديدن سان ملائي، مسڪرائي يارَ اڄ،
خوش ڪيو آ برهه جو بيمارُ، عيدون ٿي ويون.

پونء تي بادل پَيا برسي، سڄڻ جي ساٿ سان،
”ميرَ“ مارُن تي ٿيو ملهارُ، عيدون ٿي ويون.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

او دردن واري دِلِ!
بي درد کي هيڏو ياد نہ ڪر.

جتي ناهي دُکو، اُتي سَيرَ گُهرين،
چو ٻيرن ڪان تي ٻيرَ گُهرين،
آزار نوان ايجاد نہ ڪر...

جتي دير بہ آ، آنڌيرُ بہ آ،
جَنهن دل ۾ اچي ويو ڦيرُ بہ آ،
جِتي داد نہ آ، فرياد نہ ڪر...

ڪنهن پٿر دل کي سارينديءَ،
هر ويلَ غمن ۾ گهارينديءَ،
تون "ميرَ" کي هيئن برباد نہ ڪر...

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڙانگي جاءِ تي اکڙيون آڙائي نيٺ ويٺاسون،
هٿن سان ننڊ پنهنجيءَ کي ڦِٽائي نيٺ ويٺاسون.

نہ ڪو خطڙو، نہ ڪو قاصد، جتي پهچي سگهيو آخر،
سمورا سورَ گيتن ۾ سٽائي نيٺ ويٺاسون.

نہ ڪنهن سان سور سَلياسون، نہ ئي ڪو حال پائي آ،
هزارين درد سيني ۾ سمائي نيٺ ويٺاسون.

هُتي دونهين دُکي ناهي، محبّت هِت مچايا مَچ،
اَجايو جانِ پنهنجيءَ کي جلائي نيٺ، ويٺاسون.

وئي دل اوچتو اڙجي، تڏهن مجبور ٿي يارو!
ادب سان "ميرَ" پنهنجو سِرُ جهڪائي نيٺ ويٺاسون.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اِها آسَ آندر ۾ يار اٿم،
تون پَر ۾ هُجين، توسان پيارُ ڪريان.

توکي عمر سڄي مهمان ڪريان،
ڪري هڪ هڪ پورو ارمان ڪريان،
سر ساههُ توتان قربان ڪريان،
تنهنجو دم دم پيوْ ديدارُ ڪريان.

توکي ساهه ۾ اِيئَن سمائي ڇڏيان،
ساري لوڪ کان جِيئَن لڪائي ڇڏيان،
توکي روح پنهنجي ۾ رَلائي ڇڏيان،
تنهنجي اُلفتَ جو اقرارُ ڪريان.

سارو دل جو توسان حال ڪريان،
توکي قربَ ڏيڻ ۾ ڪمال ڪريان،
ڪنهن جو خوف نہ ڪوئي خيال ڪريان،
تنهنجون ٻانهون ڳچيءَ جو هارُ ڪريان.

گڏ مون سان هجين، جيسين جيئرو هجان،
تون منهنجو رهين، مان تنهنجو رهان،
هڪ جيڏن ۾ پيو ”ميرَ“ نهان،
تون ساڻ هجين، سينگار ڪريان.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اکين جا اشارا، منهنجي دل ڦُري ويا،
پري کان ئي پيارا، منهنجي دل ڦُري ويا.

ڪٽيو نيڻ ڏسندا منهنجون روز راهون،
ڏسڻ سان، جهڪائي ڇڏيندا نگاهون،
اهي ناز نيارا، منهنجي دل ڦُري ويا.

ڪنان ڪي ڪڪر جِيئَن پرجي اچن ٿا،
وسڻ جا ڪري ويس، وَسِيو وڃن ٿا،
نوان نت نظارا، منهنجي دل ڦُري ويا.

آسر ويل ساريو مان سارِيان جنين کي،
ڇڏي لوڪ ساروں پڪاريان جنين کي،
ڪندا ڪئَن ڪنارا، منهنجي دل ڦُري ويا.

مٺا ماڪي مصري مکڻ کان لڳن ٿا،
جڏهن "ميرَ" مون ساڻُ مُرڪي ملن ٿا،
پرين پيار وارا، منهنجي دل ڦُري ويا.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي پيار جو هر لمحو، سهڻا!
جڻ سياري جو تڙڪو، سهڻا!

هڪ پيرو ڪٽي اچ، پوءِ ڏسجان،
هي جيون سچ پچ، پوءِ ڏسجان،
ڪِئَن مَرڪي جَرڪي ٿو سهڻا!

تنهنجي پيار ڪي ڪهڙا نانوَ ڏيان،
تنهنجو برهه آ بڙ جي ڇانوَ جيان،
ڪنهن ٿاڪ منجهند جو، او سهڻا!

پنهنجي هانوَ ۾ جنهن تنهنجو نانءُ رکيو،
جڻ ذات رکي، جڻ ڏانءُ رکيو،
منُ مهڪِي تنهن جو پيو، سهڻا!

گهر ٻار رڳو ڇا، مور مٺا!
تو تان تن من جيوَن گهور، مٺا!
تو تان ساهه سسي صدقو، سهڻا!

ڪهڙي طاقت چنڊ ستارن ڪي،
دنيا جي "ميرَ" نظارن ڪي،
تو سان سينو ساهن، جو سهڻا!

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي مست اکين جو خير هجي،
جنهن پاسي تنهنجو پير هجي.

تنهن من ۾ کو مونجهارو آ،
ڪيڏو نہ اهو منُ کارو آ،
جنهن من ۾ تولئہ مير هجي.

احوال اندر جا اوريندس،
سِر ساهہ مٿس مان گهوريندس،
جيڪو توکي وٽيو، کٽي کير هجي!

منهنجي توبن کائي واهہ نہ آ،
مون کي دنيا جي پرواهہ نہ آ،
رڳو تو ۾ نہ ڪوئي ڦير هجي.

توکي "ميرَ" نہ کوسو واءُ لڳي،
نہ ئي تڙکي جو کو تاءُ لڳي،
ڪنهن جو بہ نہ توسان وير هجي.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توکي ياد کري ساري رات رنم،
سج اُڀري ويو، اک کانہ لڳم.

تنهنجي دل ۾ الائي ڇاهي، صنم!
پتو راز تنهنجي جو ڪونہ پيم،
مون کي چاهين ٿو، الئہ وهم اٿم،
اِن جهوريءَ ۾ جهوريِ جيءُ وڏم.

مان قاصد توڏي اُماڻيا، پر
اِهو خوف وڪوڙي ٿو هر هر،
متان سوچين الئہ تون ڇا، دلبر،
متان سمجهين، توکي بدنام ڪيم.

جڏهن محبت جو ڏنو مرض اٿئي،
تڏهن حال پڇڻ بہ تہ فرض اٿئي،
ناهي "ميرَ" حجت، اهو عرض اٿئي،
ملي مون سان وچ، توکي پنهنجو قسم.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي پيار جي لائق ناهيان مان،
ڪٿي ڪيڏو بہ توکي چاهيان مان.

تنهنجي ماٺ کي ڪِئَن اظهار چوان،
انڪار کي ڪِئَن اقرار چوان،
ڪِئَن پردي کي ديدار چوان،
ڪهڙا ناهہ اجايا ناهيان مان.

ڪِئَن ڌرتيءَ کي آسمان چوان،
ڪِئَن دردن کي درمان چوان،
ڪِئَن مشڪل کي آسان چوان،
ڪِئَن خيال جا واهڙ واهيان مان.

ملي جنَن نہ خزان ٿي بهارَن سان،
وڃي سورن جو چيا قرارن سان،
ڪري سَير جا "ميرَ" ڪنارن سان،
اِئَن آهين تون، اِئَن آهيان مان.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڪاري، پڪاري، پَيو روز رُئنديں!
جڏهن مان نہ هوندس، جڏهن مان نہ هوندس.

وفائن کي منهنجي، جفائن کي پنهنجي،
سنڀاري، سنڀاري، پيو روز رئنديں،
جڏهن مان نہ هوندس، جڏهن مان نہ هوندس.

ڪي تحريرون منهنجون، ڪي تصويرون منهنجون،
نهاري، نهاري پيو روز رئنديں،
جڏهن مان نہ هوندس، جڏهن مان نہ هوندس.

ڪَئَين ڪانگ پنهنجي اڱڻ جي پتين تان،
اڏاري، اڏاري پيو روز رئنديں،
جڏهن مان نہ هوندس، جڏهن مان نہ هوندس.

'اِجهو آيو، آيو'، اِئين پنهنجي دل کي،
ڏتاري، ڏتاري، پيو روز رئنديں،
جڏهن مان نہ هوندس، جڏهن مان نہ هوندس.

صبح سانجهہ نالو مٺا "مير" جو تون،
اُچاري، اُچاري پيو روز رئنديں،
جڏهن مان نہ هوندس، جڏهن مان نہ هوندس.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توسان سينو ساهي ڪيرُ، سڄڻ!
پائي تنهنجي جُتيءَ ۾ پيرُ، سڄڻ!

ڪَنِ هار سينگار هزار ڪٽي،
ڪري سُرما تيل قليل قٽي،
تہ بہ سرس سمجهان تنهنجي اک جي اٽي،
اهو اک جو آهي ڦيرُ، سڄڻ!

تنهنجي درشن ۾ ديدار لڪين،
هڪ پيار تنهنجي ۾ پيار لڪين،
تنهنجي اکڙين جا اسرار لڪين،
ڪو ان ۾ اير نہ پيرُ، سڄڻ!

تنهنجي جلون جو نہ جواب ڏٺم،
تنهنجي هستيءَ جو نہ حساب ڏٺم،
جڏهن قرب تنهنجي جو ڪتاب ڏٺم،
لٿو "ميرَ" جي من جو ميرُ، سڄڻ!

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجو منهنجو ساڳيو نانءُ، پرين!
تون مون ۾، تو ۾ آنءُ، پرين!

تنهنجو قائل مان، منهنجو قائل تون،
تو ڏي مائل مان، مون ڏي مائل تون،
تنهنجو ساحل مان، منهنجو ساحل تون،
مان تنهنجو، تون منهنجو هانءُ پرين!

مان جسم، تہ تون تصوير منهنجي،
مان خيال تہ تون تعمير منهنجي،
مان قلم، تہ تون تحرير منهنجي،
مان ذات، تہ تون منهنجو ذانءُ پرين!

پنهنجون ڳالهيون ناز نياز جيان،
محمود جيان ۽ اياز جيان،
ڪنهن رمز جيان، ڪنهن راز جيان،
پنهنجو چاهہ ٿڏو جڻ ٿانءُ پرين!

مان ٻاڪ ڦٽي، تون هِير آهين،
مان چاندوڪي، تون وِير آهين،
تون پاڇي وانگي ”ميرَ“ آهين،
مان ڇپر، تہ تون منهنجي ڇانءُ، پرين!

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيڪا تنهنجي هجر جي رات ملي،
جڻ سَنڌ سَنڌَ کي سڪرات ملي.

ڪو انت نہ آهي پورن جو،
تنهنجي نينهن سندي ناسورن جو،
سجُ اُپريو جنهن سان سُورن جو،
سا پڌري ٿي پرڀات ملي.

تون وڇڙو هُئين، پري ڀيٽڙو هُئين،
نہ تون رهڙو هئين، نہ ڪي ورڙو هُئين،
نہ ڪو اچڙو هُئين، نہ ئي ملڙو هُئين،
جيڪا ملڻي هيم، سا مات ملي.

تو موٽڻ جي ڪئي ڪانہ وري،
آئي تارن ۾ تنهنجي تات تري،
وئي جنهن سان بدن ۾ باھ ٻري،
سا برھہ سندي برسات ملي.

توکي ساريو ساريو ساريان مان،
تنهنجي هجر ۾ هنجڙون هاريان مان،
تنهنجي غم ۾ "ميرَ" گذاريان مان،
مون کي تنهنجي ڏُکن جي ذات ملي.

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنهنجا تورا، اگڻِ آئين پير پري،
اڄ رات رهي پئہ قرب ڪري.

هن دل ۾ گهٽو ڪجهہ يارَ اٿم،
نئين سِج نوان آزار اٿم،
تنهنجي ورنديءَ جا ويچار اٿم،
رهہ رات تہ منهنجو پاڳ وري.

تو نينڻ ڪٽي، ڪنڌ هيٺ ڪيو،
ڪِلي چپڙن ۾ تڏو ساهہ پريو،
ان رمز ۾ مون کي راز مليو:
تنهنجي مَنَ ۾ بہ پئي تي باهہ ٻري.

محبوب! نہ مون کان تيءُ پري،
ويهہ پر ۾ تہ منهنجو هانءُ ٺري،
منهنجو توکان سوا ٿو دم نڪري،
تنهنجي محبت ۾ ٿو "ميرُ" مري.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي فرقت ۾ محبوب مٺا، اڄ مان ٿو رئان، پوءِ رئندين تون،
جهڙي ڪرٽي آ، تهڙي پرٽي آ، اڄ مان ٿو رئان، پوءِ رئندين تون.

هيءَ ڳالهه ٻُڌي ڇڏ منهنجي صفا، پلي مون سان ڪر تون جورو جفا،
هڪ ڏينهن ڪندين، منهنجي ياد وفا، اڄ مان ٿو رئان، پوءِ رئندين تون.

ڪو وقت ايندو، مون کي ياد ڪندين، منهنجي مرڻ کان پوءِ فرياد ڪندين،
پڇتاءُ ڪندين تہ بہ ملندئي ڇا! اڄ مان ٿو رئان، پوءِ رئندين تون.

جڏهن دنيا سڄي آرام ڪندي، توکي ياد منهنجي بدنام ڪندي،
آواز ايندا، تنهنجي سڏڪن جا، اڄ مان ٿو رئان، پوءِ رئندين تون.

تو مان رحم ڪرم جي اميد وئي، تو ڪانہ ڪڏهن اها ديد ڪئي،
چو ”ميرُ“ ٿيو تنهنجي در جو گدا، اڄ مان ٿو رئان، پوءِ رئندين تون.

⁕



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دل! توکي تيو آ چا،
تون مون کي ڪجهہ تہ ٻُڌا،
تي ڪنهن کي ڪرين سڏڙا،
هِتِ ڪوبہ نہ ايندو آ.
هِتِ ڪوبہ نہ ايندو آ...

ڪنهن لئہ ڪانگ اُڏارين پئي؛
ڪنهن لئہ اڱڻ ٻُهارين پئي،
ڪنهن کي روز پُڪارين پئي،
ڪنهن جي راهہ نهارين پئي،
ڪنهنجا آهن اوسيئڙا!

تو پاڻ سان پاڻ ڪئي،
آزار ۾ آهيون ٻئي،
جا وچڙي هئي، سا وئي،
ڏسي راهن جي ڪا رَئي،
ڏي ڪنهن کي ڪين صدا.

تيو توکان ڪير جدا،
ڪنهن توسان ڪئي آ دغا،
جا رئڻ مان ورندو پلا،
بيڪار آهن سُڏڪا،
ڪر "ميرَ" کي ڪين خفا.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دردِ دل جي ڪر دوا، دلدار دلبر دلربا،
موتُ منڙا ماڳ ڏي، منٺار منور مهہ لقا.

تاتِ تارن ۾ تري، تارا تڪيندي تاب سان،
گهوٽ گهائين تو گهٽا، هڪ گهُور گهُوري گهٽگهرا.

هوتَ، هئہ هئہ، هيءَ حياتي، حال هيٺا هجر ۾،
پهچ پيارا پير پائي، پيچ پايون پيارَ جا.

ڳُجهہَ ۾ ڳارن ڳٺاتي ڪان گهٽيريون ڳالهڙيون،
ديد سان دل کي اچي ڏي درد - دوريءَ جي دوا.

ڏوري ڏس ڪِئن تا ڏکن جا ڏيل کي ڏينيو ڏنگن،
ورهہ وادي وانگيان، وَڏَ واهہ جا واري وڏا.

لوڪَ - لاڳاپا لڏي، لالڻ، لڙي اچ لوڪَ ڪان،
محب تي منسوب مُرڪي ”ميرَ“ سان، منهنجا مٺا!

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏسي توکي اڄ مان وري جِي پيو هان،
ملي زندگي ٻي، مري جِي پيو هان.

ڏسڻ لاءِ توکي، چَريا نيڻ منهنجا،
ڏسي نيڻ تنهنجا، نريا نيڻ منهنجا،
سڄڻ، مان سراپا نري، جِي پيو هان.

مون تي تنهنجا ٿورا ٻه ٿورا تہ ناهن،
گهڻيرا ستارن، نظارن کان آهن،
نہ لاهي سگهان کا ذري، جِي پيو هان.

وئي دل مان نڪري سموري دُئي اڄ،
حياتيءَ جي ٻيڙي ڪُنن ۾ هُئي اڄ،
ٽپي تار مان وئي تري، جِي پيو هان.

ملي ديد توسان تہ ديدن جا ڏيئڙا،
اڳي عيد کان "ميرَ" عيدن جا ڏيئڙا،
پَيا منهنجي گهر ۾ ٻري، جِي پيو هان.

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رهي اڄ بہ تصوّر تنهنجو ٿو،
تنهنجي وسرڻ لئہ، ڪيپي عرصو ٿو.

تنهنجا ٽهڪ ڪَنن ۾ گونجن پيا،
تنهنجا عڪس اکين مان اُيرن پيا،
پسان چوڏس تنهنجو چهرو ٿو.

گهڙي هڪ بہ نہ دل مان نڪري سگهئين،
ڪا ويل نہ مون ڪان وسري سگهئين،
تنهنجي پورن جو رهي پهرو ٿو.

تنهنجا ناز وساري ڪونہ سگهيس،
انداز وساري ڪونہ سگهيس،
اچي ياد پيو لمحو لمحو ٿو.

تنهنجي خيالن ۾ هر وقت رهي،
توسان ڳالهيون ڪري، ڪجهہ شعر لکي،
جهڪو بار ڪيان ايئن دل جو ٿو.

جي لائي، توڙي ڪين سگهيا،
منهن موڙي، ماڳهين جي نہ سگهيا،
اچي "مير" جو تن سان نالو ٿو.

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سيئي راز دل جا بُڌائن تيون اڪڙيون،
زبان چُپ رهي ٿي، ڳالهائن تيون اڪڙيون.

مون کي ٿي ته ملندو تنهنجو پيار منڙا،
پلي پاڻ ڪر تون نه اظهار منڙا،
زبان سان ڪرين تو جي اِنڪار منڙا،
سڀي مام مون کي سُڻائن تيون اڪڙيون.

هلي آءُ سامهون، ملي ديد دلبر،
منهنجي تو ۾ هردم آ اُميد دلبر،
ٿئي عيد ڪان ٿي اڳي عيد دلبر،
جڏهن قرب تنهنجون ڪمائن تيون اڪڙيون.

بڇي تير تلوار ڪان پي وڃن ٿا،
زماني جي هرڪا ئي بازي کَٽن ٿا،
مگر "ميرَ" پو پي، هُو بيوس رهن ٿا،
ڪري قيد جن کي کُهائن تيون اڪڙيون.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪانهہ سري، ڪانهہ سري، ڪانهہ سري،
ڪِيئَن ڪريان مان، ڪاڏي وڃان!

سانوڻَ جڏَن مينهن وَسايا،
منهنجي دل ۾ دُودَ دُکايا،
باهہ ٻري، باهہ ٻري، باهہ ٻري...

باهہ برهہ جي ٻاري آهي،
جيءَ سڄي ۾ جاري آهي،
ڪانهہ ٺري، ڪانهہ ٺري، ڪانهہ ٺري...

سا تہ هٿن مان زوري وئي آ،
جيڪا دلڙي يار ڪئي آ،
چاهَہ چري، چاهَہ چري، چاهَہ چري...

گهڙيءَ گهڙيءَ نئون اُڌمو آندو،
"مير" تنهنجي لئہ آهي ماندو،
آءُ وري، آءُ وري، آءُ وري...

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪٿي آهين بيپرواهه سڄڻ،
اکيون روز ڏسن تنهنجي راهه، سڄڻ!

ڪي حالت پنهنجي ٻُڌائي سگهيا،
چئي پاڻ سگهيا، يا چوائي سگهيا،
پنهنجي پورن کي پهچائي سگهيا،
اهڙي مون وٽ ڪابه نه واهَه، سڄڻ!

هن حال تي ڪنهن جو وس نه هليو،
ڪنهن ڏاهي جو ڪو ڏس نه هليو،
ڪو منزل پاسي گس نه هليو،
رَس هيٺيءَ جا همراهه، سڄڻ!

هاڻي ته پڇي ڏي صنم ڪٿي،
مون سان نه ملڻ جو قسم ڪٿي،
ڏاڍو دل کي ڪيو آ پيسم ڪٿي،
تنهنجي چئن ڏينهنِ جي چاهه، سڄڻ!

راتيون ”مير“ کي جاڳڻ سيکاريو،
سارو تن من تڙپڻ سيکاريو،
رڳو پڇرڻ اپرڻ سيکاريو،
ڏئي ساهه کي سورن ساهه، سڄڻ!

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گذريءَ ڪي چا ياد ڪبو، ڪو خواب سهانو گذري ويو،
برهه ڪري بيراڳي مون کي، باز بچائي بحري ويو.

اهڙي ڪنهن جي نظر لڳي وئي،
منزل کان اڳ راهه رُسي وئي،
دلڙي پورا پورا ٿي وئي،
آخر سيڪجهه وسري ويو.

هر هر منهنجي پر ۾ ويهي،
جانب ڪئي آ مون سان جيهي،
چڻ ته پکيئڙو هو پرڏيهي،
ڏيهه پرائي اڏري ويو.

جانب جيءَ ۾ جايون جوڙي،
ويندي ويندي منهڙو موڙي،
ساٿ سهانو ساجن توڙي،
کانُ هٿي ڪو ڦهري ويو.

اڳ ته اسان به امير هياسون،
هر محفل جا "ميرَ" هياسون،
ڪنهن جا ماهه منير هياسون،
روح مان رنگڙو نکري ويو.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لِڪي روز لِيا ڇو پائين ٿو،
اَچ سامنهن، ڇو شرمائين ٿو.

ڇو دل تي ڏسڻ نٿو مونکي ڏِئين،
جهاتي پائي، وڃي ٿو اوٽ ٿِئين،
پانيان موت پيو، جاني شال جِئين،
جڏهن نظرن کي چورائين ٿو.

پلي سوچي ڏس، ڇا آهيان مان،
پنهنجي ماٺ ۾، ڇا تو چاهيان مان،
بس توکان سوا، ڪنهنجو ناهيان مان،
ڇا لاءِ مون کان لَهرائين ٿو.

پنهنجو پيار ڪڏهن بہ نہ پلٽو آ،
هڪبئي سان نيٺ تہ مِلڻو آ،
ڪولي سور جڏهن سڀ سلڻو آ،
تہ پوءِ ڇو نہ ڪُلي ڳالهائين ٿو.

سچو ڏينهن اٿم تنهنجي تات پرين،
اچين خوابن ۾ هر رات پرين،
ناهي ”مير“ کي ٻي وائي وات پرين،
انئي پهر مون کي تڙپائين ٿو.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان توکي وساري وينو هان،
جڻ پاڻ کي ماري وينو هان!

جڻ ڪجھ بہ پَسڻ نٿو چاهيان مان،
جڻ ڪجھ بہ ڏسڻ نٿو چاهيان مان،
سچ ڏانهن نهاري وينو هان.

مون خوشين کان منهن موڙي ڇڏيو،
دک درد سان ناتو جوڙي ڇڏيو،
سورن جي سهاري وينو هان.

اڄ مون ڏي تون ڇو ڏيان ڏرين!
پنهنجي هستيءَ کي ڇو هيٺ ڪرين!
جڏهن سڀڪجھ هاري وينو هان.

تنهنجو نانءُ نہ ونبو هاڻي ڪڏهن،
ڏِسي توکيَ، نہ سڏبو هاڻي ڪڏهن،
اِهي اکر اُچاري وينو هان.

تنهنجي قابل ٿي نٿو "مير" سگهان،
تنهنجي منزل ٿي نٿو مير سگهان،
اُها عمر گذاري وينو هان.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مونکي سورن ڇڏيو ساڙي، لُڇان ڏينهن رات تنهنجي لئہ،
ڪڏهن قاصد، ڪڏهن پانڌي، پڇان ڏينهن رات تنهنجي لئہ.

شمع جو ڪم جلڻ آهي، مگر مون جئَن جلي ناهي،
جلي هوءَ رات جو، ۽ مان جلان ڏينهن رات تنهنجي لئہ.

اڃا تائين تہ نيڻن ۾ نہ آهي ننڊ جو نالو،
اڇڻ وارا، تنهنجون راهون، ڏسان ڏينهن رات تنهنجي لئہ.

سُڪن جي سونهن ڏُک آهن، جدائي ڪيسين جهوريندي،
انهيءَ اُميد تي وينو، جيان ڏينهن رات تنهنجي لئہ.

وري سانوڻ بہ آيو ۽ وَسائي ويو ڪڪر ڪارا،
اڃا تائين مگر مان پيو، وَسان ڏينهن رات تنهنجي لئہ.

اها ديوانگي ناهي تہ چاهي ”ميرَ“ جي آخر،
چُري ڪَکُ پن، تہ چرڪي ٿو، پوان ڏينهن رات تنهنجي لئہ.

٭



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مَس لات برِي آ، پرديسي،
هاڻي تہ وري آ، پرديسي!

ڏِسُ، رات ڪُنڊ جا پار اچي،
ڏِسُ، باک ڦُٽڻ جا پار اچي،
اچ، رات نري آ، پرديسي!

ڏِسُ ڌرتيءَ جا سينگار اچي،
ڏِسُ، ماڪَ ۽ پِنل گلزار اچي،
هر پرهہ پري آ، پرديسي!

ڏِسُ، بانديءَ دل جو حال اچي،
درمانديءَ دل جو حال اچي،
دل دردَ ڀري آ، پرديسي!

پنهنجي ڏيهہ کان هيڏو ڏور وڃي،
ساڻيهہ کان هيڏو ڏور وڃي،
ڪيئَن تنهنجي سري آ، پرديسي!

ڏِسُ ڏينهن اچي، ڏس رات اچي،
ڏِسُ "ميرَ" جي من جي تات اچي،
تارن ۾ تري آ، پرديسي!

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان توکي پسڻ لئہ آتو هان،
تنهنجي نينهن جو مان ئي ناتو هان.

اها ڳالهہ صفا سمجهي نہ سگهيم،
جو تنهنجي اڳيان ڪُڇي ڪين سگهيم،
هڪ لفظ بہ ساري چئي نہ سگهيم،
نہ ڪي گونگو هان، نہ ئي ٻاتو هان.

منهنجيءَ الفت ڪان انڪار اٿئي،
منهنجي برهہ کي سمجهيو بار اٿئي،
ايڏو مون ڪان الئہ ڇو عار اٿئي،
نہ مان پِٽَ آهيان، نہ پاراتو هان.

پنهنجي "مير" کي ماڻي ڪين سگهئين،
پنهنجي دل ۾ آڻي ڪين سگهئين،
هِڪُ تون ئي سڃاڻي ڪين سگهئين،
نہ تہ لوڪَ سڃاتو، ڄاتو هان.

*



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

منهنجي مجبورين تي مُرڪين ٿو،
چو لوڻ ڦٽن تي ٻُرڪين ٿو.

تنهنجي تات ڪٽي ٿو ترسان مان،
توتي بادل ٻٽجي برسان مان،
سڀي عمر هجان تنهنجي پرسان مان،
تون تہ قرب ڪٽيءَ لئہ ڪُرڪين ٿو.

منهنجي پيار ڪي سمجهين کيل پيو،
چو چيپاٽين رابيل پيو،
هارين باهہ مٿان تڏهن تيل پيو،
ڏئي درد، جڏهن مون کان ڊُرڪين ٿو.

چڻ ٻار آهين، نٿو ڪجهہ سمجهين،
جو پاڻ ئي مون کان پيو ٿو پُڇين،
ڪنهن جي محبت ۾ ٿو "ميرَ" لُڇين!
چو سورَ ـ وَٽين ڪي سُرڪين ٿو.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ تو مون کي ساريو، نہ مون توکي ساريو،
جِئين تو وساريو، اِئين مون وساريو!

سِڪو جڻ تہ ڪوٺو هُيو قول پنهنجو،
يا پاڻيءَ جو ڦوٽو هُيو قول پنهنجو،
نڪو توئي پاريو، نڪو مون ئي پاريو.

پراون جي ڳالهين تي اهڙا هلياسون،
سموري حياتي جُدا ٿي وياسون،
نہ تو هوش ڌاريو، نہ مون هوش ڌاريو.

ٻُڏون ها نہ هرگز، ڪناري هجون ها،
اگر هڪ ٻئي جي سهاري هجون ها،
نہ تو مون کي تاريو، نہ مون توکي تاريو.

اسان چاهتن جا گنهگار آهيون،
اسان ئي سراپا سزاوار آهيون،
مونکي توئي ماريو، توکي مون ئي ماريو.

لڳو "ميرَ" اهڙو ڪو جهوٽو جفا جو،
وفا وئي اسان کان، ۽ ٻوٽو وفا جو،
نڪو توئي ٻاريو، نڪو مون ئي ٻاريو.

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مان تنهنجي محبت چاهيان ٿو،
بي ڪابہ نہ دولت چاهيان ٿو.

دنيا جي ڦِرڻ سان ٿيندو ڇا،
پرواهہ نہ ڪنهن جي آهي ڪا،
ماڪيءَ ڪان مٺا محبوب مٺا،
بس تنهنجي عنايت چاهيان ٿو.

توکي موٽڻ تي مجبور ڪري،
ميلاپ کي جا منظور ڪري،
هن دوريءَ کي صفا دور ڪري،
سا تنهنجي چاهت چاهيان ٿو.

شل اهڙي ڪائي ويل وري،
مون وانگي، تنهنجي پي نہ سري،
هڪ پَل بہ هجين مون کان نہ پري،
اها تنهنجي قربت چاهيان ٿو.

هڪ ٻئي جا اسان تي "ميرَ" وڃون،
ٿي باک ڦُٽيءَ جي هير وڃون،
هڪٻئي جي ٿي تقدير وڃون،
مان اهڙي قسمت چاهيان ٿو.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وري رات آئي تہ روئي ڏنو مون.
مُنهنجي مات آئي تہ روئي ڏنو مون.

وري سانگ سانوڻ رچائي پَيو تو،
وري ڪارا بادل وَسائي پَيو تو،
۽ برسات آئي تہ روئي ڏنو مون.

گهِٽي تنهنجي ڏسندي ئي دل پرجي آئي،
مِٽي تنهنجي ڏسندي ئي دل پرجي آئي،
تري تات آئي تہ روئي ڏنو مون.

چِين مان سندءِ نانءُ نڪري ويو آ،
هٿن مان صفا هانءُ نڪري ويو آ،
تنهنجي بات آئي تہ روئي ڏنو مون.

اِجا "مير" توتي لکڻ چاهِيو پئي،
جَهڪو بار دل جو ڪرڻ چاهِيو پئي،
نہ جي ذات آئي تہ روئي ڏنو مون.

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## هڪ پيرو آءُ پيارا!...

تو لاءِ مان لُڇان ٿو، راهون تنهنجون پُڇان ٿو،
توکي نہ جي ڏسان ٿو، تڙپان ٿو ۽ جَلان ٿو!
دل کي قرار ناهي، هڪ انتظار آهي،
جنهن يار لاهي پاهي، دل کي ڇڏيو آ ڳاهي!
نِتِ نِتِ نوان نظارا،
مون لاءِ سڀ اوسارا... هڪ پيرو آءُ پيارا!

گُهورن ۾ دل ٿي گهايل، پيڙا رهي ٿي پلپل،
ڪاڏي ڪيان اها دل، جنهن جي نہ ڪابہ منزل!
راهن ۾ پيو رلان ٿو، مٽيءَ ۾ مهٽجان ٿو،
روئي، ڪِلي، رٿان ٿو، جڳ ۾ اِئين جيان ٿو!
ڪر قرب، قربَ وارا،
دلبر منهنجا دلارا... هڪ پيرو آءُ پيارا!

گهاوَن ۾ روز گهاريان، هنجڙون ٿو "مير" هاريان،
راتيون رڙي گُذاريان، سورن ۾ سج اُياريان!
اُڏما نوان اُٿن ٿا، دل ۾ پيا دکن ٿا،
مچ هانوَ ۾ مچن ٿا، صدما سوين اچن ٿا!
ساٿي سندم سهارا،
دانهون ٻُڌي خدارا... هڪ پيرو آءُ پيارا!

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سِرَ جو سانگو لاهي ڏسجي،
برهہ - بحر ۾ ڪاهي ڏسجي!

برهہ - بحر جو ڊنگ ڪٿي آ،
انگ ڪٿي آ، رنگ ڪٿي آ،
ڍنگ ڪٿي آ، ونگ ڪٿي آ،
سنگ ڪٿي آ، ننگ ڪٿي آ!
آرُ ڪٿي، آهنگ ڪٿي آ،
سونهن پريو سارنگ ڪٿي آ،
ڏاهہ ڪٿي آ، ڏنگ ڪٿي آ،
چارڻ چوريو چنگ ڪٿي آ!!

سُوريءَ سِرُ سانباهي ڏسجي!
سُونهن وِرونهن ڪي ساهي ڏسجي!!



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جانِ بہ صدقي، مانُ بہ صدقي،
آنِ بہ صدقي، شانُ بہ صدقي،
ڏيان بہ صدقي، گيانُ بہ صدقي،
شمس، قمر، سرطانُ بہ صدقي!
موتي ۽ مرجان بہ صدقي،
شاهہ گدا سلطان بہ صدقي
اعليٰ تر انسان بہ صدقي،
دينُ ڌرم ايمان بہ صدقي!!

هينئَن بہ ڪنهن کي چاهي ڏسجي!
ٿَاهوڪي ڪي ٿاهي ڏسجي!!

چاهُہ بہ صدقي، ڏاهُہ بہ صدقي،
آتت ۽ اُتساهہ بہ صدقي،
’مير‘، گداگر، شاهہ بہ صدقي،
شاهي شاهنشاهہ بہ صدقي!
مال مڏيون ۽ ماهُہ بہ صدقي،
هوش، عقل، همراهہ بہ صدقي،
هي سِرُ، ساهُہ، پساهُہ بہ صدقي،
ملڪ عدم ارواح بہ صدقي!!

ٻوهَہ ٻپن کي ٻاهي ڏسجي!
ڳُجهہ کي ڳاهي ماهي ڏسجي!!



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انت بحر جو انت ڪٿي آ،
لهر لهر جو انت ڪٿي آ،
سانجهہ سحر جو انت ڪٿي آ،
پهر پهر جو انت ڪٿي آ!
سانگ سفر جو انت ڪٿي آ،
سونهن - ثمر جو انت ڪٿي آ،
عشق امر جو انت ڪٿي آ،
ان ساگر جو انت ڪٿي آ!!

آهي، ناهي، ڇاهي، ڏسجي!
ڇاهي، لاهي پاهي ڏسجي!!

*



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عشقَ بنان انسانُ،
جهڙو آهي!
تهڙو ناهي!!

عشق امامت، شوقُ شهادت،
عشق تلاوت، عينُ عبادت!
دين ڌرم ايمانُ!

عشق ابد آ، عشق ازل آ،
عشق پيتائي، عشق سچل آ،
عشق جو شاهي شانُ!

عشق اسان لئہ ڪافي آهي،
عشق شفا آ، شافي آهي،
دردن جو درمانُ!

عشق ڪري جئَن آرو آيو،
لايو تي ويو يار سجايو،
اولي تي آسانُ!

"مير" اسان جو، جو دَمُ دَمُ آ،
عشقُ مُدامي دين ڌرم آ،
ڪوئي شڪُ نہ گُمان!

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عشق لڳائي آڳ اندر ۾،
جاڳائي ڪو جوش جگر ۾.

دل مان دوئي دور ڪري ڇڏ،
احد وسي ٿو سانجھ سحر ۾.

دل جي ڪڙڪي ڪولي ڏس تون،
لعل لڪل ٿئي انت بحر ۾.

پاڻ ئي آ موجود سدائين،
شهر، نگر ۾، ٿر ۽ بر ۾.

جانب جا ڏسُ جلوا آهن،
تارن ۾ ۽ شمس قمر ۾.

پاڻ ئي بولِي بولي ويٺو،
پل پل ۾ ۽ پهر پهر ۾.

”ميرَ“ وجي واڏايون وٺُ تون،
عشق اسان جي آيو گهر ۾.

*



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڌار ٿيڻ جو وقت اچي ويو،
وڄ ڪِرڻ جو وقت اچي ويو!




wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

Pdf make by Shahzado Narejo

میر عبدالرسول ”میر“ جا غزل پڙهي مون کي خوشگوار ۽ خوبصورت حيرت ٿي آهي. سندس غزلن ۾ نوان سُر ۽ ساز سمايل آهن، ڀرپور ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ شاعريءَ جا اولڙا چِٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پيار اُن جو ڦهلاءُ، انفرادي ۽ اجتماعي پيڙائون، ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ وارن جا ڏُک، مِلڻ، وڇڙڻ ۽ وڇڙي ملڻ، جذبن جي هڪ اڻلُٽ آهي، جيڪا ”میر“ جا غزل پڙهي، ذهن جي اُڀ تي ڇانئجي وڃي. گهرائي ۽ نواڻ، اهي ٻه ڳالهيون آهن، جيڪي هڪ سُٺي غزل جو بنيادي جُزو آهن. میر عبدالرسول ”میر“ وٽ اهي اسان کي عام جام ملن ٿيون.

**اياز گل**



Scanned with CamScanner

تنهنجي نگاهہ ۾ آهيان.
هاڻي پناهہ ۾ آهيان!

تون منهنجي ساهہ ۾ آهين،
مان تنهنجي ساهہ ۾ آهيان.

توڙي اڃان پَيو ٿو مان،
تنهنجي ئي راهہ ۾ آهيان.

بس آسرو سدائين مان،
رکندو الله ۾ آهيان.

پيڙيءَ ڪان هيٺ پاڻي آ،
درياهہ شاهہ ۾ آهيان!

مظلوم جي مان سُڏڪن ۾،
اُڌمن ۽ آهَ ۾ آهيان.

"سامي"، "سچل"، "خليفي" ۾،
۽ مان ئي "شاهہ" ۾ آهيان.

مان ڇو نہ "مير" مهڪان اڄ،
تنهنجي جو چاهہ ۾ آهيان!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو کانسواءِ دل کي راحت ملي نٿي.
توساڻ دل ملي، پر قسمت ملي نٿي.

توکي هُتي خوشين کان فرصت ملي نٿي،
مون کي هِتي غمن کان مُهلت ملي نٿي!

ڏوهي ٿيان، جي ڪنهن ڏي اکڙيون کڻي ڏسان،
توسان جڏهن تہ ڪنهن جي صورت ملي نٿي.

هي ڪهڪشان هي ساغر، پُرڪيف هي فضا،
ڪونهي سُڪون ڪونهي، فرحت ملي نٿي.

ڪولي پڌايان غم جو هي داستان پر،
توکي پرين پُڇڻ جي ساعت ملي نٿي!

آڪاش کان اُتانهين، اونهي عميق کان،
تو جهڙي "مير" ڪنهن جي فرقت ملي نٿي.

هر ڪنهن جو "مير" پنهنجو پنهنجو نصيب آ،
هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي چاهت ملي نٿي.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ بہ منهنجون حسرتون ساڳيون رهيون.
عاشقيءَ جون آفتون ساڳيون رهيون.

بيڪسيءَ جون تربتون ساڳيون رهيون،
ظلم، تنهنجون شدتون ساڳيون رهيون.

ڏسُ مليا آهيون صدين کان پوءِ تہ بہ،
اَلفتون ۽ چاهتون ساڳيون رهيون.

زلزلا ڌرتيءَ مٿان آيا سوين،
سنڌڙيءَ جون نعمتون ساڳيون رهيون.

ڪيتريون گذري وَيون آهن صديون،
پٽ ڌٽي جون آيتون ساڳيون رهيون.

ڏاڍَ چاهي ڪيترو چيپاٽِيو،
پوبہ پنهنجون عظمتون ساڳيون رهيون.

سچ لکڻ کان مون ڪئي توبهہ، مگر،
آڱرين جون عادتون ساڳيون رهيون.

هٿ ڏسي، مون کي نجوميءَ هيئن چيو:
”مير“ تنهنجون قسمتون ساڳيون رهيون.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان پنهنجا جذبا مَٽيا ڪين آهن.
اوهان ساڻ ناتا مَٽيا ڪين آهن.

اُهي راتيون آهن، اُهي ڏينهن آهن،
انڌيرا، اُجالا مَٽيا ڪين آهن.

ڪُٽن جي غريبن تي ساڳي اجا بَڇَ،
وڏيرن جا واتا مَٽيا ڪين آهن.

صدين جو انڌو راڄُ آهي اجا پِي،
هي "ڪاربون" ۽ "ڪارا" مٽيا ڪين آهن!

اُيا اڄ پِي هٿڙا اوهان ڏانهن سائين،
اسان در دُعا جا مَٽيا ڪين آهن!

جواني اسان ڪان مَٽي وئي ڪڏهوڪو،
مگر جوش پنهنجا مَٽيا ڪين آهن.

اسين اڄ بہ توڙي اُڏامي اچون پيا،
اسان جا ارادا مَٽيا ڪين آهن.

اسين اڄ بہ پُٺتي صديون "مير" آهيون،
رواجن جا رِاڳا مَٽيا ڪين آهن.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آرزوءَ جي ڳالهہ ڪر.
جُستجوءَ جي ڳالهہ ڪر.

يار جِي ۽ يار جي،
گُفتگوءَ جي ڳالهہ ڪر.

همنشين جي هم شڪل،
هُوبَهوءَ جي ڳالهہ ڪر.

مارئيءَ جي، اي عمر!
آبروءَ جي ڳالهہ ڪر.

جو پُڪاري تو پَيو،
تنهن لَهوءَ جي ڳالهہ ڪر.

ڇا بہ هن پرپٺ چيو،
روبروءَ جي ڳالهہ ڪر.

مون جنم ورتو جتي،
اچ سَچوءَ جي ڳالهہ ڪر.

آس جنهن جي "مير" کي،
واهروءَ جي ڳالهہ ڪر.



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڄ ٻہ يارن جا ڏيا ٽمڪن پيا.
نيڻهن وارن جا ڏيا ٽمڪن پيا.

ڪيترين ئي آگرين ڪيڄي ويون،
تہ ٻہ اشارن جا ڏيا ٽمڪن پيا.

هت آسان ٻاريا اُميدن جا ڏيا.
هَت ستارن جا ڏيا ٽمڪن پيا.

موڪلائي مير سنڌوءَ کان وئي،
پر ڪنارن جا ڏيا ٽمڪن پيا.

نيٺ ٻرندي لاٽ ڪائي ٻاٽ ۾،
چو تہ ٻارن جا ڏيا ٽمڪن پيا.

مان ڪٿي تو هانءَ کي هاري سگهان،
جو سهارن جا ڏيا ٽمڪن پيا.

پنهنجي نيڻن جون نهارون نيڪ ڪر،
نت نظارن جا ڏيا ٽمڪن پيا.

ڪيترا طوفان آيا ۽ ويا،
”مير“ ٻارن جا ڏيا ٽمڪن پيا.

❤



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سونهن کي سينگارجي چاجي ڪري.
عطر گل تي هارجي چاجي ڪري!

ڪير جهڙيءَ رات ۾، اي دوستو،
ڪنهن ڏِيي کي ٻارجي چاجي ڪري!

حُسن وارن پاڻ ۾ ڳالهيون ڪيون،
قول ڪنهن سان پاڙجي چاجي ڪري.

زور جي ميندي جڏهن لڳڻي نه آ،
پو پلا وِيچارجي چاجي ڪري.

پنهنجي پر ۾، اي مِنا، گوڏو گڏي،
غير کي ويهارجي چاجي ڪري.

سنگدل ۽ بيوفا، بيدرد کي،
عمر ساري سارجي، چاجي ڪري.

ڪٿن لِڪايون چنڊ ڪاري ۾ پرين،
موج مَن جي مارجي چاجي ڪري.

"مير"، مدهوشي ۾ گذري زندگي،
هوش هاڻي ڏارجي چاجي ڪري.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوا عشق جي زندگي ڇا ڪبي.
اکين کان سوا روشني ڇا ڪبي.

ڏُکيءَ ويل جيڪا نٿي ڪم اچي،
اڙي دل، اها دوستي ڇا ڪبي.

نڪا سنڌ جنهن ۾ نہ سنڌو هجي،
اُهو شعر يا شاعري ڇا ڪبي.

رڳو سِر نمي ۽ جُهڪي دل نٿي،
او زاهد، اِها بندگي ڇا ڪبي.

ڏئي لڙڪ، کنهن کي ملي مرڪ جا،
اُها کِلَ نلهي، کوکلي ڇا ڪبي.

محبت، محبت، محبت ڪپي،
محبت کان وانجهي وَهي ڇا ڪبي.

اچي ظرف پنهنجو نہ جنهن ۾ نظر،
اُها دوستو، درسني ڇا ڪبي.

نئو جي وري "مير" دانگيءَ تي رت،
تہ پائُن جي سا پائپِي ڇا ڪبي.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رَبُ تو جنهن کي رکي،
ڪير تو تنهن کي چکي؟

سونهن سان، سرهاڻ سان،
ڪو تہ آيو آ پَکي.

مان متان گُم ٿي وڃان،
پاڻ سان رکجان ڍڪي.

باھہ تنهنجي برھہ جي،
بانورا، پئي ٿي ٻکي.

نانگ تنهنجي نينهن جو،
روز تو مونکي ڪکي.

جيءَ پنهنجي ۾ پرين،
جاءِ ڏي ڪا "مير" کي.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راز پنهنجي رُوح جا آخر کُلي ويا پاڻ ۾.
عشق منهنجو، حسن تنهنجو، ڏِس ملي ويا پاڻ ۾.

هي اثر طوفان جو هو، ڏوهہ ڌارن جو نہ هو،
ڪين ٽڪرايو ويو، ٽڪرائِجي ويا پاڻ ۾.

ڪنهن اتر کان، ڪنهن ڏکڻ کان، مون کي چيياتڻ گهريو،
مان وچان نڪري ويس ۽ ڏوڙ ٿي ويا پاڻ ۾!

ڪوتِيائون ڪَڏَ مون لئہ، پاڻ ئي ان ۾ ڪِريا،
بم نهڻ کان اڳ ۾ ڦاٽو، سَڀ سڙي ويا پاڻ ۾.

نيٺ هڪڙي ڏينهن چوندا، پونءِ واسي پونءِ تي،
پاڻ ۾ ڌاريا وڙهي، ڪاجي ڪپي ويا پاڻ ۾!

ڪير هوندو جو اسان کي ڌار ڌرتيءَ کان ڪندو،
جي اسان جا "مير" مارو، سڀ نهي ويا پاڻ ۾.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجو تَرُ،
کَير تَرُ.

سنڌ آ،
منهنجو گهر.

خوبصورت،
جهنگ جهر.

تون اَجهو،
تون ڇپر.

شمس تون،
تون قمر،

زندگي،
ڇڏ تہ بَر.

شل وسي،
کو ککر.

"مير" هڪ،
هُت شهر.

❤



Pdf make by Shahzado Narejo
wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تو لاءِ رئان وينو.
پرچاءِ! رئان وينو.

مون کي نہ اچا، منڙا،
تڙپاءِ، رُئان وينو.

ياڪر ۾ پَري مون کي،
ڳل لاءِ، رئان وينو.

جا رات لکيم ڪافي،
سا ڳاءِ، رُئان وينو.

چپ چور ڪٽي هاٺي،
ڳالهاءِ، رُئان وينو.

ڪنهن ڏينهن تہ پڇ مون کان،
چالاءِ، رُئان وينو.

مان ڪيئَن جيان تو بن!
سمجهاءِ! رُئان وينو.

دردن نہ ڇڏي آهي،
ڪا جاءِ، رُئان وينو.

مَنَا! ”مير“ جو ماندو مَنُ،
مهڪاءِ، رُئان وينو.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجو جيون،
توريءَ آ بن،

توريءَ ڪائي،
پل پل ڪَن ڪَن.

توتان صدقي،
منهنجو تن من،

جاڙ ڪري ويو،
جيئري جوبن.

دادوءَ جي هو،
دلڙي دادن[1]،

تر جي صورت،
منڙو موهن[2].

ذات آ ماڪي،
۽ مصري فن،

تولئه اُجرو،
دل جو درپن.

هاريءَ لاتو،
گُندڙي ۾ آن،

"مير" رکيو مون،
اُجرو دامن.

(1) دادن: شاعر دادن فقير (2) مُوهن: راڳي موهن ڀڳت



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبّت جي بدلي ۾ نفرت ڏني مون.
زمانا، عجب تنهنجي فطرت ڏني مون.

محبّت ۾ اهڙو بہ ڪو وقت آيو،
هتن سان لٽي پنهنجي حسرت ڏني مون.

نہ ڪي گل نہ چادر، نہ تمڪي ڏيو ٿو،
اها زندگانيءَ جي تُربت ڏني مون.

جِئين ڪو ستارو ڪِڙي ٿي وڃي گُم،
اِئين يار، تنهنجي بہ رخصت ڏني مون.

هُيو جيڪو چوڻو، وِيو مون کان وسري،
عجب دلربا، تنهنجي دهشت ڏني مون.

ڪڏهن ڪين ڌارين جي آڏو جهُڪيا سِرَ،
اِها ديس وارن جي عظمت ڏني مون.

وِساريم گهڻو پر، نٿي ”مير“ وِسري،
گهڻو وقت اڳ ۾، جا صورت ڏني مون.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساٿُ تنهنجو ڪمال جو آهي.
لمحو لمحو ڪمال جو آهي.

اڄ سَرِي تنهنجي ٿي نہ منهنجي ٿي،
پيار پنهنجو ڪمال جو آهي.

اي شهر، تنهنجي هڪ ڪچي گهر ۾،
ماٺهو هڪڙو ڪمالَ جو آهي.

تنهنجي ياڪر ۾ رات گذري آ،
منهنجو سپنو ڪمال جو آهي.

نور مُنهن مان ٿمي رهيو آهي،
تنهنجو چهرو ڪمال جو آهي.

سوچ جو سلسلو رهيو جاري،
سلسلو، جو ڪمال جو آهي.

تنهنجي در تي وٺي پُڄائي ٿو،
"مير"، رستو ڪمال جو آهي.

❤



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سُکن کي ڏني، ٿي زمانا وَيا.
نہ موٽيا، جِئين ٿي روانا وَيا.

کٽي چا بہ هو، پر گهٽو ڪجھ هُيو،
حقيقت وٺي ۽ فسانا ويا.

پري چرڪ جاڳي پئون ننڊ مان،
اسان کان تہ سپنا سُهانا ويا.

اسان اڄ بہ ساڳيا ئي آهيون، مگر
اوهان جي اکين جا نشانا ويا.

وٺين تون چا مَنجي، مان مِنجي ويس،
جيئڻ جا سمورا بهانا ويا.

نہ زُلفن جا زنجير ساڳيا، نہ تون،
أهي قيد ويا، قيد خانا ويا.

اوهان موڪلائي ڇڏيو ”مير“ چا؟
خوشين جا ختم ٿي خزانا ويا.

❤



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حقيقت کان اڳ ۾ حقيقت گهرين ٿو
مرڻ کان پَهرين ٿو ۽ جنّت گهرين ٿو!

اڙي نينهن، تنهنجا نوان ناٽ آهن،
سِرن ۾ سِرن جي سخاوت گُهرين ٿو!

اها دوستي پاڻ ئي روشني آ،
اسان کان تون ڪهڙي وضاحت گهرين ٿو.

مهاڏو تون اتڪاءِ مانگر مَڇن سان،
اگر جيت کا خوبصورت گُهرين ٿو.

اسان پاڻُ تو وٽ رکيو آهه گِروي،
اچا يار ڪهڙي ضمانت گهرين ٿو.

نه تون ئي اسان مان، نه تو مان اسان ئي،
مان چاهت گهران ٿو، تون نفرت گهرين ٿو.

مِني ”مير“ کي تو مچيو ئي نه دل سان،
ته مولا کان ڪهڙي رعايت گهرين ٿو.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عشقُ ايمانَ جئَن.
سُونهن سبحانَ جئَن.

مان سُکل پَنَ جيان،
تات طوفانَ جئَن!

مان پٿر راهہ جو،
هُوءَ مرجانَ جئَن!

پيش آيو پرين،
نيٺ سلطانَ جئَن!

ڳالهہ ويٺو ڪري،
هاڻ فرمانَ جئَن!

لوڌ انسانَ جي،
هوڌ حيوانَ جئَن!

سِرُ تہ انسان جو،
شَرَ ۾ شيطان جئَن!

قولُ ڪولي ڪجي،
يار! اعلانَ جئَن!

پُور پيارا لڳا،
مون کي مهمان جئَن!



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دردِ گلڙن جِيان،
دل بہ گلدانَ جئَن!

جو مِليو آجيو،
سو بہ زندانَ جئَن!

عمر گذري پئي،
آهَ! ارمانَ جئَن!

ورهہ واسو ڪيو،
سو بہ سرطانَ جئَن!

دلربا دوست جي،
ديد درمانَ جئَن!

مُرڪ محبوب جي،
آهِہ احسانَ جئَن!

ساعَتون سارَ جون،
ماهَہ رمضانَ جئَن!

ميرُ مون کي مِٺو،
"ميرَ" فرقانَ جئَن!

❤



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هنجَ هاري پئي.
سِنڌ ساري پئي!

آهَہ کي ساهُہ آ،
ڏاڍُ ڏاري پئي!

سارَ ويتر وڌي،
جئَن وساري پئي!

مُرڪندي، مُرڪندي،
ڳالهہ ٽاري پئي!

آرسيءَ کي ڏسي،
ڀاڻ ڳاري پئي!

ويهہ گذريا ورهيہ،
مالُ چاري پئي!

ديڳڙيءَ کي ڍڪي،
باهہ ٻاري پئي!

زندگي ڪانہ آ،
پو بہ گهاري پئي!

نانءُ هٿ تي لکي،
هانءُ ٺاري پئي!

محب جي "مير" کي،
مُرڪ ماري پئي آ.



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جِيان پيو مان توکي ڏسي او پرين!
تون سورج، مان سورج مُکي او پرين!

جڏهن تون نظرَ کي نظرِ تو اچين،
ملي ٿي وڃي تازگي او پرين!

جڏهن تون اکين کان پري ٿو ٿئين،
وڃان ٿو مان مُرجهائجي او پرين!

سنڌ ۾ هر ادا گيت جهڙي لڳي،
سنڌ ۾ سونهن آ شاعري او پرين!

ڏکن جي حوالي نہ هرگز ڪجان،
اڳي ئي مان آهيان دُکي او پرين!

رُسي پاڻ ئي پاڻ پرچي پَئين،
اِها ڳالهہ تُنهنجي وَڻي او پرين!

سڄي لوڪ مون کي سُڃاتو تڏهن،
جڏهن سنڌ جي ڳالهہ ٿي او پرين!

گهڙي "مير" هڪڙي نہ گهاري سگهي،
سوا تنهنجي دلڙي چري او پرين!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو ڪڪر آڪاس تي بيٺو آ اونچي ڳات سان.
۽ نهاري پُونءِ ڏي ٿو ناز سان ۽ نات سان.

هاءِ! سيارو هي بہ گذريو مينهن ۽ ڀاڦيءَ بنان،
بس رڳو ڪجھ ڏوڙيا پئي ڪيت جا مُنهن مات سان.

نينهن جي تو ۾ هُجي ها، ڇو نہ برسين ها ڪٿي،
او ڪڪر، سڏڙيا ڪڪر، چمڪات سان ڪڙڪات سان.

جيستائين سير سنڌوءَ جي اُٿي مهٿي اڪيون،
او ڇمر، ڻاڏل ڪري ڇڏ، پونءِ ڪي پَرِچات سان.

رات اونداهي اٿئي، ۽ پيچرا سڀ اوپرا،
اي مُسافر، وڃ ڀلي، پر ڪنهن ڏيي سان، لاٽ سان.

ٻات اونداهي ڪي چيري، لاٽ ٿي مون ڏي اچي،
مان جڏهن وڙهندو رهان ٿو، رات ڪاري ٻات سان.

منهنجي مَن جو آهہ محور سِنڌ ۽ سنڌو فقط،
ديس واسين ڪي پتائي! آڻ منهنجي وات سان.

"مير" آهي جائي ڄمر ڪان هر بچو آزاد، پر،
سنڌ ڪي واڳيو وَيو گهاتيءَ سان ۽ گهات سان.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٿَن مِيان.
آٿِ، مان.

سات ڏي،
اي ميان!

ڪو ڏيو،
ٻارجان.

تون لکين،
مان پڙهان.

تون پڙهين،
مان لکان.

تون ٽلين،
مان نچان.

ڳالهہ ڪر،
دل وٺان.

ماڳ آ،
تو اڳيان.

ديس ريءَ،
ڇا ڏسان!؟

تون بہ هَل،
"مير" جان.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قافلي ۾ زندگي گذري پَئي.
سلسلي ۾ زندگي گذري پَئي.

روبرو پي ماٺ ۾ رهڻو پوي،
فاصلي ۾ زندگي گذري پئي.

زندگي هوندي تہ ملبو، هُن لکيو،
آسري ۾ زندگيَ گذري پئي.

مان هُتي پهچان تہ هُو پهچي هِتي،
حادثي ۾ زندگي گذري پَئي.

رات پاري جي هُجي يا ڏرتتي،
پوتڙي ۾ زندگي گذري پئي.

مون جڏهن کان اک پَٽي آ دوستو،
زلزلي ۾ زندگي گذري پئي.

ڪير ڪافر، ڪير مومن آ هتي،
مسئَلي ۾ زندگي گذري پَئي.

آفتن ۽ زلزلن کي مُنهن ڏبو،
حوصلي ۾ زندگي گذري پئي.

هت غلاميءَ جون زنجيرون ۽ هُتي،
آجِپي ۾ زندگي گذري پئي.

نيٺ رسبو "مير" پنهنجي ماڳ تي،
ولولي ۾ زندگي گذري پئي.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪانہ تي دل لڳي بهارن سان.
ها، نئي دل لڳي بهارن سان.

مون ڪان صَحرا ۾ ڪنهن پُڇي ورتو:
ڇا نئي دل لڳي بهارن سان؟

هرڪا موسم ڦَڪي ڦِڪي توريءَ
آ، نئي دل لڳي بهارن سان.

توسان جا خوش هُئي خزائن ۾،
سا نئي دل لڳي بهارن سان.

يا تہ ريجهي وِجي تي برپٽ سان،
يا نئي دل لڳي بهارن سان.

”مير“ تنهن ڪي مان ڪِيئَن وندرايان،
جا نئي دل لڳي بهارن سان.

❤



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

واٽ ويندي ڏينهن پورا ٿي ويا.
هٽ مليندي ڏينهن پورا ٿي ويا.

حال دل جو اورجي ڪهڙيءَ طرح!
دل جهليندي، ڏينهن پورا ٿي ويا.

اي پٺائي، تنهنجي در تي درد جي
دانهن ڏيندي، ڏينهن پورا ٿي ويا.

هي عجب آ حادثو، جو يار سان
ناهہ ٿيندي، ڏينهن پورا ٿي ويا.

نيٺ پاڻي تي مٿي ڪان ويو مٿي،
اک پٽيندي، ڏينهن پورا ٿي ويا.

بارِ مون ڪان تي سگهي ناهي اچي،
وائريندي، ڏينهن پورا ٿي ويا.

مان پلي توڪان وچان ها پاڻ کي،
پر پليندي، ڏينهن پورا ٿي ويا.

ناز آهي "مير" مون کي ياگ تي،
توڏي ايندي، ڏينهن پورا ٿي ويا.

❤



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هُو ماهتاب چاهي، هُو آفتاب چاهي.
ساري جهانَ ۾ ڪو، تنهنجو جواب ناهي.

مکڙين کي آهہ ملندي تنهنجي لبن مان لالي،
تو مسڪرايو جڏهين، ٽِڙيو گلاب آهي.

پونمہ لِکي پَيو تو ڪڪرن جي اوٽ ۾ اڄ،
تون جڏهن ڏسين تو هن ڏي مُنهن تان نقاب لاهي!

جيڪو ڏئي سبق تو ماڻهوءَ کي ماڻهپي جو.
اڄڪلهہ ٻچو ٻچو تو اهڙو ڪتاب چاهي.

توکان پري، اي پيارا، مونکي ڪري پَيو جو،
دل جي ڪتاب تان مون ڇِڏيو سو باب ڊاهي.

منهنجو ڪمال ناهي، هي شعر "مير" جا تو،
تنهنجو شباب ناهي، تنهنجو حجاب ناهي.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واءُ تي ڪاڏي وئي.
زندگي، ڪاڏي وئي.

عشق جي آنڌي هُئي،
سا وهي ڪاڏي وئي.

اي پرين، تنهنجي وفا،
جي وَئي، ڪاڏي وئي؟

اي پٺائي! سنڌ جي
شاعري، ڪاڏي وئي!

جا لکي ڪافي ڪلام،
سا تهي ڪاڏي وئي.

ساهه کي جيڪا سِبي،
سا سُئي ڪاڏي وئي!

پينگهه تي خالي لُڏي،
پوپري ڪاڏي وئي!

”مير“ آئي خواب ۾،
جا پري، ڪاڏي وئي.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رات جو سارُن جا سپنا روز تا جاڳن پيا.
ننڊ ۾ آهي ندي، پر وهڪرا جاڳن پيا.

ٻارڙا، هي پتڪڙا ۽ ٻاتڙا جاڳن پيا،
منهنجي سوچن جا سمورا سلسلا جاڳن پيا.

ڇلولايون چنڊ جون جاري رهيون اڌ رات جو،
سڀ گِهٽيون چپ چاپ آهن، ٻارڙا جاڳن پيا.

لوڪ سارو پيو ستو آهي ڏکڻ جي هير ۾،
گهر سُمهي پيو، پر درن جا طاقڙا جاڳن پيا.

ڪنهن جُهڳيءَ ۾، جهوپڙيءَ ۾، ڪنهن ڪکائين گهر اندر،
سِسڪيون جاڳن پيون ۽ سُڏڪڙا جاڳن پيا.

ڪوٽ جي ڪنهن اوٽ ۾، اڌ رات جو، هر رات جو،
ڇوڪريون جاڳن پيون ۽ ڇوڪرا جاڳن پيا.

روز محلاتن ۾ وڪرو جسم تا ٿيندا رهن،
هيترا سارا عياشيءَ جا اڏا جاڳن پيا.

رات جا راهي، اڪيون ڪولي هلو، هلندا رهو،
ڇو ته ويري زندگيءَ جا حادثا جاڳن پيا.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يار، تنهنجي پار ڏي جيڪي روانا ٿي ويا،
ڪاروان جاڳن پيا ۽ قافلا جاڳن پيا.

جڻ تہ پهريدار آهن ۽ پَيا پهرو ڏين،
زلف منهنجي يار جا، منتار جا جاڳن پيا.

اڄ بہ آڳر جي پتين تي ڪانءُ ٿو لاتيون لنوي،
اي پرين، تنهنجي اچڻ جا آسرا جاڳن پيا.

باخبر آهين، الائي بي خبر هن حال کان،
وهم سڀ جاڳن پيا ۽ وسوسا جاڳن پيا.

تون تہ سمجهين ٿو، او غافل، قوم آهي ننڊ ۾،
ولولا جاڳن پيا ۽ حوصلا جاڳن پيا.

توکي ٿوٿا نيٺ چپرائي ڇڏيندا سين اسين،
باهہ بدلي جي بَکي پئي، ۽ اُلا جاڳن پيا.

اڄ بہ ريگستان ۾ ڪيئي قطارون مون ڏٺيون،
پِٽَ تي چانگا چڙهيا پئي، پاڪڙا جاڳن پيا.

”مير“ مان جاڳان پيو ۽ مون سان منهنجي شاعري،
ڪافِيون جاڳن پيون ۽ قافِيا جاڳن پيا.

❤



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سوغاتِ مون کي ڏي.
هڪ راتِ مون کي ڏي.

تولاءِ لکان مان،
سا ڏات مون کي ڏي.

تو لاءِ وڙهان مان،
جذبات مون کي ڏي.

تو لاءِ رُئان مان،
برساتِ مون کي ڏي.

تو لاءِ اُچان مان،
سا تات مون کي ڏي.

توکي ٺي وٺان مان،
سا بات مون کي ڏي.

تون جيت کٽي وڃ،
۽ مات مون کي ڏي.

ڪا پِرھ کٽي اچُ،
پرڀات مون کي ڏي.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر سائِبانُ آستانُ تي نہ سگھي ٿو.
هر آستانُ گُلستانُ تي نہ سگھي ٿو.

ڌرتيءَ ڪڏهن بہ آسمانُ تي نہ سگھي ٿي،
۽ پونءِ جهڙو آسمانُ تي نہ سگھي ٿو.

ڌرتي ڪڏهن تہ مَرڪندي، يقين اهو آ،
پنهنجو هي رتُ رائگانُ تي نہ سگھي ٿو.

مون بار بار آزمائِيو، دل! توکي،
پر تو جيان ڪو رازدانُ تي نہ سگھي ٿو.

وڻ ٽڻ قلم ڪريان، سمونڊ کي مَس وانگي،
پُورو پرينءَ جو پر، بَيانُ تي نہ سگھي ٿو.

هِت رات تي مگر، ڪٿي تہ ڏينهن بہ هوندو،
سورج ڪڏهن بہ لامڪانُ تي نہ سگھي ٿو.

ساگر مان آهيان، هزار وار ڪري ڏِسُ،
هڪڙو بہ مون تي ڪو نشانُ تي نہ سگھي ٿو.

تون بيوفا ڪٿي هجين بہ، "مير" کي ليڪن،
اهڙو ڪڏهن بہ ڪو گمانُ تي نہ سگھي ٿو.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُو ساهہ آهہ منهنجو
همراهہ آهہ منهنجو.

سامي، سچل، خليفو،
۽ شاهہ آهہ منهنجو.

ڪانئر سان ڪين ٿيندو،
ڪو ناهہ آهہ منهنجو.

اُٿلي عوام پوندو،
ويساهہ آهہ منهنجو.

دونهينءَ منجهان دُکايل،
آڙاهہ آهہ منهنجو.

ڪينجهر، ڪراڙ، سنڌو
درياهہ آهہ منهنجو.

مون کي تہ پڪ پڪي آ،
الله آهہ منهنجو.

جيڪو ڏنو پڻائيءَ،
سو ڏاهہ آهہ منهنجو.

پوڙهو نہ ”مير“ ٿيڻو،
هي چاهہ آهہ منهنجو.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُن جو نہ ڪو بَدل آ.
شهڪار جڻ غزل آ.

انسانيت سان اُلفت،
هر مسئلي جو حل آ.

جنهن جو لطيف آهي،
تنهن لوڪ جو سچل آ.

ڌرتي جڙيي سدائين،
اعلان ٿيو اٽل آ.

ڌرتيءَ جي سونهن جهڙو،
ڪنهن شخص جو عمل آ.

ماڻهوءَ جي ذهن ۾ ڏس،
ڪيڏو نہ اڄ خلل آ!

توڙ ميڻ آهي،
هونءَ "مير" جڻ جبل آ.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏار توڪان ٿي وَيس.
واءُ ٿي وِڪري وِيس.

ياد ناهيان پاڻ ڪي،
توڪان جو وسري ويس.

تو هٿن سان هو ڏِنو،
زهر هو، تہ بہ پِي ويس.

چو ڏِڪي در تان چڏين،
پاڻ ئي پلجي ويس.

ساٿَ تنهنجي ۾ سَوين،
مان ئي هڪ رهجي ويس!

”مير“ تنهنجي مُنهن منجهان،
ڳالهہ ڪي سمجهي ويس.



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

درد ايندا رهيا ۽ ڪَهي ويا گهٽا.
زندگي! نقش تنهنجا ٺهي ويا گهٽا.

ڏينهن راتيون صنم، تنهنجون واتون ڏٺم،
سڄ اپريا گهٽا ۽ لهي ويا گهٽا.

وقت آيو تہ يارن ڪي پرکي وَتم،
ٿورڙا ويا وَهي، پر ٿهي ويا گهٽا.

تون نہ آئين، نہ آئين، نہ آئين وري،
اي پرين! پارِ تنهنجي پهي ويا گهٽا.

داغ دل تي اچا ”مير“ ڪافي اٿم،
وقت ساں داغ توڻي ڌهي ويا گهٽا.



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تو بن منهنجي حيات اڌوري.
ڏينهن اڌورو، رات اڌوري.

سانوڻ ساڳيو، مينهن بہ ساڳيا،
تو کانسواءِ برسات اڌوري.

شاعر ذات نہ آهي، ليڪن،
اُن کانسواءِ هر ذات اڌوري.

درد نہ جنهن ۾ ڌرتيءَ جو آ،
ڏانءُ اڌورو، ڏات اڌوري.

تون نہ هُئين، ڇڻ ڪجهہ نہ اُتي هو،
بزم جي هُئي هر بات اڌوري.

سچّ تہ اُپريو، ليڪن ڌُنڌلو،
پڌري ٿي پرڀات اڌوري.

ساٿ نہ جنهن ۾ تُنهنجو آهي،
آهي "مير" نجات اڌوري.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو ماهتاب آهين.
يا آفتاب آهين.

تنهنجو جواب ناهي،
تون لاجواب آهين.

تنهنجو نہ انت ڪوئي،
تون بي حساب آهين.

توکي پڑهيم، تہ ڄاتم،
ڪامل ڪتاب آهين.

انسانيت جي عظمت
جو بابُ بابُ آهين.

تو ۾ صدا سُرن جي،
ڄڻ ڪو ربابُ آهين.

قدرت جي ڪرشمن جو،
تون انتخابُ آهين.

آجو گناهہ کان تون،
سارو ثوابُ آهين.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ ڪا آهي مومل، نہ ڪو آهي راڻو.
وڃي ڪانگ پيو ٿو ڪنڌيءَ تان اُڏاڻو!

اجا وقت آهي، ۽ اُبري اُٺي پئو،
ڪٿي ماڳ ملندو، ٿري ويو جي ٽاڻو!

سُڪر جو سِڪايل، ڏُڪر ڪان ڏڪي ٿو،
وري ديس واسي، وري پُونءِ ياڻو.

اِئين ڪيت ڪورا جي ٿيندا رهيا سڀ،
ڪٿان ايندو هاري! ٻچن لاءِ داڻو.

وري رَت رُئڻ جو زمانو اچي ويو،
وري پور پلٽي پَيو ڪو پراڻو.

الئہ رمز ڪهڙي ڏسي ڪنهن چيو هو:
آٿئي يار ناڻو تہ گُهمر لاڙڪاڻو.

شهر ۾ رهي پيي، نہ شهري ٿياسين،
اسان ڪان نہ وسريو آ ڪک پَن اباڻو.

ڏسي "مير" درياهہ جو پيٽ خالي،
ٻُڏي ويو اياڻو، مُهاڻو، نماڻو.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪارا بادل ڇانيا آهن،
هاڻي رُسڻ اجايا آهن.

تنهنجي هڪڙي ناز نظر ۾،
چڻ ڪونين سمايا آهن.

ڍولڪ، يڪتارو ۽ گهاگهر،
سنڌوءَ جا سرمايا آهن.

تنهنجي سُونهن ورونهن سان، پنهنجا
جذبا مون پرڻايا آهن.

منهنجي گيتن گوءِ ڪٿي آ،
ڇو جو انور[1] ڳايا آهن.

سانجهيءَ تائي مون سوچن جا،
ڪي ئي ديپ جلايا آهن.

سي ئي تيندا ساٿي منهنجا،
جيڪي گهورن گهايا آهن.

”ميرَ“ گدا ۽ شاهه ڪروڙين،
تنهنجي نينهن نچايا آهن.

❤

---

(1) انور: سنڌ جو ناميارو راڳي انور حسين وسطڙو.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ مون ئي ڏنو آ، نہ توئي ڏنو آ.
تہ پنهنجي ئي پاڇي ۾ ڪوئي لڪو آ.

پلا توکان مانُ ڪئَن جُدا ٿي سگهان ٿو،
ڏنو ٿي تہ پاڻيءَ کان پاڻي ڇڳو آ؟

مسلسلُ هلڻ وارو، هوريان ئي هلندو،
سو ٿابڙجي پئي ٿو، جو ڊُڪندو تِکو آ.

ڏسي لات تنهنجي ڪَکن ۾ خوشي ٿي،
اُميدن جو ٻاريو اسان پي ڏيو آ.

سڄڻ! ديس، پرديس مونکي سُڃاڻي،
مِليو تنهنجي الفت جو ڪيڏو صِلو آ.

ڪڏهن پيار پنهنجو، اِئين ٿو لڳي پيو،
ننڍي لاءِ جو جڻ، ٻُڌل ڪو قصو آ.

جو چُپ چاپ ۾ منهنجي پرسان لنگهي ويو،
اهو شخص منهنجو ڏٺو وائڻو آ.

انهن جو اڳي گهر هو منهنجي گهٽيءَ ۾،
انهن پوءِ ٿوڙي ڇڏيو واسطو آ.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زمانو تہ مونکي ٿو تنهنجو ئي سمجهي،
رڳو تو نہ پنهنجو ڪري ڪوٺيو آ.

مان تنهنجي نظر ۾ اجا ڪجهہ بہ ناهيان،
اِهو زندگيءَ جو عجب حادثو آ.

وري اڄ فضا ۾ ٿي ڳاڙهاڻ آهي،
مان سمجهان ٿو، زنجير ڪنهن ڪو چنو آ.

صبح سانجهہ تنهنجون دُعائون اگهاڻيون،
اُي جيجل! گهٽي ڪان گهٽو تو ڏنو آ.

اي ڌرتي! رڳو "ميرُ" هڪڙو ئي ناهي،
هِتي هر ڪويءَ شعر توتي لکيو آ.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماري چڏ، يا ماڻي چڏ.
مون کي کنهن تہ وڻائي چڏ!

هلڻو آهي آدي ءَ جو،
اُٺ کي هاڻ پلاڻي چڏ.

گهاتي جڳ جي ديد اٿئي،
تيز اکين جا تاڻي چڏ.

ڇُهتي چنبڙي نيٺ چيئين:
باک ڦُٽي تي، هاڻي چڏ.

چڏڻي ناهي آزادي،
آزادي ءَ کي آڻي چڏ.

ماڳهن تنهنجو ڏيهہ ڏنگي،
مون کي ڏيهہ اَباڻي چڏ.

بات بلاول واري آ،
گهوٽي چڏ، يا گهاڻي چڏ.

ويرن سان ويڙهاند ڪبي،
ڇاجي آڄ سياڻي چڏ.

کنهن يي روپ ۾ ورندس مان،
مون کي ”مير“ سُڃاڻي چڏ.



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪو چڪر يارو! لڳي ٿو.
دال ۾ ڪارو لڳي ٿو.

سنڌُ ويچاري لڳي ٿي،
ديسُ ويچارو لڳي ٿو!

ديسُ پنهنجو، ويس پنهنجو،
چؤطرف نعرو لڳي ٿو.

پيارُ هڪ سان، خوبصورت
ڳوٺ ئي سارو لڳي ٿو.

پيٽ خاليءَ سان به پيارا!
پيارُ ئي پيارو لڳي ٿو.

منهنجي عيبن کي ڍڪيائين،
يارُ ٻاجهارو لڳي ٿو.

ڪئَن ڪريان قابو مان هُن کي،
جسم ئي پارو لڳي ٿو.

”ميرَ“ ڪڏهن باهه دل جي،
جيڪڏهن وارو لڳي ٿو.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪڙو ڪم ڪو منهنجو ڪر.
منهنجو ٿي! يا پنهنجو ڪر.

اهنجو ڪر، يا سهنجو ڪر،
پيرو پيچ، يا پيڙو ڪر.

مون کي ڏي ۽ مون کان وٺ،
دل جو دل سان سودو ڪر.

يا اڄ پڪڙي جڪڙي ڇڏ،
يا تہ ڍِڪي اڄ آجو ڪر.

پنهنجي دل تان واري ڇڏ،
يا تہ اچي ڪو وارو ڪر.

هوڏي ٿي، يا هيڏي ٿي،
آڏو وڃ، يا اوڏو ڪر.

مون کي ڇڏ، يا مونکي اَڏ،
پيچو ڇڏ، يا پاچو ڪر.

ڏاڍا مون ۾ عيبَ اٿئي،
پردو رکُ، يا پردو ڪر.

هاڻي هڪڙي پاسي ٿي،
پاسو ڏي، يا پاسو ڪر.

مون سان ٿي يا مُون مان وڃ،
”ميرَ“ مٿان هي ٿورو ڪر.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نهڪر ڪر، يا هائو ڪر.
ساڙي چڏ، يا سائو ڪر!

پنهنجو پنڌ اڻائو ڪر،
جڳ جو پنڌُ سٺائو ڪر.

ڀُور پرائو پنهنجو ڪر،
پنهنجو ڀُور پرائو ڪر.

سوچن ۾ سرهاڻ رکي،
ڳُڻ ڳُڻ جو ڳالهائو ڪر.

پيار ڪرڻ کان پهرين پيارا!
پيرن هيٺان ڪائو ڪر.

پنهنجي من کي اُجرو ڪر،
ڏورِ اندر مان رائو ڪر.

پنهنجي دل مان درد ڪڍي،
سورُ نہ کو ٻي سائو ڪر.

سرتي مس مس پرتي آ،
”مير“ صبوح سهائو ڪر.



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مُرڪَ سجائي وينو آهيان،
پاڻُ وڻائي وينو آهيان.

دنيا وانگر مان پي سائين!
تنهنجي سائي وينو آهيان.

تنهنجا تورا ڪُتَّا ناهن،
ڳائي ڳائي وينو آهيان.

هڪڙي ئي ماڻهوءَ جي خاطر،
ڳوٺ اڏائي وينو آهيان.

چانڊوڪي چوڌاري آهي،
پوک پچائي وينو آهيان.

واهڻ وستيون واسيان وينو،
درد ڪمائي وينو آهيان.

ساري ديس جي دل وارن جا،
سورُ سمائي وينو آهيان.

نيٺ تہ ڪوئي ايندو ايندو،
ديپ جلائي وينو آهيان.

ڌرتيءَ تي ڪارونجهر وانگر،
پير جمائي وينو آهيان.

تنهنجي آڏو بيٺو آهيان،
”ميرَ“ الائي وينو آهيان!

❤



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويريءَ مٿان وارَ اسان.
يارن جا ئي يارَ اسان.

هوشوءَ جا ڪردار اسان،
هيمونءَ جي للڪار اسان.

ڌرتي جيڪو سوچي ٿي،
آهيون سي اظهار اسان.

پاسڻ ۾ شيهي واري،
دشمن ڪان ديوار اسان.

يارُ سراپا سونهن، سندس
سورنهن ئي سينگار اسان.

دل ۾ اسان جي، دلبر پي،
ديد اسان، ديدار اسان.

جڻ ڪنهن ناريءَ جي سِرَ جا،
پنيا پنيا وارَ اسان.

جڳ جي رونق "مير" اسان،
جهرمر ۾ جنسار اسان.



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پري پريات آهي دوستو!
اجا پي رات آهي دوستو!

پري پاٽي اسان جو ٿي وَيو،
نہ ئي برسات آهي دوستو!

ائين ٿا حق گُهرون پنهنجو، جِئين،
گَهري خيرات آهي دوستو!

ڏِسي ٿو ذات کي ۽ پات کي،
وڏو کم ذات آهي دوستو!

مٿاهين نانوَ کان ۽ ڏانوَ کان،
اسان جي ڏات آهي دوستو!

نہ کنهن آلاپيا سُرَ ۽ نہ ئي،
پکيءَ جي لات آهي دوستو!

ڪِٿي جذبن جو لَٿجي لوڙهہ ٿو،
ڪٿي بارات آهي دوستو!

ڪڏهن پي "مير" جابر جي هٿان،
نہ ڪاڏي مات آهي دوستو.

❤



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنهنجو سورُ سمائڻ گهرجي،
جيون کي جرڪائڻ گهرجي.

ڪاتي ڳالهه لڪائڻ گهرجي،
ڪاتي ڪجهه فرمائڻ گهرجي.

ڪنهن کي شرمائڻ کان اڳ ۾،
پاڻ کي ڪجهه شرمائڻ گهرجي.

ڪڏهين ڪڏهين ٻُڌبي آهي،
ڪڏهين پاڻ ٻُڌائڻ گهرجي.

جيڪو روڪي واٽ اسان جي،
تنهن کي واٽ وٺائڻ گهرجي.

ڪاتي ماڪي هاري ڇڏجي،
ڪاتي زهر به ڪائڻ گهرجي.

واءُ جو ڪمُ ته وِسائڻ آهي،
ڏيئو پو به جلائڻ گهرجي.

ڪنهن جو ٿورو لاهي ڇڏجي،
جي نه لهي، ته به ڳائڻ گهرجي.

جئَن جئَن، رات لڙي ٿي، تئن تئن،
جذبن کي جاڳائڻ گهرجي.

ڪاتي حُجت ڪانه هلي ٿي،
ڪاتي "ميرَ" هلائڻ گهرجي.



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هيڪر اچين تہ وه واه.
دلبر! اچين تہ وه واه.

ڪنهن ريت، ڪنهن بهاني!
هرهر اچين، تہ وه واه.

تنهنجا سلام پهتا،
تون پڻ، اچين تہ وه واه.

اُتما هزار آهن،
آذَرَ! اچين تہ وه واه.

ڏاڍو اُداس آهيان،
جيڪر اچين تہ وه واه.

ڌرتيءَ جو حال اورڻ،
رهبر، اچين تہ وه واه.

جي ”مير“ سان چڏي اڄ،
نَهڪر، اچين تہ وه واه.

❤



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيار ڪرڻ جو ڏوهه ڪيو مون.
ساهه ڪٽڻ جو ڏوهه ڪيو مون.

هُو جو آيو، چنڊُ لِڪي ويو،
وجهه وٺڻ جو ڏوهه ڪيو مون.

ڪاتي جوين گهاري آئين،
ڳالهه پُڇڻ جو ڏوهه ڪيو مون.

اک جو پرجي آئي هُن جي،
لُڙڪ اُگهڻ جو ڏوهه ڪيو مون.

سچ به ڏوهي، مان پيي ڏوهي،
سچ چوڻ جو ڏوهه ڪيو مون.

ڌرتيءَ خاطر، سرتيءَ خاطر،
ويڙهه ڪرڻ جو ڏوهه ڪيو مون.


قاتل! تنهنجي ڪنڌ مٿان ڪو،
ڪاتُ هڻڻ جو ڏوهه ڪيو مون.

ڪنهن جي پنيان ڪو نه هلان ٿو،
"مير" هجڻ جو ڏوهه ڪيو مون.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بوند پوي ٿي، واءُ وري ٿو
هير لڳي ٿي، هانءُ ٺري ٿو
ڍِيل ٿلي ٿي، مور نچي ٿو
ڪو تہ اچي ٿو منهنجي اڱڻ تي!




wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مير عبدالرسول ”مير“ جديد ۽ ترقي پسند شاعرن جي صف ۾ مٿاهون مقام رکي ٿو. هُو ان ست جو سڃاڻ، سُخنَور ۽ سهڻو شاعر آهي. سندس ڪلام پڪو ۽ پختو، ٻولي ٻاجهاري، سادي سلوڻي ۽ مِٺي، تشبيهون ۽ تمثيلون ٺيٺ سنڌي ماحول ۽ معاشري جي ترجماني ڪندڙ ۽ مجموعي طور تي سندس شاعري نه رڳو ماحول ۽ حالتن جي چِٽي تصوير پيش ڪري ٿي، پر پڙهندڙ/ ٻُڌندڙن کي بيحد متاثر پڻ ڪري ٿي. سندس ڪلام ۾ گهڻو ڪري ڌرتيءَ جاين، ديسي سيڻن جي ڀرپور سِڪ سمايل آهي. هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ ٺيٺ ٻهراڙيءَ جي زبان استعمال ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪئي آهي.

مير عبدالرسول ”مير“ جي شاعريءَ جي سيني صنفن جيان، مون کي سندس گيت به نکريل، نسريل ۽ سرنهن جي گُلن جيان ڦولاريل نظر اچن ٿا:

”مير“ جا گيت پڙهڻ سان پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ ۾ سريلو سنگيت گونجي ٿو!

**عنايت بلوچ**

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون کي تنهنجون سارون سهڻا.
جڻ کي ميگهه ملهارون، سهڻا!

جيڪي توسان گهڙيون گهاريم،
ماکيءَ جون سي لارون، سهڻا!

مونڻ جي تو کانءِ کئي آج،
هئه هئه! بوند بهارون، سهڻا!

تو کان پو ويران لڳن ٿيون،
شهر، گهٽيون، بازارون، سهڻا!

توبن جيون ڇيهون ڇيهون،
هينئڙو ڦارون ڦارون، سهڻا!

”ميرَ“ وصل جون واڳون واري،
دردن جو ڪر دارون، سهڻا!

♠



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آڪِ ڦري ٿي، گِرَهُه ڪري ٿو،
ڪو تہ اچي ٿو منهنجي اڱڻ ٿي!

ويل وصُل جي آئي سرتي، آئي جائي پائي سرتي،
پنڌ ۾ آهي، بس ڏِسجي ٿو!
ڪو تہ اچي ٿو منهنجي اڱڻ ٿي!

بوند پوي ٿي، واءُ وري ٿو، هيرَ لڳي ٿي، هانءُ ٺري ٿو،
ديل ٿِلي ٿي، مورُ نچي ٿو!
ڪو تہ اچي ٿو منهنجي اڱڻ ٿي!

ڀَنَ چُرن ٿا، لام لڏي ٿي، ڪنهن جي اچڻ جي آهٽَ ٿئي ٿي،
اِيئَن لڳي ٿو، درُ کڙڪي ٿو!
ڪو تہ اچي ٿو منهنجي اڱڻ ٿي!

♠



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واه جا وڪريا رنگ هوا ۾،
واه جا وڪريا رنگ!

ڪامنهن، ڪانهن، ڪنڌيون، ڪانڌيرا،
ڦيريون پائن سؤ سؤ پيرا،
جهومن پيا جهرجهنگ، هوا ۾،
واه جا وڪريا رنگ!

ڪوئل، ڪونجون، ڪبريون، ڳيرا،
آڙيون، جهرڪيون، طوطا، هيڙها،
ڪانگ، ڪبوتر، ڪنگ، هوا ۾،
واه جا وڪريا رنگ!

سرتيون سرمو پائي نڪتيون،
گهاگهر چيلهه تي چائي نڪتيون،
وار وجهن ٿا ونگ، هوا ۾،
واه جا وڪريا رنگ!

برسي بوند بهاري آهي،
موتي مند ملهاري آهي،
سارَ لڌي سارنگ، هوا ۾،
واه جا وڪريا رنگ!

مست ملنگي ساري فضا آ،
رنگ برنگي ساري فضا آ،
اُڏريا "ميرَ" پتنگ، هوا ۾،
واه جا وڪريا رنگ!

♠



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ورجايو هي نعرو:
جيئي ڌرتي، جيئي ڌرتيءَ وارو!

مُند نہ مٺبي رهندي يارو!
سرءُ هجي يا سيارو.
ورجايو هي نعرو:
جيئي ڌرتي، جيئي ڌرتيءَ وارو!

چنڊ ڪِرڻي يا ٽمڪي تارو،
ڪونہ سُجهي ٻيو چارو.
ورجايو هي نعرو:
جيئي ڌرتي، جيئي ڌرتيءَ وارو!

پاڻي وهندو آ لهوارو،
ڪونہ وَهي اوڀارو.
ورجايو هي نعرو:
جيئي ڌرتي، جيئي ڌرتيءَ وارو!

پنهنجو ديسُ سڀن کي پيارو،
منهنجو ديس نيارو.
جيئي ڌرتي، جيئي ڌرتيءَ وارو!

گيت امن جو آهي اشارو،
جنهن جو مقصد سارو:
ورجايو هي نعرو:
جيئي ڌرتي، جيئي ڌرتيءَ وارو!

♠



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شام لڙي ٿِي،
رات ٿئي ٿي،
اکڙيون مهنجي ياد اُٿي ٿي!

اُڀ تي تارن جهرمِر لاتي،
دلڙي ڪنهن لئہ اڳ ڪان آتي،
ڪانہ سَري ٿي،
رات ٺَري ٿي،
اکڙيون مهنجي ياد اُٿي ٿي!

مونجهہ اندر ۾ موج ڪري ٿي،
ڪاٿي هڪڙي ويل ٺَري ٿي،
پل نہ پري ٿي،
تات تري ٿي،
اکڙيون مهنجي ياد اُٿي ٿي!

هيڏي هوڏي اُٿلان پُٿلان،
هند ڪتولي سان سُڏڪان،
پرهہ ڦُٽي ٿي،
بانگ اَچي ٿي،
اکڙيون مهنجي ياد اُٿي ٿي!

♠



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آچ آچ، مون ڏي اچ،
الا سچ پچ...
تون مون ڏي اچ!

سونهن تہ آ ساٽيهہ جي،
ٻيو سڀ ڪورو ڪَچ،
الا سچ پچ...

مارِي مڙندا ڪينڪيِ،
مارِن ڪان تون بچ،
الا سچ پچ...

تن ۾ تنهنجي تانگهہ آ،
من ۾ ٻاريو مچ،
الا سچ پچ...

الفت جي آڙاھ ۾،
پتنگن وانگر پچُ،
الا سچ پچ...

توسان اورڻ چاھيان،
ڳالهيون آهن ڳَچُ،
الا سچ پچ...

♠



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٿر ڪي تنهنجي سارَ،
او بادل يار!
ڪٿي آن تون.

عرصي ڪان تون آيو ناهين،
ڪارونجهر تي ڇايو ناهين،
سانگيئڙن جي سارَ:
او بادل يار!
ڪٿي آن تون.

ٿر تہ سڄوئيِ بر ٿي ويو آ،
ٻاهہ برابر ٿَرُ ٿي ويو آ،
ٿر ۾ ڪر ٺڏڪار،
او بادل يار!
ڪٿي آن تون.

ڪيڏو پٽ تي راڻو آهي،
گاهُہ نہ ڪاٿي ساڻو آهي،
مرڪي موٽ ملهار،
او بادل يار!
ڪٿي آن تون.

واءُ ورائي ڪو چوماسو،
رڻ ۾ رنگ رچائي خاصو،
وِس وَس ڪر وسڪارَ،
او بادل يار!
ڪٿي آن تون.

♠



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونہ سُجهي ڪو گس،
او ڏيئڙا،
ڪونہ سُجهي ڪو گسُ.

پنهنجو پنهنجي ئي ماڻهن تي،
ڪونہ هلي ٿو وس،
او ڏيئڙا،
ڪونہ هلي ٿو وَسُ.

ذهنن تي جڻ زنگ لڳي ويو،
اکـــڙيـــن ۾ آرس،
او ڏيئڙا،
اکـــڙيـــن ۾ آرسَ.

اونداهي آ اُوٽيهينءَ جي،
راهن ۾ تون رَس،
او ڏيئڙا،
راهن ۾ تون رَسُ.

پونم جهڙي وات ڪٿي آ؟
تون ئي ڪٿي ڏي ڏَس،
او ڏيئڙا،
تون ئي ڪٿي ڏي ڏَسُ.

♠



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڌرتي! توسان پيار، اسان جو،
ساڳيو آ...

ڳاٽ ڏئي تا وات ٻڌايون،
ٻات منجهان تا لاٽ ٻڌايون،
سوچ، سرت، سينگار اسان جو،
ساڳيو آ...

”ڏوکي تي هُٽ جند نہ ڏيسون،
مَرويسون، پر سنڌ نہ ڏيسون“،
هوشوءَ سان اقرار اسان جو،
ساڳيو آ...

ٻانهون ڄڻ تہ ڪهاڙيون آهن،
اکيون آڳ – اُماڙيون آهن،
ويريءَ مٿان وار، اسان جو،
ساڳيو آ...

هرگز ناهُہ نہ تيٽو آهي،
جيسين تائين جيٽو آهي،
ڪانئر سان تڪرار اسان جو،
ساڳيو آ...

♠



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پريت تہ آهي پريت، او پيارا،
پريت تہ آهي پريت!

پريت تہ پوتر پاڻي آهي،
تنهن کان پڇ، جنهن ماڻي آهي،
پريت رسم ۽ ريتَ، او پيارا،...

پريت ڪٿوري خوشبوءِ وانگي،
پريت سموري خوشبوءَ وانگي،
پريت گلن جي نيت، او پيارا،...

پريت برهہ جي برڪا آهي،
پريت سُرن جي ورڪا آهي،
پريت آ گيت سنگيت، او پيارا،...

پريت تي آڱر جو بہ کڻي ٿو،
پنهنجي پير تي ڪات هڻي ٿو؛
پريت جي آهي جيت، او پيارا،...

پريت شرم آ، پريت پرم آ،
پريت حرم آ، دين ڌرم آ،
من جي آهہ مسيت، او پيارا،
پريت تہ آهي پريت!

♠



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون ڏني ترجيح
گمناميءَ کي!
چو تہ مشهوريءَ کان،
امن ان ۾ آ وڌيڪ!!




wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

Pdf make by Shahzado Narejo

میر عبدالرسول ”میر“ شاعريءَ جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن گيت، غزل، ڪافيون، وايون، بيت ۽ نظم وغيره لکيا آهن، پر هُو نظم جي صنف جو وڏيڪ سگهارو شاعر آهي. مون کي سندس نظم وڌيڪ پاورفل محسوس ٿين ٿا.

جديد دَور جي ناميارن شاعرن ۽ نقادن نظم جون جيڪي وصفون ۽ ضرورتون بيان ڪيون آهن، انهن جي ڪسوٽيءَ تي اسين جيڪڏهن مير عبدالرسول ”میر“ جي نظمن کي پرکينداسون ته اُهي بنا ڪنهن شڪ جي جديد دَور جي تقاضائن موجب لکيل آهن ۽ انهن مان کي ته اعليٰ معيار جا نظم آهن.

**شوڪت شورو**

wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

✍

## زندگي...

توکي کهڙي
زندگي ڏيندا اُهي،
جن جي پنهنجي زندگي
پنهنجي نہ آ...!

✍

## خوف

موت جو احساس رک،
پر انهيءَ جي خوف ۾،
ڏِسُ متان گهبرائجي، گم ٿي وڃين، جو
زندگي وسري وڃئي!

✍

## پاڇو

پنهنجي پاڇي کان بہ جيکي،
ڇرڪ ويٺا ٿا پرن!
تن جي پاڇي ۾ الائي،
زندگي ڪٿَن تو ڪٿين!؟



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✍

## ...؟

آرسي ويٺو ڏسين،
يا پاڻ کي!؟

✍

## اي پرين

ڪاش مان تنهنجي هجان ها آرسي.
روز تون مون کي ڏسين ها،
روز مان توکي ڏسان ها،
۽ ائين ئي هڪ ٻئي کي،
هڪ ٻئي ۾،
اي پرين!
پسندا رهون ها!

✍

## هوءَ

آرسيءَ کي جيڪڏهن
ناهن اکيون،
پو پلا هر روزُ توڏي
چو ڏسي ٿي!
ڇا ڏٺو تو ۾ اتائين؟
جو ائين ئي تڪَ ٻڌي
توکيَ ڏسي ٿَي
روز هوءَ!!



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

✍

## جهولي

چو جهلي جهولي انهيءَ آڏو اتئي!؟
جنهن نہ جهوليءَ جو،
نہ اوليءَ جو،
نہ لوليءَ جو،
نہ ٻوليءَ جو،
رکيو ڪڏهين ڀرم!

✍

## اوچو

ڌرتيءَ ڪان جي اوچو ويندين!
ٻُتَ بہ ٽيندئي،
ڳُهتَ بہ ٽيندئي،
ساھہ بہ گُهٽبئي!
ساڻو ٽيندين!!

✍

## اڳ – پٺ

جنهن جي ڪا ”اڳ - پٺ“ ئي ڪانهي،
تنهن جي پويان،
ڪِيئَن لڳين تو!



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

✍

## خوشبوءِ

خير گهرين ٿو خوشبوءَ جو، پر
گلَ پٽڻ کان پوءِ...!

✍

## ذات

ڇا لڪائي چندُ ڪاري ۾ سگهين ٿو؟
سجَ جا ڪرڻا ۽ اُنجي روشني
روڪي سگهين ٿو؟!
ڪنهن به گُل جي واس کي
واڙي سگهين ٿو؟
سچَ کي ٻوڙي سمونڊن ۾ سگهين ٿو؟!
ڪيئَن سمجهين ٿو تہ:
ڳوتا ڪنهن ڳَوٺ جي،
ڏادَ تنهنجي کان ڏکي پي ٿي سگهي!
تنهنجي ٻپ ۽ ڏاڏا کان
تورو ڏجي پي ٿي سگهي!
يا انهيءَ کي ڪنهن طرح پي،
ڪنهن بہ قيمت تي ڪڍهن
روڪي سگهين ٿو!
يا تہ پڪڙائي ۽ جڪڙائي ڪڍهن ماري سگهين ٿو!
ذات کي ڏاري سگهين ٿو ڏاڍ سان؟
يا ڪٽي ماري سگهين ٿو!؟



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✍

## جياپو

ضرورت اَهمُ آهي، يا
مُحبّت اَهمُ آهي؟
جياپي ڪاڻ اي جيڏا!

✍

## اي روشني

ڇا ڏسان تو ڪان سواءِ
اي روشني!

✍

## زندگي!

ڪيئَن جيان توڪان سواءِ
اي زندگي!

✍

## "آرسي"!

آرسيءَ ۾ ڇا ڏسين تو،
'آرسي'!
پاڻَ ۾ ڏسُ،
پاڻ ڪي!!



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

✍

## شڪر

ڪالهه هڪڙي ڊاڪٽر،
ٺهڪ ڏيندي
هيئَن چيو:
"شڪر آهي ربَ جو،
روز مون وٽ انگ ٿو
وڌندو مريضن جو وڃي"!

✍

## نانگ...!؟

نانءَ تنهنجو نانگ ناهي!
پو بہ تنهنجي نانءَ کان،
لوڪ ڇو ڇرڪي پيو!؟

✍

## چهرو

آرسيءَ کي تو جيان ناهن اکيون،
پو بہ توکي تنهنجو چهرو،
روز ڏيکاري پئي!



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

✍

**نانءُ**

چو ڳنديين ٿو؟

ڪنهن ٻئي جي نانءَ سان

مون کي پرين!

نانءَ پنهنجي ڪان سوا!

✍

**سوچَ**

هُنَ چوائي موڪليو

آهي اهو:

هڪ دفعو توڏانهن

مان ايندس ضرور،

۽ آوَس ملڻو اٿم

توسان مگر،

هڪ دفعو، بس هڪ دفعو!

مان اهو سوچيان پيو ٿو:

موت بڻجي،

يا الائي

زندگي!!

✍

**زبانَ**

مان ڪُجي ڪيئَن ٿو سگهان

تنهنجي اڳيان

منهنجا پرين!

مون جڏهن توکي

ڏني آهي زبان!!



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

✍

## پيارَ جا پرٽا

هي جي پرٽا پيارَ جا آهن،
اخبارن جي سُرخين ۾!
ڪهڙو نانءُ انهن کي ڏيندين!
آزادي يا
ڇڙواڳي؟!!

✍

## سُوالُ

ڇا ڪَجي اُنَ لوڪ کي،
جو شرافت کي سَڏي ٿو
بزدلي!
۽ ڪميڻپ کي چوي
مڙسي پيو!!

✍

## سادگِي

ايترو سادو ٿئين، جو
لوڪُ تنهنجي
سادگيءَ کي
بيوقوفي ٿو سڏي!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## روشني

چنڊ کان تون روشني،
گُھرندو نہ ڪر!
ڇو تہ هن ڪي روشني،
پنهنجي نہ آ.

## اڪيون

تون اڪيون ڪولي بہ مون کي،
ڪونہ ٿو ڪڏهين ڏسين!
مان اڪيون بوٽي بہ توکي،
روز ٿو ڏسندو رهان!

## رات

مان زمانن کان وٺي
تو لاءِ جاڳان ٿو پيو!
تون تہ هڪڙي رات پڻ
مون سان نہ ٿي
جاڳي سگهين!
اي زندگي!



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ڪاش!

ڪاش! هُوءَ
ايندي رهي
ويندي رهي.
ڏينهن پويان
رات جئَن!

## ماٺهو

ٻهراڙيءَ جا ماٺهو،
جيڪي شهري ٿي نہ سگهيا!
ڪِيئَن اهي بازاري ٿيندا؟

## شاعري...؟

هِي بہ شاعِرُ،
هُو بہ شاعِرُ،
تون بہ شاعِرُ،
مان بہ شاعِرُ،
پر ڪٿي آ شاعري؟!



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

✍

## مجبوري

حَقَ ادائيءَ ڪي بہ پنهنجو
تو چوين احسان تون!
۽ اسان جي مهرباني
ڪي بہ مجبوري سڏين تو!!

✍

## درد

درد ڪان چو تو بِچين!
چو لڪين تو درد ڪان؟!
درد ئي انسانيت جو
درس آهي،
درد ئي انسان جو
آ ماڻهپو،
مرتبو ۽ مانُ پڻ!
درد ئي انسان جو
معراج آهي،
دراصل!!



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## لقب القاب

هي لقب القاب ۽ انعام سندون،
هيءُ مجتا جا گنل پيتل، ڊنل سرٽيفڪيٽ،
هي آواردن جون پڳل بيساکيون!
پاڻ وٽ محفوظ رک!
يا انهن کي ڏي وجي،
ذهن هوندي،
جي ٽٽا سوچي سگهن، لوچي سگهن!
پنهنجي پيرن جي به هوندي،
پنهنجي پيرن تي ٽٽا بيهي سگهن،
يا هلي اڳتي سگهن!
هي انهن جي آ ضرورت،
جي پڳل بيساکين جي ئي سهاري ٽا رڙهن!
زنده رهن!!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✍

## قَلمُ

هي جو منهنجي هٿَ ۾
آهي قلم!
جڻ کو عَلم!!
جنهن سان منهنجي
ديس جو ٿو
دور ٿئي،
درد و غم، رنج و الم!
ڇا انهيءَ جي
مَسُ کي،
تون کُٿائي ٿو سگهين؟
يا سُکائي ٿو سگهين؟
۽ قلم منهنجو پڇي پورا کري!
شاعري منهنجي
جلائي ٿو سگهين!
جي اِئين ناهي تہ پوءِ،
کِيئَن سمجهين ٿو تہ:
مون کي
مات آهي تو ڏني!



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

✍

## ڪتاب

مون ڏنو تنهنجي هٿن ۾ هي ڪتاب،
شاعريءَ جو
رهبريءَ جو،
زندگيءَ جو،
روشنيءَ جو!
پو بہ جي توکي ملي ٿي
ڪانہ ڪائي
راهہ روشن،
يا نٿو رستو ملي اڳتي وڌڻ جو!
۽ اجا پيي ماڳ ۽ مارڳ
نٿا توکي ملن!
پو پلا مان ڇا ڪريان؟!
مون ڏنو تنهنجي هٿن ۾ هي ڪتاب،
رهبريءَ جو،
زندگيءَ جو،
روشنيءَ جو،
شاعريءَ جو!
جيڪڏهن تو ۾ نہ آهي
ڪو شعور!
ڏوهہ ڪنهن جو؟!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✍

## آرزوءَ جي شام

روح منهنجو ريگزارن جو هرڻ!
پياس ۾ ترڀي پيو،
ڏرتتيءَ ۾ ڇانوَ تو ڳولي پيو،
چؤطرف آهن هوائون،
پر گرم!
باهہ جا جهڙا اُلا،
باهہ جون جهڙيون ڇپيون!
ڊوڙندو ڊُڪندو رهيو،
تيز ڪائيندو رهيو، پر
رُڃَ ساڳي، اُڃَ ساڳي،
ساڳيو رولو، ساڳيو جهولو،
لوچَ ساڳي، سوچ ساڳي!
آسمان ڏي پنهنجي اکڙين
کي کڻي، رُڪجي ويو،
سَهڪي پيو!
آرزوءَ جي شام تي،
ٿڪجي پيو!!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڌرتيءَ جا گيت

ڳائڻ واريون ڳائن ٿيون،
گيچ هوا ۾،
ڌرتيءَ جا ـ
اِيئَن لڳي ٿو:
چڻ تہ اَلهڙ جي،
ڪيرُ ڳچيءَ ۾ ڳٽين جا
تو ڳتَ پارائي!
پو بہ تہ منهنجو هانءَ ٿري ٿو،
ڇو تہ اِهي ئي
ڳٽين جا ڳتَ،
آخرڪار تہ ٻڌجي ويندا،
هارَ ڳچيءَ ۾ آزاديءَ جا!
اِهڙو ڏينهن بہ اَچڻو آهي
آزاديءَ جو!
تنهنجي منهنجي آزادي،
ڳائڻ وارين جي آزادي،
ساري ڌرتيءَ جي آزادي!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڪارو تَهہ

سوچِيان پيو تو زماني جي نگاهن جي ٿئي تي
ابتدا ۽
انتها ڪهڙي طرح!؟
مان تہ اڪثر تو ڏسان،
پِنڻي اِها، نَچڻي اها،
جنهن جي ڪهڙي آسَ آهي!
جنهن کي ڇا جي پياس آهي!
زندگيءَ جي آرزو،
بس ڳيي جي جُستجو!
هٿ ڏگهيري پئي پِني!!
ڊوڙندي، ڊُڪندي رهي ٿي صبح شام
گاڏِين جي درميان،
پورَ مانيءَ جي پُٺيان،
پَئي ڪري هيءَ التجا:
او وڏيرا، او رئيس!
پنهنجي سِرَ- صدقي الا ڪُجهہ خير ڏي،
پيءُ آ بيمارُ منهنجو، ماءُ پڻ آهي مريض!
پينرون معصوم آهن، پاءُ پي معذور آ!
او وڏيرا، او رئيس!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي سِر- صدقي آلا، ڪجهه خير ڏي!
"معاف ڪَر ڪونهي ڪُليو
معاف ڪر ڪونهي ڪُليو"
سچ لَڳي تائين اِئين ٻڌندي رَهي ٿي سو دفعا!
... ... ...
اَڄ ڏٺو مون اُوچتو،
سِڄَ لهڻ جو وقت هو،
ڪا ڊِگهي گاڏي اَچي بيهي رَهي هُن جي اڳيان!
ڪارِ واري، ڪارِ جي ڪولي دَري هُن ڪان پڇيو:
ڏي خبر ڇا حال آ؟
ڪيترا پئسا مليا ٿي اَڄ ڀلا؟
اَچ، اَچي تون ويهه گاڏيءَ ۾ ڇَري!
تنهنجي ۽ منهنجي ضرورت،
جيئَن ٿي پُوري سگهي!
هُوءَ هن جي ڳالهه ڪي سمجهي وئي،
پنهنجي جهوليءَ کي صفا خالي ڏسي،
ويهي رَهي، هوءَ ڪار ۾!!
مون ڏٺو گُهوري شفق ڏي،
۽ سندس لالاڻ پي گُهوري ڏٺم،
جنهن مٿان چڙهندو وَيو پئي
ڪارو تَهُه!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ٻارڙن جو عالمي سال

ڪالهه مون ۾ تو ملهايو سال هو،
ٻارڙن جو عالمي!
اجتماعي، انفرادي،
ڪيتريون ڳڻ ڳاڻيون،
ٻارڙن جي بيڪسي معصوميت ۾
ٻي وَسيءَ جي سلسلي ۾ ٿيون، وري گذري ويون،
ڪيتريون هامون هَڻيون،
اجتماعي، انفرادي،
تو ۽ مون!
ڪيتريون ئي ڳالهيون،
ٻارڙن جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ جي لاءِ ٿيون، پَر
اَڄ سيئي وِسري ويون!
ڪيترا اعلان ٿيا ها ٻارڙن جي حَقَ ۾،
ڪيترو ماحول روشن ٿِئي لڳو،
ڪيترا ڪرڻا لڳا نِروار ٿي،
نُور جون لاٽون ڪٿي اڀِتي وڌيا هئا ڪالهَه، پر
اَڄ اِئين ٿو ڀاسجي ڄڻ،
رات ڪاريءَ ۾ هڙئي گم ٿي ويا!
ٻارڙن جي حَقَ ۾،
ڪيترا نعراءَ ٿيا ها پاس ۾



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيترا اُميد پريا پي مليا اُهڃاڻ، پَر
اَڄ اِئين ٿو ڀاسجي ڄڻ،
سي سيئي گم ٿي ويا!
... ... ...
اَڄ بہ ساڳيا ٻارڙا،
انگ اگهاڙا ٻارڙا،
پيٽ سان پَٿر ٻڌي ڪائن پيا ڦيراٽيون،
پورَ مانيءَ جي پٺيان!
زندگيءَ جي آرزو،
ڄڻ ڳِپي جي جُستجو!
آليون اکڙيون ڪٽي آڪاس ڏي،
بيڪسيءَ وارين نگاهِن سان تَڪيندا ٿا رهن!
اَڄ بہ ساڳيا ٻارڙا،
انگ اگهاڙا ٻارڙا،
باهہ جهڙي پونءِ تي، پيرين اگهاڙا،
لڳَ ڏانديءَ وانگيان،
وارَ واريءَ گاڏڙو،
ڪيترو ڪوماڻجي ۽
ڪيترو مايوس ٿي،
روح کي رولن پيا،
پنهنجو حق ڳولن پيا
ڌرتيءَ ۾،
ڌوڙ ۾!!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## چار وارتائون

ڪالهہ هئي تنهنجي هٿن ۾
مون ڏني،
لَٺ پِي ۽ چَٺ پِي!
۽ اَسان سِيني ڪَي ڏيڪاريون هُيون تو ٻئي شيون،
لَٺ سان گڏ چَٺ پِي!
جيڪو تنهنجي لَٺِ ڪان
هيٺو هيو،
سو وَيو گهبرائجي،
۽ وڃي ويهي رهيو
ڪنهن ڪنڊ ۾!
... ... ...
ڪو تہ تنهنجي چَٺِ تي
تي پيو چڪن،
۽ آچِي تنهنجي اڳيان ٻيهي رهيو،
هَٿَ ٻڌي،
تنهنجي پيرن ۾ ڪِري
آخر پيو!
تو رکيو هُن جي اڳيان
تنهن چَٺ ڪي،
هُو سوا سَاهي پٽڻ جي
چَٺ ڪَي ويٺو لَڪڻ!
زندگي اُن ريت هُو وَيٺو ڪٽڻ!
... ... ...
هي بہ مون ڪي ياد آهي،



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪالهہ هڪڙو شخص هو،
هي بہ مون کي ياد آهي،
ڳالهہ سڀاڳي شخص جي،
ڇا تہ هُن جو ظرف هو،
ڇا هُيو هن جو ضمير!
جنهن نہ تنهنجي لَٽ کان لهرائيو،
جنهن نہ تنهنجي ڇَٽَ ۾ لڪ لَڪ ڪئي،
جنهن نہ تنهنجي خوفَ کان گهبرائيو!
تنهن ڪَسِي تنهنجيِ هٿن مان ڇٽِ ڪَي،
تنهنجي ٻچڙي ٻوٽ تي
ان کي ڪٽي اُڇلائيو،
ٻوٽ تنهنجي تي هُيو ٺُوڪارِيو!
تو انهيءَ ٻي خوف ۽ بيباڪ ۽ بيداغ ماڻهوءَ کي ڪٽي
ڪاٺ ۾ ڦاسائِيو،
تڙپائيو!
نيٺ هڪڙي اَسر جو.سوريءَ مٿان
اُن کي وِٺي لڙڪائيو!
ڇو تہ هو بي خوف هو، بيباڪ هو، بيداغ هو!
... ... ...
اَڄ بہ مان تنهنجي هٿن ۾ تو ڏسان،
لَٽ ساڳي، ڇَٽ ساڳي،
اَڄ بہ تنهنجي آهہ وَس ۾
وار ساڳو، ڇار سَاڳيو
دار ساڳي، ڪار ساڳي!
پو بہ گهبرايان نہ ٿو مان،
ڇو تہ منهنجا پونءِ تي آهن ڪُتل،
پير ڪارونجهر جِيان!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي!

عَرصي کان پيڙا ۾ آهن!
تنهنجي ڌرتي جا هي ماڻهو،
او پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي!
ڪيڏو گهگهُه انڌيرو آهي،
ڪوهين ڏور سويرو آهي.
ڪيڏيون گهٽون، ٻوسٽ آهن،
وحشي هٿ ۾ نِرگهٽُ آهن.
جيءَ سجي ۾ جهير لڳن ٿا،
ذهنن ۾ زنجيرَ لڳن ٿا،
سارا رستا روهَه لڳن ٿا،
ٻوهن پويان ٻوهَه لڳن ٿا.
ڪيڏي مَنَ ۾ مونجهه رهي ٿي،
نظرن ۾ ڪارونجهه رهي ٿي!
سِنڌو آهي ساهُه اسان جو،
هڪڙو ئي درياهُه اسان جو،
ڏکُ سکُ ۾ همراهُ اسان جو،
ان تي ئي ويساهُه اسان جو.
سُو بہ سُڪي تي واري ويو آ،



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سُڪائي ساري ويو آ!
مستقبل اونداهُہ لڳي ٿو،
واهيءَ وانگر واهہ لڳي ٿو.
اهڙو ڪوئي واءُ لڳو آ،
سَر نَسَر کي سوداءُ لڳو آ.
کيت سمورا ڪورا ٿي ويا،
سارا خواب آڌورا ٿي ويا.
ٿامي وانگر پونءِ تَتي آ،
وِيچارَن ۾ سنڌ وَتي آ.
جيڪي مير مهاڻا آهن،
جڻ کي ديپ اُجهاڻا آهن.
ڌرتيءَ جو ڇا هاري آهي؟
ڪوئي جڻ ڌوهاري آهي!
وڻ ٽِڻ سارا سُڏڪا، سڏڪا!
واهڻ سارا سڏڪا، سڏڪا!!
توبن ڪوبہ سَهارو ڪونهي،
توريءَ ڪوئي چارو ڪونهي!
او پٽ ڌڻي! او پٽ ڌڻي!!
اوتارن ۾ اُڃ ئي رُڃ آ،
جاڏي ڪاڏي سُڃَ ئي سُڃَ آ.
واهر ڪَر ڪا هاڻي هاڻي،



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيرُ تو ڄاڻي سِڄُ سُياڻي!
دردن جو ڪو ڏيرو آهي،
گهاوَن جو ڀي گهيرو آهي!
گهات ۾ آهن، ڪات ۾ آهن،
ڄڻ ڪنهن واڳوءَ - وات ۾ آهن،
بَستيءَ بَستيءَ جا هي ماڻهو!

تنهنجي ڌرتيءَ جا هي ماڻهو،
او پٽ ڌٽي، او پٽ ڌٽي!
عَرصي ڪان پيڙا ۾ آهن!!!
وستيءَ وستيءَ جا هي ماڻهو.
تنهنجي ڌرتيءَ جا هي ماڻهو!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✍

## اُڄ، رائو، رُڃ

چو تو رُڃ جي آس لڳائين،
ويرانن ۾ پيرا پائين،
پورن جا تو پارَ پچائين،
ويچاريءَ دل کي تڙپائين!

هلندي هلندي ٿڪي پوندين،
ٿڪي، تڙپي، ٿڪي پوندين،
ٿڪي، ٿڪي، ٽڪجي پوندين،
سُرڪيءَ خاطر سهڪي پوندين!

اُڄ، رائو، رُڃ، ڪوسو واءُ،
گهڙي گهڙي، جڙ گهرو گهاءُ!!

چو تو پنهنجو پاڻ لُٽائين،
ڪنڊن ۾ تو جانِ آڙائين،
ڦاسي پوندين، ڦتجي ويندين،
ننهن ڪان چوٽيءَ رت ٿي ويندين!

ناهي ان ۾ ڦيرُ او سائين،
پاءِ پروڙي پيرُ اِو سائين،
پنهنجو گهر تون خيرُ اِو سائين،
ڪونهي ڪنهن جو ڪيرُ او سائين!

پيار ۾ پيڙا ۽ پڇتاءُ،
گهڙي گهڙي جڙ گهرو گهاءُ!



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## گيتَ سنگيت

ميرِ، الهڙ جي جهاتيءَ وانگر،
مون کي تنهنجا گيت لڳن ٿا.
گيتن ۾ سنگيت مِلن ٿا.

روز مان توکي پڙهندو آهيان،
پڙهندو، پڙهندو رهندو آهيان،
راتيون راتيون ڏيس جون باتيون،
پڙهندو آهيان، ڪڙهندو آهيان.

هَر ڪو شعر ڪا راهه ڏسي ٿو،
اڳتي وڌڻ جي واهَه ڏسي ٿو،
پڙهندي ٿڪبو ناهيان، ڇو جو،
نُقطو نُقطو ڏاهَه ڏسي ٿو.

تنهنجي گيت جو رنگ نرالو،
اونداهين ۾ آهه اُجالو،
تنهنجي شعرن جو مان آهيان،
جڻ شيدائي ۽ مَتوالو!

جڻ ڪي ساوڻ مينهن وسن ٿا،
سوچَ جا تازا گوُنچ ڦٽن ٿا،
ذهن منهنجي تان زنگ لهن ٿا،
اُجرا اُجرا خيال اُٿن ٿا.



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماروئڙن تي ميگهه مَلهارُون،
مون لئه تنهنجا گيت بَهارُون،
منهنجي دل جون چيڙن تارون،
لفظ لَفظ ۾ جڻ للڪارون.

ڪوهَه مٿان ڪونجن جون قطارون،
سات سڏڻ جي لاءِ پُڪارون،
مون کي تنهنجا گيت لڳن ٿا،
اُپ ڏي آهن جڻ ته اُڏارون.

سُرهيون سُرهيون ساهَه سنيارون،
پياريون پياريون پيار پچارون،
مون کي تنهنجا گيت لڳن ٿا،
ننديڻ جي "لڪ چپ" جون سارون.

جڻ کي اُولي مان اُچنگارون،
جڻ ڪو هينئڙو ڦارون ڦارون،
مون کي تنهنجا گيت لڳن ٿا،
جڻ ڪي مارُن لاءِ ميارون.

ڪيڏو تن ۾ ساءُ ملي ٿو،
توڙي ڪو سوداءُ ملي ٿو،
پو به ته مون کي وڻندا آهن،
ايڏا پيارا لڳندا آهن:

ڪنهن ممتا جي ڇاتيءَ وانگر!
مون کي تنهنجا گيت لڳن ٿا.
گيتن ۾ سنگيت ملن ٿا.



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✍

## تون ئي تون

هَر دل ۾ تون وَسين ٿو،
محفل ۾ تون وَسين ٿو.

مارگ ۾ تنهنجا جَلوا،
منزل ۾ تون وسين ٿو.

مَمتا جي مَرتبي ۾،
جيجل ۾ تون وَسين ٿو.

ڪوئل جي ڪوڪ ۾ تون،
بلبل ۾ تون وسين ٿو.

موجن ۾ تون ئي تون ۽،
ساحل ۾ تون وسين ٿو.

شاهَن جي شانِ ۾ تون،
سائل ۾ تون وِسين ٿو.

بادل وَسي ڪِٿي پيو،
بادل ۾ تون وسين ٿو.

تون ڪنڌ تون ڪنارو
پيجل ۾ تون وسين ٿو!

گُل ڦل ۾ تون وَسين ٿو،
هَر گُل ۾ تون وِسين ٿو.



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

✍

## ماٺهو - مانگر مڇ

ماٺهو، ماٺهو،
ڪي ڪي ماٺهو،
جهڙا مانگر مَڇَ!

تَنَ جا ڪارا، مَنَ جا ڪارا،
اندر باهر، هَرجا ڪارا،
سوچ اُنهن جي باهِ ڪکنِ ۾،
ذهن، اِئين جڻ ڪير آڪَنِ ۾!
آس اندر ۾ منهنجي آهي،
ساٿِي ميڙي، سات سَنباهي،
تن تي ڪَريان بچ!
جهڙا مانگر مَڇَ!

ماٺهو، ماٺهو،
ڪي ڪي ماٺهو،
جهڙا مانگر مَڇَ!



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

✍

## ڪنهن جا ڪنهن جا روح

ڪَنهن جا ڪَنهن جن جا رُوحَ،
صَحرا جا سودائي!
راتو ڏينهان رولو جهولو،
واٽ ۾ واسينگن جو ٽولو.
هلندي ڊڪندي، پلجن پيٽڪَنِ،
سُرڪي خاطر سهڪن ترپنِ!
هَرڻ جيان رُج ڪاريءَ ڪي،
پاڻي سمجهي واريءَ کي،
ڪيڏي ڪن تا لُوهَ!
ڪنهن جا ڪنهن جا رُوحَ،
صَحرا جا سودائي!

✍



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

✍

## پارَ


ننڍڙو، ننڍڙو پارُ،
گُلڙن جهڙو پارُ.

ٽِڙندو ٽِڙندو، کِرندو کرندو،
رڙهندو، رڙهندو، اُٿندو وِهندو،
هوريان هوريان، ٿِلندو ٿِلندو،
ٿِلندو ٿِلندو، لُڏندو لَمندو،
تَوري گهٽي تي، چِڙندو رُسندو،
آخر کنهن ڏينهن، ٽپندو ڪُڏندو،
وَڏندو ويندو، وَڏندو ويندو،
ڏسندي ڏسندي، وڏڙو ٿيندو،
منهنجي هِينئين جو هارُ،
ننڍڙو، ننڍڙو پارُ،
گُلڙن جهڙو پارُ.



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي يارُ اسان جو ٿي ويندو
سنسارُ اسان جو ٿي ويندو!
هنَ پارَ جِيان اي يارَ سچڻ،
هُوَ پارُ اسان جو ٿي ويندو!!




wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

Pdf make by Shahzado Narejo

هونءَ تہ مير عبدالرسول ”مير“ جديد سنڌي ’ڪافيءَ‘ جو پڳدار شاعر ٿي اهي، پر سندس فني توڙي فڪري ڪمال اهو بہ آهي تہ هُو شاعريءَ جي جيڪا بہ صنف لکِي ٿو تہ اُن صنف جو ٿي ٿي لکي ٿو!

مير صاحب جا تہ سٽا ۽ چوسٽا بيحد پرپور، معنيٰ خيز ۽ وزنائتا آهن، جن کي پڙهي ڪارونجهر جي ڪورَ تي نچندڙ مورن جا رقص ۽ سانوڻ جي وسڪاري کان پوءِ اُپرندڙ اندلٺ جا رنگ ذهن تي تري اچن ٿا!

**معشوق ڌاريجو**

 Scanned with CamScanner

پيچ پٺائي پيچ!
تون ئي دارون درد جو،
تون ئي منهنجو ويج.

★

تو جي چيا بيت:
سِرجي پيا سنڌ ۾،
ڪلي پيا ڪيت.

★

تو وٽ جوت جمال.
مون وٽ خالي هٿڙا،
داتا! تو در سوال.

★

سوچيان وينو آنءُ،
جيڪو پانڌي پيار جو،
تنهن جو ڪهڙو نانءُ؟

★

سياري لڏي سار.
سيڪين ٻاجهر جا ڳيا،
مَنَهن اندر ٻار.

★



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سُڏڪڻ لڳو ساز:
عرصي کان ناهي ٻڌو،
تنهنجو مون آواز!

★

آيم تنهنجي لاءِ.
ڏاڍو ٿڪل آهيان،
مُرڪي بس ڳالهاءِ.

★

وٺي روز وياج،
هاري ۽ مزدور کان!
اندو هيءُ سماج!!

★

”ماتيليءَ“ جي مُک.
اکيون اُلا آڳ جا،
لڳي پيئي لُک!

★

سيڪو گهر ۾ سُک.
اک ٿي نکري ڪانءَ جي،
لڳي پيئي لُک!

★



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٿي آهين تون؟
وڻ وڻ ڪَئين وڪار جا،
ڳولي ڏٺو مون!

★

ڏينهن هُجي يا رات.
مات نہ ملندي ذات کي،
ذات کي ڪهڙي مات!؟

★

ٻاروچي ٻولي.
جڻ ڪنهن ننڊڙي ٻار کي،
ماءُ ڏني لولي.

★

جاڏي جهاڳيان آنءُ.
تاڏي پَسان تو پِيو،
نرمل! تنهنجو نانءُ.

★

چو ثي ڳوليو مون،
توکي ڪالهہ مسيت ۾.
ڪٿي ناهين تون!؟

★



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنهنجي نيڻ - نهار.
سجڻ منهنجي ساھ جا،
باک ڦٽڻ جا پار.

★

آئي آهي هاڻ.
منهنجي آڳر تي ڪٽي،
چاندوڪئي چانداڻ.

★

روئڻ ۽ مرڪڻ:
سيئي نالا نينهن جا.
رُسڻ ۽ پرچڻ.

★

موسم ڪاڏو ڦير.
ٽِڙيا گل گلاب جا!
آيو آهي ڪيرُ؟

★

مِينهَن سان گڏ جهڪَ هئي!
پو به پهتو مهه لڪا
پاڻ ڪي يي پَڪَ هئي!

★



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ابتدا تو ڪان گُهرانئو.
انتها تو ڪان گهرانئو.
ڪنهن اڳيان جهولي نہ جهلبي،
اي خُدا، تو ڪان گهرانئو!

◆

منهنجي تن مَن جا ڏٿي!
ماڻهپي ڪي مانُ ڏي.
مان رڳو توڪان گُهران،
ايترو ايمانُ ڏي!

◆

توکي سارينئدو اچان توڏي پيو،
ء پڪارينئدو، اچان توڏي پيو.
قول جيڪو مون ڪيو توسان پرين،
سوئي پارينئدو اچان توڏي پيو.

◆



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪڏهن ڪا گهڙي ڪونہ آئين پرين.
ڪٿان ڪان لڙي ڪونہ آئين پرين.
پئي روز تنهنجون ٿي راهون سدا،
ڏسان مان ڪڙي، ڪونہ آئين پرين!

◆

هر دل تي چاهي توکي.
محفل تي چاهي توکي.
منزل جي تون ئي منزل،
منزل تي چاهي توکي.

◆

نہ هيڏي ڏنوسين، نہ هوڏي ڏنوسين،
جڏهن ڪان وٺي يارَ! توڏي ڏنوسين!
جتي تون ئي تون ۽ جتي تنهنجا جلوا،
جڏهن پي ڏنوسين، تہ اوڏي ڏنوسين!!

◆



wwww.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

زمانا، مان توکي ٻُڌائڻ گهُرانٿو،
تہ مان سنڌ ڌرتيءَ سندو ساھ آهيان.
متان مون کي پاڻيءَ جو ڦوٽو تون سمجهين،
پلي غور سان ڏِسُ، مان درياھ آهيان.

◆

زمانا! مان توکي ٻُڌائڻ گهران ٿو،
تہ مان ئي سُجاڳيءَ جو سامان آهيان.
متان مون کي جهُوٽو هوا جو تون سمجهين،
پلي غور سان ڏِسُ، مان طوفان آهيان.

◆

زمانا! مان توکي ٻُڌائڻ گهران ٿو،
تہ مان سنڌ ڌرتيءَ جي تصوير آهيان.
متان شعر منهنجا ٺَلها ٻَول سمجهين،
پلي غور سان ڏِسُ، مان تحرير آهيان.

◆



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُجالي سان ڀرپور هر دل ڏسان ٿو،
مَتي آهہ يارن جي محفل ڏسان ٿو.
اُتو اوجهڙن مان وِڪن کي وڌايون،
پري ناهہ منزل، مان منزل ڏسان ٿو.

◆

صبر وارو پيالو جي لبريز ٿي ٿو،
تہ مظلوم اڪثر بغاوت ڪندو آ!
ٿيو پيٽ خالي آ جنهنجو ٻڪن ڪان،
اَهو چا ٻُڪيو ڪا شرافت ڪندو آ!؟

◆

رات ڪُٽڻ ۾ دير آ ساٿي!
جانِ ڇُٽڻ ۾ دير آ ساٿي!
مان جو وَٿِ کي سوريان وينو،
باکَ ڦُٽڻ ۾ دير آ ساٿي!

◆



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

نہ ئي لُڇبو، نہ ئي ڪُڇبو، هليا، ڇپ چاپ ويندا سين،
اسان سڀ آسرا پنهنجا پليا، ڇپ چاپ ويندا سين.
نہ ڪنهن سان سور سلبا ۽ ڏبا ڪنهن کي نہ ڏوراپا،
شمع جان ”مير“ جلنداسين، جليا، ڇپ چاپ ويندا سين.

◆

سَوا تو حياتي اَجائي پرين،
گهڙي راس هڪ ٻي نہ آئي پرين!
نہ منزل نہ چارو نظر تو اَچي،
رڳو سور توريءَ سوائي پرين!

◆

اي دوست! ڇا پُڇين ٿو، احوال ڪهڙو ڪهڙو،
ڇا ڇا ٻڌايان توکي، ڇا ڇا تباهہ ٿي ويو!
طوفانُ اهڙو آيو، آنڌي بہ اهڙي آئي،
ساحل تباهہ ٿي ويو، دريا تباهہ ٿي ويو!!

◆



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الا! ديس توکي لڳي ڪا نظر وئي،
ڪٿي آهي تنهنجو اڳيون اَج نظارو.
سنڌ چهرو سرسبز ڪاڏي هليو ويو،
نہ ئي ڪيت ساڳيا، نہ ئي ساڳيو چارو!!

◆

اگر ڪوبہ هوشوءَ پارو هُجي ها،
۽ سنڌوءَ جو ساٿي سگهارو هجي ها!
ڪٿي "مير". ڪورا هُجن ڪيت ها اَج،
ڪِٿي مال پنهنجو اُجارو هجي ها!!

◆

سِنڌُ سوچي پئي، سِنڌُ جاڳي پئي.
سنڌ ناهي سُتي، سِنڌُ جاڳي پئي!
ڪير آهي پرائو ۽ پنهنجو هِتي،
سِنڌُ سمجهي پئي، سِنڌُ سمجهي پئي!!

◆



wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

رڳو خواهشن کي وڏائي سگهياسين،
نہ توسان، نہ خود سان نڀائي سگهياسين!
نڪو "مير" مارڳ کي ماٺي ڏنوسين،
نہ ئي ماڳ پنهنجو ٻڌائي سگهياسين!!

◆

بيترس اسان کي ياد اچي ٿو،
ڪو شخص اسان کي ياد اچي ٿو!
جئَن هُن کي وينا "مير" وساريون،
تئَن سرس اسان کي ياد اچي ٿو!!

◆

درد جو درياهہ جهاڳي ڪيترو،
ڪيرُ، ڪنهن جي ڪاڻ جاڳي ڪيترو!
"مير" پنهنجو پاڻ کي ڪيسين رکان،
دَمُ - دلاسن ساڻ واڳي ڪيترو!؟

◆



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سموندن جو پاڻي سُڪائي نہ سگھبو،
قصو فرقتن جو کُٽائي نہ سگھبو!
محبت جو بدلو مليو ”مير“ اهڙو،
ٻُڌي ڪونہ سگھندو، ٻُڌائي نہ سگھبو!

◆

سوچي سوچي مان تہ ٻُڏندو ٿو وڃان،
ذهن ۾ اوڙاھُہ آهي دوستو!
وهڪرن جي جاءِ تي رائو رڳو
هي بہ ڪو درياھُہ آهي دوستو!

◆

سوچي سوچي مان تہ سڙندو ٿو وڃان،
ذهن ۾ آڙاھہ آهي دوستو!
پيٽ مان طوفان واريءَ جو اُڏي،
ديس جو درياھُہ آهي دوستو!

◆



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سونهن – سفر آ ميربحر جو،
ٻ ساگر آ ميربحر جو!
پاڻيءَ تي ھي ٽيڪا ڇا جا؟
”مير“! بحر آ ميربحر جو!

◆

مشڪلن کي منهن ڏيڻ جو نانءُ آهي زندگي.
ماڳ کي لوچي لهڻ جو نانءُ آهي زندگي.
زندگي بيمار صنعت ڪانھ آهي دوستو،
زندگيون پيدا ڪرڻ جو نانءُ آهي زندگي.

◆

اِيئَن ’هٿ تي هٿ رکي‘، وينو ڏسي،
آرسيءَ کي ’آرسي‘ وينو ڏسي!
روشنائيءَ ۾ اکيون پُوري ڇڏئين،
”مير“ ٻوڙي[1] ٻاجهري، وينو ڏسي!

(1) ٻاجهري ٻوڙڻ: سڀ ڪجهه تباھ ڪرڻ



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نرالي ماجرا آهي، مثالي ماجرا آهي!
ڪٿان پي ابتدا ناهي، ڪٿي پي انتها ناهي!!
اهو آخر پلا ڇاهي؟ اسان کي ڪيرُ سمجهائي!
اسين جنهن جي رضا چاهيون، اُهو تنهنجي رضا چاهي!!

◆

سنڌ ۽ در جا فقير آهيون، سنڌ ۽ حُبَ ۾ حقير آهيون،
خُدا جو شڪر آهي، جو اسين تنهنجا اسير آهيون!
انهيءَ اعزاز جو ۽ سَرفِرازيءَ جو سبب هي آ:
اسين مَنَ جا امير آهيون، اسين زنده ضمير آهيون!!

◆

اسين ڪجهه پي نٿا سمجهون شهنشاهن جي شاهيءَ کي،
اسان بس سُونهن جي آڏو سلاميءَ کي قبوليو آ!
اسين تنهنجا غلام آهيون، انهن جا پي غلام آهيون،
جني تنهنجي غلامن جي غلاميءَ کي قبوليو آ!!

◆



wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مون کي ڏنهنجون سارون سڻا

هن سان ملڻ ۾ ۽ ملڻ کان پوءِ عجيب اُداسي اوهان کي گهيري سگهي ٿي، اکين جو ڪم ڪهڙو هوندو آهي؟

اُهي روئي سگهن ٿيون، نهاري سگهن ٿيون، اوهان جي دردن کي سموئي سگهن ٿيون ۽ اوهان کي پنهنجي مالڪ جي اندر ۾ جهاتي پائڻ جو موقعو ڏئي سگهن ٿيون. اُهي اوهان سان پڙچي به سگهن ٿيون، ته رُسي به. اوهان نگاهه جي دائري ۾ اچي وڃو ته پوءِ ڪٿان ٿا جند ڇڏائي سگهو!

۽ جند ته توهان مير صاحب جي نگاهه مان به نه ٿا ڇڏائي سگهو.

آزادي عجيب شيءِ آهي، پر ڪٿي ڪٿي ماڻهو آزاد ٿي نه سگهندو آهي. يا وري آزاد ٿيڻ نه چاهيندو آهي. محبت جو مامرو اهڙوئي آهي، اوهان قيد کي آزاديءَ تي ترجيح ڏيندا آهيو ۽ يقيناً مير صاحب سان محبت جو قيد اوهان دل سان گوارا ڪندؤ.

محترم مير عبدالرسول "مير" سائينءَ سان مان ورهين جي ملاقات جي دعوا دائر نه ٿو ڪري سگهان، پر وري هڪ ٻيو خيال اچي پيو ته جن سان ورهين تائين يا ورهين کان ماڻهو گڏ هوندو آهي، انهن کي ڪيترو سڃاڻي ٿو سگهي؟

اوهان ته هڪ گهڙيءَ ۾ سالن جا سفير هوندا آهيو يا وري سالن ۾ به ناشناسا... مان چاڻ جي مرحلن مان لنگهندي مير صاحب کي ٿورو ڄاڻڻ جي امان حاصل ڪرڻ ٿو گهران.

بنهه سادو، سٻاجهو، ڪم سان ڪم رکندڙ ۽ پنهنجي ڳالهه کي مفصل بيان ڪندڙ مير صاحب جنهن سان محبت ڪري تنهن کي "بابا سائين" چئي مخاطب ٿيندو آهي. گفتگو ڪندي سندس زبان گهٽ ۽ نگاهه وڌيڪ مخاطب ٿيندي آهي ۽ سندس ذهن ڪڙڪيون ڪوليندو ويندو آهي. منهنجي جڏهن به ملاقات ٿي هوندي ته هنن هميشه پنهنجي سوچ ۽ ان جو اظهار ڇٽي نموني مون سامهون رکيو هوندو.

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چپجي! هنن سٽن ۾ نيازمنديءَ سان عرض ڪندس ته حياتيءَ جا سڀ سلسلا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي، ڪوشش ڪيو ته ٿورو وقت ڪڍي ديوانِ مير چپرائي ڇڏيو.

ڪيف ڀوپالي چوي ٿو:

دل نادان نه ڈهڑك، اے دل نادان نه دهڑك،
كوئى خط ليكے، پڑوسى كے گهر آيا هوگا.

گل سى لپٹي هوئى، تتلى كو گراكر ديكهو،
آندهيو! تم نے، درختون كو گرايا هوگا.

مير صاحب ڪي هاڻي اهو سمجهڻ گهرجي ته جيتوڻيڪ نگاهه جو اثر رسوخ گهٽ ناهي ٿيو ۽ سندس اظهار جو پيرايو به سڀ وزن ساڻ رکي ٿو. پر هاڻي ڪابه آندي، هن جي وجود جي پوپٽ جو شاعريءَ جي گل سان ياڪر الڳ نه ٿي ڪري سگهي. مير صاحب ڪي اهو قيد سچي عمر لاءِ مليو آهي ۽ جيڪو ڪجهه ڪيس قبول به آهي ته پوءِ چو نه هو هاڻي پنهنجو ڪل وقت ان شاعريءَ ڪي ارپي ڇڏي. مولاء ڪل سندس ذهانتن جا سڀ ڏيئا روشن رکي. آمين

اسين اُداس اڪين وارا مسافر، هن جي شاعريءَ جي جوت ۾ ڪجهه وڏيڪ پڙهڻ گهرون ٿا.

**محمود مغل**

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سونهري سٽون سر جيندڙ "مير"

جڏهن به پنهنجي اندر جي صلاحيتن کي دريافت Discover ڪري وٺبو آهي، تڏهن پاڻ تي ڪنهن حاصلات ٿيڻ جو انڪشاف ٿيندو آهي. هڪ شاعر کي پنهنجي شاعر هئڻ جي پڪ ان وقت ٿي وڃي ٿي، جڏهن منجهس زندگيءَ ڏانهن نهارڻ لاءِ نڪور جذبا ۽ اجرا احساس اٿلي پون ٿا ۽ ڪائنات جي وشالتا ان جي وجود جو حصو بڻجي وڃي ٿي.

بائرن Child Harold, Byron ۾ چيو:

I am not in my self, but I become portion-of arround me.

ائين سنڌ جي ڀٽڪتي شاعر مير عبدالرسول "مير" جون اکيون به ڪجهه اهوئي پسن ٿيون:

پاڻ کي وينو ڏسان مان چوڌطرف،
آرسي دنيا اسان جي ٿي وئي.

مير هڪ اهڙو تخليقڪار يا ڪلاڪار آهي، جنهن کي گهڻو اڳ پنهنجي وجود جو احساس جاڳي چڪو هو، انگلينڊ جي مشهور ليکڪ جارج اورويل کي به پنهنجي ڪلاونت هئڻ جي خاطري هئي- چيائين:

I knew that, I should grow up, I should be a writer.

مير عبدالرسول "مير" پنهنجي پسِ منظر ۽ پيش منظر ۾ موجود آهي. هو ڪٿي به غائب نه ٿو ٿئي. هن کي پنهنجي هئڻ جو احساس اڳ به هو، هاڻي به آهي ۽ اڳتي به چاهي ٿو. هو پنهنجي سوچن سان اڳتي وڌندو رهي ٿو. سسئيءَ جي پيرن سان سوچن جو اڻٿڪ سفر ڪري ٿو. انگريزي چوڻي آهي:

Ideas have legs

پنهنجون سوچون ڪٿي وڌندڙ مير انساني شعور کي پَرَ (Wings) ڏئي ٿو. هن وٽ شاعري آهي، جنهن کي سهيڙي ڪتاب جي سوکڙي ڪري

wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

خوبصورت هٿن تائين پهچائڻ ۽ ذهنن کي اجرو بڻائڻ هن جو خواب آهي. هن جي آدرش ۾ اڳتي وڌڻ جو ڏس آهي:

مون ڏٺو تنهنجي هٿن ۾ هي ڪتاب،
شاعريءَ جو، رهبريءَ جو، زندگيءَ جو، روشنيءَ جو،
پوءِ به جي توکي ملي ٿي ڪانه، ڪائي راهه روشن،
يا نه ٿو رستو ملي، اڳتي وڌڻ جو،
پوءِ پلا مان ڇا ڪريان؟
مون ڏٺو تنهنجي هٿن ۾ هي ڪتاب،
رهبريءَ جو، زندگيءَ جو، روشنيءَ جو، شاعريءَ جو
جيڪڏهن تو ۾ نه آهي ڪو شعور،
ڏوهه ڪنهن جو!؟

اهو شاعر پنهنجي سوچ سان گڏ رهڻ ۽ پهچڻ ٿو چاهي. شاعر پنهنجي شعر جي مقصد کان الڳ نه ٿو رهي سگهي. Tennyson جي اپياس ۾ پروفيسر ايف جي رائي هن بابت لکيو:

This is present in every poem, he has ever written.

مير عبدالرسول "مير" جهڙن جهانديده شاعرن کي ڏارپائپ Alienation پنهنجو نه ٿي ڪري سگهي. اجنبيت، پراسراريت ۽ اڻ ڏٺل دنيا وقت جي شاعرن کان پري هوندي آهي، شاعر ته وقت جي صدا آهي، تڏهن ته مير به چيو:

گونجي منهنجا گيت، ماڻهن ڏيندا ماڻهپو،
ڏيندا ساري ڏيهه، سوچن جا سنگيت.

مير جي سوچن جا سُر دلين کي اتساهيندڙ Rhythm سان وڻندڙ ڪيفيتون پيدا ڪن ٿا. هُن جي شاعري حيات ۽ ڪائنات جي اٽل اصولن جيان باترتيب آهي. ان ڪري مير Measured Scale جو دامن وٺي ٿو، رواني ڪان خالي شاعريءَ کي شاعر Roger پنهنجي نظم A Good Poem ۾ اٿوڻندڙ ڪوٺي ٿو.

"مير" شاعريءَ جون اهڙيون سٽون سنواريون آهن، جن ۾ سونهري ٻوليءَ Aureate Language جو رنگ پريل آهي. شاعريءَ کي فني سونهن بخشي آهي. ورڊس ورٿ Preface to lyrical ballad ۾ به شاعريءَ ۾ وزن کي

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهميت ڏني آهي. لکيائين Methe is adventitions to poetrys ان ڪري شاعري هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي. تنهن ڪري شاعرن کي پيامبر سمجهيو ويندو آهي. Paul valery جي خيال ۾ اعليٰ ڪلام ۾ اڪثر ايتري همواري، ايتري رواني ۽ ايتري بي تڪلفي هوندي آهي، جو پڙهندڙ اهو سوچيندا آهن ته چڻ وڏي سگهه ڪانئس اهو لکرايو آهي ته اها رواني، لفظن جي هجي يا خيالن جي. "مير" وٽ ڳولڻ بنان ملي سگهي ٿي. "مير" جي شاعريءَ ۾ ڪي آبشار، نديون، درياءَ ۽ سمنڊ جون ويرون، ڇوليون، لهرون، جهرٽا، ڪنيون ڪونهن، انهن ۾ هڪ سانتيڪي لهر آهي. اها سارنگي، ستار، طنبوري، بينجي، دنبوري جي تار تي ڇيڙيل نه آهي، اها ته دل جي تار ۽ تال تي رچيل آهي:

منهنجو جيون، توريءَ آ بن.
جاڙ ڪري ويو، جيئري جوڀن!
ڏات آ ماڪي ۽ مصري فن،
تولئه اجرو، دل جو درپن!
"مير" رکيو مون، اُجرو دامن!

اها رواني، اهو آهنگ، اهو ترنگ دل جي ڌڙڪڻ جهڙو آهي. مير جي شاعري دل جي تارسان ڳنڍيل آهي، ان ڪري مون ان جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ کي ٽڙندي، مرڪندي ۽ ڪجهه ڪندي ڏٺو آهي. زندگيءَ کان پري موت جي اٿاهه گهراين جي خوف کان گهڻو ڏور زندگيءَ لاءِ جاڪوڙيندڙ، جاليندڙ، ولوڙيندڙ، ويندڙ:

آرزوءَ جي ڳالهه ڪر،
جستجوءَ جي ڳالهه ڪري،

زندگيءَ جون اُباٽڪايون، نراسايون، تڪليفون، مايوسيون به "مير" جي لفظن ۾ پناهه وٺن ٿيون. پر هو زماني کان بي خبر هرگز ناهي. هو حالتن کي سمجهڻ جي سگهه ساري ٿو. وقت وڏو استاد آهي، هو گهڻو ڪجهه سيکاري ٿو ڇڏي، انسان جڏهن ذهني ولوڙ مان گذري ٿو ته وقت ۽ حالتون ان تي ڪيترين حقيقتن کي روشن ڪن ٿيون. وقت جو لمحو لمحو، سوچ جي هر پل ۾ هڪ نئون اپتار ڪري ٿو. جيڪو تاريڪين ۾ گس ناهي ٿو.

مختيار ملڪ

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

میر عبدالرسول ”میر“ سنڌي ٻوليءَ جي اُها شخصيت آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾، خاص طرح ’ڪافيءَ‘ جي حوالي سان، سڄي سنڌ ۾ پنهنجي همعصرن ۾ تمام گهڻو نالو ڪڍيو آهي. سنڌيءَ جا جيڪي ’ڪافي گو شاعر‘ آهن، انهن ۾ مير صاحب جي ڪافيءَ جو مطالعو اسان لاءِ بلڪل ائين آهي، جيئن ماڻهو صبح صبح اُٿڻ سان خوبصورت پَکي ڇهچهائيندو ڏسي، جيئن انهن جا رنگ روپ ۽ ٻولي دل کي موهي ٿي، سندس شاعري به جڏهن اسان سنڌ جي فنڪارن کان ٻُڌون ٿا ته اُها به اسان کي بلڪل ائين ئي موهي ٿي! ماڻهو جڏهن سندس شاعري فنڪارن جي آواز ۾ ٻُڌن ٿا ته نه صرف پسند ڪن ٿا، پر جهومن به ٿا!!

نصير مرزا

Pdf make by Shahzado Narejo

wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner



مير عبدالرسول "مير" عامياڻي نه، پر عوامي شاعري ڪري ٿو. وٽس وطن جي حُب به آهي، انسان-دوستي به آهي، آزادي ۽ امن جا اُمنگ به آهن. ظالم کان نفرت ۽ مظلوم سان محبت به آهي ته قومي ۽ بين الاقوامي شعور به آهي!

"مير" مڪمل طرح سنڌ جي سجاڳ ۽ سڄاڻ شاعرن جو ساٿاري آهي. سندس ذات ۾ سچ به آهي ته ڏاڻه به آهي!!

شمشير الحيدري

wwww.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سڀني جا ماڻوارا

"سليم راشد"

سدا سرسبز ۽ شاداب هجو

اوهان جي ڪوشش ڪار ورتي آهي ته منهنجو
شعري مجموعو "سوچن ورچن" جيڪو
سال 2007 ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو ان جو سڀ
ڇپيل ڪاپيون هٿون هٿ کپي چڪيون
اڄ انٽرنيٽ جنهن ته جديد دنيا آهي ان
لاءِ ان ڪتاب جي سافٽ ڪاپي تيار ڪرڻ
لاءِ ان کي (P.D.F) جي فارم ۾ ڪرڻ جو
ته وقت جي ضرورت آهي ان لاءِ آءٌ
اوهان سڄڻ کي گذارش ٿو ڪجي ته
ڪتاب "سوچن ورچن" کي PDF فارم
۾ آڻي پڙهندڙن لاءِ آساني پيدا ڪيو
ته اوهان جا وڏا ٿورا ٿيندس

قرب ڀري سلام سان

07-04-2016

دعاگو

ملڪ عبدالرسول مير

غريب آباد محلو نوابشاهه سنڌ

wwww.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner